
# نِٽشي

(سندس حياتي ۽ فڪر جو هڪ تصويري تعارف)



لارنس گين

بخشل ٿلهو

پيڪاڪ

# نِٽشي

(سندس حياتيءَ فڪر جو هڪ تصويري تعارف)

لارنس گين

بخشل ٿلهو

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي

كتاب نمبر 184

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت
کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نه ٿو ڪري سگهجي.

# نِتشي

ليکڪ: لارنس گين
سنڌيڪار: بخشل ٿلهو
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2020ع
تعداد: 1000 ڪاپيون
ڪمپوزنگ: انور علي سومرو
لي آئوٽ: ظفر آفتاب ابڙو
سر ورق: ڪپتان ابڙو
قيمت: 300 رُپيا

ڇپيندڙ
ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ
پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ
peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ
پيڪاڪ ڪتاب گهر
ڪراچي: 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
فون نمبر: 0341-2570527، peacockbookhouse@gmail.com
حيدرآباد: دڪان نمبر 07 ويجهو ڪلو پڪوڙائي، عبرت پريس واري گهٽي،
حيدر چوڪ، حيدرآباد. رابطي لاءِ: دلشاد گويانگ فون: 0304-3018400
لاڙڪاڻو: ويجهو لياقت ميڊيڪل اسٽور لاهوري محلو لاڙڪاڻو
رابطي لاءِ: مهراڻ ڏامراهو فون: 0333-7503426

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

سائين جاويد ڀُٽي جي نانءُ

جنهن جي سموري شعوري حياتي
فلسفو پڙهندي ۽ پڙهائيندي گذري

پيراڪر

# "مان ماڻهو نہ، بم آهيان"

"هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن منهنجو نالو هڪ ڀوائتي ۽ لِڱ ڪانڊاريندڙ يادگيريءَ جو اُهڃاڻ بڻجي ويندو. هِڪ اهڙي بُحران جو اهڃاڻ، جيڪو ڌرتيءَ جي هيل تائين جي سمورن بُحرانن کان وڌو هوندو. ضمير جي اونهي تَهن اندر، ٽيندڙ ڌماڪن جي پڙاڏي جو هڪ اهڙو اُهڃاڻ، جيڪو اَڄ تائين جي سمورن مڃيل، پوڄيل ۽ چاهيل فيصلن، خيالن ۽ عقيدن جو انڪار هوندو. مان ڪو عام ماڻهو ناهيان، آءُ هڪ بم آهيان."
نِتشي ڪتاب (اي ماڻهوو! هيڏانهن نظر ڪريو)

۽ نِتشَي واقعي بہ هڪ بم هو. هُو پاڻ کان اڳ واري هر اُن خيا (دينيات، اخلاقيات، سياسيات، سماجواد، سائنس، فلسفو وغيره) تي ڦاٽو جنهن وٽ پنهنجي قطعي سچ هئڻ جو ناز هو، جيڪو پنهنجي سونهن تي پاڻ موهجي پيو هو. نِتشَي پاڻ کان اڳ پيش ڪيل سمورن خيالن جي ڪوس گهر جو اَن داتا هو. هِڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن عقل پاڻ کي سماج جي هرشعبي ۾ ثابت ڪيو هُجي تڏهن نِتشَي اُتي اُن خلاف پنهنجي سر جنگ جوٽي ببيهي رهيو. هُن پنهنجي بي رحم تنقيد جي ڪات کي هَر اُنهيءَ شئي تي هلايو جنهن جديد دور جي قدرن کي سَرجيو يا اظهاريو پئي. هُن "قدرن جي نئين سِر قدرسازيءَ" کي اعلانيو. جيڪڏهن اوهان کي پنهنجا آدرش يا پنهنجي نظرياتي سمجهہ ايتري پياري آهي جو اوهان اُن خلاف ڪجهہ پڙهڻ يا ٻڌڻ پسند نہ ڪندا تہ پوءِ هي ڪتاب اوهان لاءِ نہ آهي. هر اُهو خيال جيڪو اوهان کي عزيز آهي سو نِتشَي جو بي سواد ناشتو آهي، جنهن کي ٽورو ڪائي هو ٽُڪي ڇڏيندو.

اِخلاقيات ۽ مذهب جو مامرو تہ پري رهيو پر مون ترجمو ڪندي پنهنجي هڪ قومپرست دوست کي نِتشَي جون قوم بابت لکيل ڳالهيون ٻڌايون، هُن ڏڪ سان پٽي گارڊنس. ساڳي ريت مون هڪ نارِيواد (فيمينسٽ ) سان نِتشَي جا عورت بابت خيال ونڊيا، هُن "پدرشاهاڻي بڪواس" چئي ٻڌو

اُڀڏو ڪيو. ويندي سائنس پڙهندڙ ۽ پاڙهيندڙ پنهنجي هڪ ڪامريڊ ساٿيءَ اڳيان مون نِتشي جي سائنس تي تنقيد رکي ته هُن به ڪجهه وڌيڪ سمجهڻ کان پهرين ئي پنهنجا دفاعي دليل اڳيان ڪيا. سچي ڳالهه اِها آهي ته هڪ مارڪسي هئڻ ناتي منهنجي لاءِ به اُن ماڻهو کي ترجمو ڪرڻ ظاهري طور عجيب هو. جيڪو منهنجي پنهنجي سياسي اشتراڪي خيالن کي پڻ چَٽني چِنايل ڏاند وانگي هر دم لتاڙيندو رهي ٿو.

"جيڪو تنهنجي محفل منجهان نڪتو، سو پريشان نڪتو"

پر ڇا ڪجي هن ايڪيهين صديءَ ۾ فڪر ۽ دانش جو رستو نِتشي جي پاسي (باءِ پاس) مان نه پر سندس منجهان گذري ٿو. بلڪل ايئن جيئن ويهين صديءَ جي مفڪر ميڪس ويبر اظهاريو هو ته: "جنهن دنيا ۾ فڪري طور اسان پاڻ وجود رکون ٿا سا گهڻي ڀاڱي مارڪس ۽ نِتشي جي سرجيل آهي."

ٻئي اُڻويهين صديءَ جي جرمنيءَ جا ڏاها (حقيقت ۾ سترهين کان اُڻويهين صديءَ جو جرمني ڪمال فردن ۽ خيالن جي جنم ڀومي رهيو آهي. ليبنيز، ڪانٽ، شوپنهار، فختي، هيگل،فيورباخ، مارڪس، ۽ نِتشي ته ڪُجهه اهم نانءَ آهن) ٻئي ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ ڪجهه ڏهاڪن جي فرق سان پڙهيا (گهڻو ئي امڪان آهي مارڪس نِتشي بابت ڪونه ٻُڌو هوندو پر نِتشي لازمي طور مارڪس، جي خيالن ۽ اثرن کان باخبر هو.) ۽ ٻئي هر لحاظ کان هڪٻئي جا متضاد خيال ڪٺي پوري دنيا کي اڄ تائين ڇڪيندا رهن ٿا. مارڪس جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو طور طريقو جدلي آهي، نِتشي لاءِ "جدليات ڏانهن اُهي واجهائين ٿا جن جي هٿ وس ٻيو ڪُجهه ڪونهي". مارڪس لاءِ ماڻهوءَ جو جوهر يا ڳر "سماجي پورهيو" آهي ۽ نِتشي لاءِ اُهو انفرادي ۽ لاشعوري "قوت لاءِ ارادو" آهي. مارڪس فرد جي آزاديءَ کي ئي آخري مقصد سڏيو پر ساڳي وقت اُن کي ڪُل جي آزاديءَ سان مشروط ڪيو. نِتشي ڪُل جي آزاديءَ کي نئين آزاد فرد (فوق ال انسان) جي جنم جو نتيجو قرار ڏنو. مارڪس جيڪڏهن "منطق" جو معلم ته نِتشي وري "جذبي" جي سگهه کي پنهنجو سونهون بڻائي هلي ٿو. مارڪس لاءَ عوام تاريخ جو سرجيندڙ آهي پر نِتشي لاءِ عوام ڪيڙن ماڪوڙن جي ڪُت خلق آهي. مارڪس پيڙهيل پرتن کي مٿيرو ڪري سندن سماجي برابري کي ئي انسانن جي آزادي سان ڀيٽيو ته نِتشي اُن کي ڪمزورن جي هڪ اهڙي بيمار

۽ غلامائي اخلاقيات سڏيو جيڪا گهڻ کي مٿي ڪري نہ ڪري پر ان فوق الانسان (انسانن جي آزادي ۽ سدا مٿيراڻپ جي اُهڃاڻ) کي گهڻ تائين ڪيرائي، انسانيت کي ويتر ڪمزور ۽ غلام بڻائي ٿي. پنهنجي ڪتاب "خير ۽ شر کان مٿانهون" ۾ نِتشَي هڪ فارمولو پيش ڪري ٿو. مذهب (خدا اڳيان برابري) + اخلاقيات (قانون هيٺ برابري) + سائنس (سچ ۾ برابري) + سوشلزم (هر ماڻهو جي برابري) = نتيجو: آخري بندرو ماڻهو. نيستي.

اهڙي ريت انهن بنهي مها ڏاهن جا خيال، اسطلاح، قدر، ماپا، پنڌ پيچرا پل الڳ ۽ متضاد ٿيو نہ هجن پر سندن آخري مقصد ۽ منزل هڪ آهي. انسانيت جي ثقافتي ، سماجي اوسر ۽ آزادي. ٻئي ڄڻا عام فهم غالب سوچ، عقيدي پرستي، ماضي پرستي، رواجي طور طريقن جا سخت مخالف آهن. تڏهن ئي تہ سنڌ جي قومي ۽ عوامي ڏاهي محمد ابراهيم جويي گهڻو اڳ سنڌي پڙهندڙن لاءِ نِتشَي جي ڪتاب "بقول زَرتشت" جي باب پهرين ۽ ٻين جي نظرثاني ڪري ، اسان جهڙن لاءِ رستو صاف ڪيو هو. توڙي جو نِتشَي جا خيال خود اسان جي ايشيائي قدرن ۽ فلسفي (تصوف) جي ابتڙ آهن. اسان جو فلسفو نهنائي، ذات جي نفي، مفعولي مزاحمت، ڪُل سان هيڪڙائي، ٻي کي سوري ساڻ ڪرڻ يا عام سان جوڙ جي اصولن چوڌار ڦري ٿو جڏهن تہ اولهہ ۽ خاص طور نِتشَي جو فلسفو جارحيت، ذات جي اثبات، سرگرم مزاحمت ، ڪُل کان ڪنارو ، ٻي کي ڏڪي ڏار ڪرڻ يا عام سان توڙ جي بنيادن تي آڏاريل آهي.

پر جيئن هر وڏي ماڻهو جي سمجهہ ۽ فڪر سان ٿيندو آهي، تيئن نِتشَي سان بہ ٿيو. يعني هڪ تہ ڪيس حياتي ۾ مڃتا نہ ملي (رواجي دانشور تہ پري جي ڳالهہ پر سندس ويجهي ڏاهن دوستن بہ هُن کي پڙهڻ لائق ڪونہ سمجهيو ) ۽ ٻيو جن شين خلاف هو جهيڙيندو رهيو سي سندس موت پڄاڻان ساڻس ئي منصوب ڪيون ويون. بلڪل ائين جيئن سچي زندگي، سرمايي، اڻبرابري ۽ نفرت جي سماجي بنيادن کي واڪو ڪندڙ مارڪس جي مقبري تي تازو لنڊن ۾ "نفرت جو مبلغ" ۽ ٻي گهٽي منفي چاڪنگ ڪئي وئي آهي. نِتشَي جي خيالن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ فرائيڊ ۽ جارج برنارڊ شا (ڪمال خيالن جو مالڪ هي ڏٺي تہ پاڻ کي آئرلينڊ جو نِتشَي چوندو هو) کان وٺي ميڪسم گورڪي تائين انيڪ ڏاهن کي متاثر

ڪرڻ شروع ڪيو هو. پر جلد ئي نازي فاشسٽن نِنشَي جي فڪر کي، سندس ڀيڻ الزبيٿ جي مدد سان ٽوڙي مروڙي، پنهنجي سياسي پروپيگينڊا لاءِ استعمال ڪيو. (انفرادي حيثيت ۾ ساڳو ڪم نِنشَي کان متاثر ، ننڍي کنڊ جي شاعر اقبال پڻ ڪيو . هُن بہ نِنشَي جي سيڪيولر فوق الانسان کي اسلام جو مردِ مومن ۽ مجاهد بڻائي، اُن کي پنهنجي فن ۽ سياسي فڪر جو مرڪزي خيال بڻايو) اهڙي ريت نازين جي بگاڙ سببان اولهہ ۾ نِنشَي لڳ ڀڳ 60 جي ڏهاڪي تائين مردود ٿيو مُدفن ٿي رهيو ۽ تنهن کان پوءِ ئي سندس خيال پنهنجي پنهنجي اصليت سان عام اڳيان ظاهر ٿيڻ لڳا.

اڄ صورتحال اها آهي تہ وجوديت، تحليل نفسي، مابعد جديديت سميت ڪوڙ سارن پُراڻن توڙي نون فڪري رجحانن جي ڳر ۾ نِنشَي جا خيال موجود آهن. اڄ فلسفي جي دنيا، سماجي شعور جي سموري صورتن (اخلاق، فن، قانون، مذهب، سياست، سائنس ۽ فلسفي ) مٿان، هڪ فيلسوف جي حيثيت ۾ نِنشَي جي اثرن کي هڪ راءِ ٿي قبول ڪري ٿي پر ڏٺي پاڻ ڪهڙو فيلسوف آهي؟ ان تي اُها ورهايل آهي. سهيوڳي دور جو فرانسيسي فيلسوف ايلان باديو کيس "فلسفي مخالف" فيلسوف سڏيو. ساڳي ئي ڏرتي جي هڪ ٻي فيلسوف آندري ڪامر (جنهنجو گڏن تي فلسفياڻي بحث واري هڪ ڪتاب جو جاويد راڄپر جي محنت سان شاندار سنڌي ترجمو بہ جلد اچڻ وارو آهي) نِنشَي لاءِ چيو تہ "هو هر دور ۾ ، هڪ ئي وقت صحي ۽ غلط هوندو آهي". سندس متضاد ڳالهين کي سامهون رکندي وجودي فيلسوف ڪارل جيسپر چيو هو تہ نِنشَي جي ڪنهن هڪ ڳالهہ کي سمجهي پوءِ آرو ڪري نہ ويهجي، نِنشَي کي پڙهندو رهڻ گهرجي تان جو پوئين ڳالهہ جي ڪو متضاد بيان اوهان سامهون اچي. تڏهن ئي بهتر نموني سان سمجهي سگهجي ٿو تہ ڏٺي جو اصل مقصد ڇا آهي. ايئن هڪ ٻيو مضمون هو "سهيوڳي دور جي فيلسوفن جي نظر ۾ نِنشَي ڇا آهي؟" (what does Nietzsche mean to philosophers today?) جنهن ۾ ڇهن فيلسوفن کان نِنشَي بابت ساڳا سوال ڪيا ويا پر جڏهن جواب سامهون آيا تہ صرف هڪ ڳالهہ ئي يقين سان چئي سگهجي پئي تہ "نِنشَي اڄ بہ پاڻ بابت خيال کي ورهائي ٿو"

ان حقيقت کان ڪو انڪار ڪونهي تہ نِنشَي هڪ موضوعيت پسند، ماياواد فيلسوف آهي ۽ اِهو بہ سچ تہ سندس سمجهاڻي ۽ خيال گهڻي قدر

سندس جديد لبرل، انفراديت پسند دنيا جو نتيجو ۽ ان سان ٺهڪندڙ هيا ۽ انهيءَ سبب ڪري ڪوڙ سارن حوالن سان سياسي طور تنقيد جوڳا هئا ۽ آهن. پر سندس دور جي ڪجهه مارڪسي مفڪرن (Leon Trotsky 1900 On the Philosophy of the Superman) جو ڏانهس اُهو ئي قطعي رد وارو رويو رهيو. جيڪو ٿوري گهڻي فرق سان فيورباخ جو هيگل ڏانهن رهيو. جنهن تي مارڪس جي تنقيد اها هُئي تہ فيورباخ ايئن ڪري، ڄڻ ميري پاڻي جي ٽب ۾ ڪيڏندڙ زندهہ ٻار کي پاڻي سميت اڇلائي ڇڏيو. (ساڳو رويو اسان جي تر جي ڪميونسٽن جو سعادت حسين منٽو ڏانهن پڻ رهيو). اهڙي ريت هر فنڪار ۽ فيلسوف کي ڇڙواڳ، آزاد خيال، خيال پسند ۽ بورجوا سماج جو داعي چئي رد ڪرڻ سان ڪجهہ ڪونہ ٿو وري. اسان ڏٺو آهي تہ جڏهن فن ۽ فلسفي کي سياست تائين سڌي ريت ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ پهريان ڄاڻايل ٻئي شعبا سوڙها ٿي سُڪڙجي ويندا آهن. آخر انهن سببن تي اسان نہ ويچاريندا سين تہ ڪير ويچاريندو تہ اشتراڪي روس، عالمي سطح جو صرف هڪڙو ئي فيلسوف (اليانڪوف) ڇو پيدا ڪري سگهيو؟ آخر ڇو چين اندر "چيني خاصيتن وارو سوشلزم؟" فلسفي جي عالمي جديد ميدان ۾ ڪو هڪ نالو بہ ڳڻائڻ کان لاچار آهي. مان سمجهان ٿو تہ جهڙي ريت بند گهٽيءَ ۾ ڦاٿل ارڙهين صديءَ جي مادي ميڪانڪي فلسفي کي اوسر جو دڳ هيگل جي خيال پسند فلسفي ڏنو. تيئن اڄ جي ميڪانڪي مارڪسيت، ڪارٽي معروضيت يا لازميت کي پيچڻ لاءِ نِتشَي وٽ پڻ گهڻو ڪجهہ آهي. جنهن کي سمجهي ڪري ئي هڪ تہ پنهنجي ڪجهہ ڪوتن کي بهتر ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻيو انهن سمورن مارڪسزم مخالف فڪري رجحانن (وجوديت، مابعد جديديت وغيره) کي مُنهن پڻ ڏئي سگهجي ٿو جيڪي پنهنجو اُتساهہ نِتشَي جي فلسفي کان حاصل ڪن ٿا.

مون لاءِ سنڌيءَ ۾ نِتشَي جي ترجمي جو وڏو سبب بہ اِهو هو. يعني هڪ دفعي جي لکت کان پوءِ اسان جي نہ مٽجڻ واري فڪر ڦرهي. اسان جو گهڻو ٽڪو رجحان، سدا متحرڪ سنجيده فڪر، فهم ۽ خيال سان سادي جُرئت جوڙي، خيال ۽ پاڻ کي مجرد ڪرڻ وارو ٻين لفظن ۾ تنقيدي فڪر سان عام تقليدي وهنوار وارو رهندو پيو اچي. ٻين کي تہ ڇڏيو پر اسان جيڪي پاڻ کي سائنسي يا مارڪسي سڏيون ٿا، سي پڻ هڪ دور جي مطالعي تي

آزاري ، تهان تنقيدي ۽ سدا سائو هئڻ واري خوش فهمي ۾ رهون ٿا ۽ ويساري ٿا ويهون تہ بيئل پاڻي ۽ بيئل خيالن جو سياءُ ساڳو هوندو آهي. يعني ڏپ. سنڌ جي هاڻوڪي سياسي ۽ فڪري صورتحال پڻ ان شئي جي تقاضا ڪري ٿي تہ ان ساهہ ٻوساٽيندڙ ڏپ کي ختم يا گهٽ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻي ٻي ٽي جهڙن خيالن لاءِ رستو ٺاهجي ۽ هر ان خيال، قدرِ ۽ سمجهہ کي اڳيان ڪجي، جيڪو اسان جي زنگيل ذهن جي سنداڻ تي هٿوڙي وانگي لڳي ۽ لرزي، جيڪو ذهن جي زمين تي گوڏي جيڏي بيئل اجائي گاهہ کي ساڙي رک ڪري، جيڪو مدي خارج پراڻ کي پٽي، کيڙي ، اونڌو ڪري تہ جيئن نون خيالن، قدرن ۽ سمجهہ جي آبياري ممڪن ٿي سگهي. ان ڏس ۾ فلسفي جي شعبي اندر سنڌ جي خدمت نِتشَي ئي ڪري سگهي ٿو. هوئين تہ هر ترقي پسند ماڻهو مُدي خارج پراڻ جو دشمن هوندو آهي پر نفسياتي، فڪري يا فلسفياڻي نڪتہ نگاهہ نِتشَي جهڙو واضح، چٽو ۽ بي رحم ڏاهو انساني تاريخ ۾ ورلي ڪو ٻيو هوندو.

نِتشَي، پنهنجي دور جي رائج طور طريقن ۾ پنهنجي سمجهہ ناهي رکي. سندس ڳالهہ چوٽين، ننڍين ننڍين ٽوٽڪن، استعارن ۾ هوندي آهي. هو وڏي، تفصيلي ۽ مدلل لکڻيءَ جي خلاف آهي. سندس چوڻ آهي تہ "مان ڳوڙهن مسئلن کي ٿڌي پاڻي سان سنان جيان ڏسندو آهيان، تڪڙو ڪِهڙي ۽ ٻيهر تڪڙو نِڪرندو آهيان" . ان لحاظ کان هي ڪتاب چئڻ تہ نِتشَي جي چوٽين ۽ پهاڪن جو ڪتاب آهي. جيڪو ٻين شين يا خيالن سان گڏ اسان کي پنهنجي ذات کي سمجهڻ لاءِ اتساهي ٿو.

نِتشَي جو مڃڻ هو تہ "هر ماڻهو پاڻ کان اوپرو آهي". شايد ان ڪري، علم جي سمورن دائرن منجهہ سڀ کان ڏکيو دائرو هُن لاءِ ذات جو علم هو ۽ ان "علم جون آخري حدون" ٽپڻ ئي نِتشَي جو مقصد رهيو. پنهنجي ئي خيال جي سڌي چير ڦاڙ ۽ پنهنجي ئي روح سان ان سطح تائين بي رحم ٿيڻ جي قيمت، نِتشَي نيٺ پنهنجا آخري ڏهاڪو کن سال چريائپ جي حالت ۾ گذاري ڏني.

تنهن ڪري سمورن اختلافن باوجود ڪيس ائين پليڪار چئجي جيئن اسان کي هڪ ٻيو روسي ڪامريڊ، وڪٽر سرج (Victor Serge) پنهنجي 1917 ۾ لکيل نِتشَي تي هڪ شاندار تنقيدي مضمون ( A critical essay on

Nietzsche) ۾ صلاحي ٿو.

اسان سڀ بي رنگ فلسفن، لفاظين، پاتل لاٿل لفظن، منافقاڻي اِظهارن، ايمانداري ۽ جذبي کان عاري سڪيائن کان بيزار ٿي پيا آهيون. ... آه، اِهي ساڻا خيال، جيڪي سرڪاري تقريرن... هن هيٺين ٿي ويل زندگيءَ، ۾ پلبا رهندا آهن. دل چوندي آ ته پنهنجي ڪنن تي هٿ ڏئي ڪا دانهن ڪجي ته "بس! گهڻو ٿيو" ننڍ پلي آ، روح جي اهڙي زوال کان. پليڪار ڪيو ۽ اچڻ ڏيو اُن ماڻهوءَ کي جيڪو ڪٿي ڪٿان به اچي پر جيڪو پيار ۽ نفرت ڪري ڄاڻيندو هُجي. جنهن جي ايمانداراڻي ڳالهه اسان سان مخاطب ٿئي تي "مان چاهيان ٿو اوهان جاءِ ڇڏيو جي نه ته مان پاڻ اوهان کان سواءِ رستو صاف ڪري ڇڏيندس" اِهو ماڻهو توڙي جو اسان جو دشمن آهي پر هڪ مثال جوڙي ٿو ۽ اسان آڏو هڪ بيش قدر شئي رکي ٿو.سچ، پنهنجو قيمتي سچ.

سو اِهي خيال ڪٿي هڪ تعارفي ڪامڪ سيريز (تصويري سلسلو) منجهان "نِتشَي" جو ترجمو ڪيو اٿم ۽ گذارش به اها آهي ته اُن کي تعارفي ئي ڪري پڙهجي. سنڌيءَ ۾ فلسفي جي موضوع تي گهٽ لکٽيون آهن. اسان سائنس وانگي ان شعبي ۾ پڻ گهڻو غريب آهيون. ان غربت جو اندازو اسان کي پنهنجي تجربي منجهان به ٿيندو هو جڏهن سائين جويي پاران جارج پوليزر (فلسفي جو ابتدائي ڪورس) جي ترجمي کي اسان مذاق ۾ "اختتامي ڪورس" ڪري پڙهندا هياسين. (جنهن ۾ جويي صاحب جو گهٽ پر اسان اڏ پڙهيلن جو ڏوهه گهڻو هوندو هو) ساڳي ريت سادو ۽ عام فهم بڻائڻ جي ڪوشش کان پوءِ به امڪان آهن ته گهڻن تڻن پڙهندڙن کي هي ڪتاب مٿان ڏکيو لڳي. هڪ فلسفو سو به نِتشَي جو جيڪو هوئين ئي ڏکيو هوندو ۽ ڏکيا ڪم پاڻ کي ڪرڻ به گهرجن. جيئن نِتشَي هڪ هنڌ پاڻ چئي ٿو ته "ڄاڻ جي حوالي سان هر حاصلات پاڻ ڏانهن سختيءَ جو نتيجو آهي" مٿان اسان جهڙا مترجم، جن وٽ محنت گهڻي پر هُنر گهٽ هوندو آهي، شايد ويتر مامرو منجهائي ڇڏيندا آهن. بهرحال سمجهان ٿو ته هڪ حوالي سان سمجهڻ ۾ سولائي به ٿيندي ، ڇو ته ڪتاب تصويري آهي، جيڪو گهڻو ڪري سنڌيءَ ۾ نه ته فلسفي جي شعبي ۾ پڪ سان پهرين


ڪوشش آهي. ڪتاب جا پهريان صفحا، نِتشَي جي فڪري محرڪن تي آڌاريل آهن. تنهن ڪري نستبتاً ڏکيا آهن پر پوءِ مختلف شين تي ڳالهائيندي، ڪتاب ڪنهن قدر سولو ٿئي ٿو. ڪجهه ڏکين اسطلاحن ۾ نون نالن کي نشانبر ڪري انهن جي وضاحت ڪتاب جي آخر ۾ ڏني وئي آهي. ان سان گڏ نِتشَي جي ٻين ڪتابن منجهان ڪي اهم ڳالهيون ۾ چوٽيون پڻ ترجمو ڪري پيش ڪيون اٿم تہ جيئن ممڪن حد تائين نِتشَي جا خيال هڪ ڪتاب ۾ پڙهندڙ وٽ پُهچي سگهن. گڏو گڏ مان ساٿي جاويد راجپر، شفقت قادري ۽ ننگر چني جو ٿورائتو آهيان، جن ڪتاب جي مختلف حصن تي نظر وجهي، ان کي ويتر پڙهڻ لائق بڻايو آهي. اميد تہ هي پورهيو پنهنجا پڙهندڙ لهندو ۽ جن جي تنقيدي موٽ سان اِن سلسلي جي ايندڙ ترجمن کي اڃا بهتر ڪري سگهبو. آخر ۾ مان متي چاٽايل وڪٽر سرج جي مضمون جون آخري سٽون هتي رقم ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪي هڪ مترجم جي حيثيت ۾ منهنجي پنهنجي خيالن کي بهتر طور اظهارين ٿيون.

"مان ڪيس (نِتشَي کي) ٻڌان ٿو ۽ هُن جي شاهڪار ادب کان متاثر ٿيان ٿو. پر مان هُن جو پوئلڳ ناهيان. هڪ آزاد سوچيندڙ ۽ نقاد جي حيثيت ۾ هُن جو نقل ڪندي، مان ڪانئس پنهنجي سچ جي ڳولا ۾ مدد گهران ٿو. سندس تعصب جي تانگهه کان مان ڀُليل ناهيان ۽ نہ ئي مان سندس غلطين کان اکيون ٻوٽيان ٿو. هو (پاڻ) ماڻهن ۽ شين کي بنا ڪنهن رک رکاءُ ۾ هڪ باغيءَ جي گستاخ اک سان ڏسي ٿو. (مان سوچان ٿو) هو تِن جي نابينائيءَ کان ڪيئن نفرت ڪري ها جيڪي ڪيس اڄ اجايو بُت بڻائڻ جي ڪوشش ۾ آهن، چاڪاڻ تہ سندن مُرشد کي ڪي مريد گهربل ڪونہ هُئا. آخر ۾ مان زَرتشت جا ئي لفظ ورجايان ٿو جيڪي هُن اُنهن ماڻهن کي چيا، جن جو گمان هو تہ هو ڪيس سمجهن ٿا: "هاڻ مان اوهان کي حُڪم ڏيان ٿو تہ منهنجي پَچَر ڇڏيو ۽ وڃي پنهنجي ڳولا پاڻ ڪريو."

**بخشل ٿلهو**

حيدرآباد

اڻوهين صديءَ جي ڏاهن جي عظيم ميڙ جي مُنڍ ۾ بيٺل سڀ کان سگها ٽي نانءَ ڪارل مارڪس (83-1818)، سگمنڊ فرائيڊ (1939-1856) ۽ فريڊرڪ نِتشَي (1900-1844) آهن. سماجي معاشي نظام تي مارڪس جي تنقيد ۽ نفسياتي جنسي زندگيءَ بابت فرائيڊ جو ڇيد، ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ ڇڳيءَ ريت هضم ٿيل آهن. جڏهن ته نِتشَي جا خيال جديد شعور جي اُفق تي هڪ اهڙي پريشان ڪندڙ ۽ خطرناڪ مهاڏي طور موجود آهن جن لاءِ ڏٺي ڪي پاڻ اندازو هيو ته سندس حياتيءَ ۾ انهن لاءِ ڪوبه سينو نه سهائيندو. ”هڪ اهڙي ڪتاب جو تصور ڪيو جيڪو اهڙن واقعن جو ذڪر ڪندو هجي، جيڪي عام ۽ خاص تجربن جي امڪان کان ٻاهر هجن، جيڪو ڪتاب تمام گهڻن نون تجربن جي ٻولي هجي. اهڙي حالت ۾ اُن کي ڪير سمجهندو!“




اڄ سؤ سالن ڪانپوءِ اسان ڏيرج سان اُنهن تبديلين کان باخبر ٿي رهيا آهيون جيڪي سچ، سائنس ۽ اخلاقيات سان اسان جي رشتي ۾ آيون آهن، (۽) جن بابت نِتشَي اڳواٽ ڳالهه ڪئي هُئي.

# اوائلي سال

15 آڪٽوبر 1844ع ڏاري راڪن، سيڪسنيءَ (جرمني) ۾ لوٿر جي پوئلڳ پادريءَ جي گهر منجهه هڪ ٻار پيدا ٿيو جنهنجو نالو فريڊرڪ وليهم نِنشَي هو. ان خاندان وٽ پولينڊ جي نوابي نسل جي دعوا هُئي ۽ اِن ڪيترن ئي نسلن تائين پادري پيدا ڪيا.




جڏهن نِنشَي پنج سالن جو هو تڏهن سندس پيءُ ڪِري پيو ۽ مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو. ٻين سال سندس خاندان نومبرگ لڏو ڪٽي ويو. پاڻ ۾ئي (گهٽو ٽٽو) گهر رهندڙ ننڍو نِنشَي، موسيقي ۽ شاعري سان چاهه رکندو هو. اسڪول ۾ ڪيس "ننڍو پادري" سڏيو ويندو هو ۽ گهر ۾ هُو پنهنجي ماءُ، هڪ ڀيڻ، ڏاڏِي ۽ ٻن چاچين سان گڏ رهندو هو. اِهو هڪ تشڪيلي تجربو هو جيئن اسان اڳيان هلي ڏسنداسين!

1858ع ۾ 14 سالن جي نتشي نومبرگ ويجهو مشهور اسڪول، فورتا ۾ پڙهڻ لاءِ وظيفو (اسڪالر شپ) حاصل ڪيو. اِهو لوٿر جي سخت رجحان سان جُڙيل هڪ اعلي تعليمي معيار رکندڙ رهائشي اسڪول هو، جتي نتشي ڪلاسيڪي علم سان پنهنجو چاهه حاصل ڪيو. هُن يوناني ۽ لاطيني ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ پاڻ کي افلاطون ۽ ايسڪيلس جي مطالعي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.




1864ع ۾ جڏهن نتشي فورتا اسڪول ڇڏيو تڏهن بہ سندس خيالن ۾ تبديليءَ جو ڪو خاص اهڃاڻ موجود ڪونہ هو. هُن پنهنجي استادن جي مهرباني مڃي ۽ "خدا ۽ بادشاهہ" جي احسانن جي قرض جو ذڪر ڪيو.

آڪٽوبر 1864ع ڌاري ويهہ سالن جي عمر ۾ نِتشَي، بون يونيورسٽيءَ ۾ دينيات (Theology) ۽ علم التحقيق (Philology) * پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو پر هُن جلد ئي دينيات منجهان هٿ ڪڍيا. ان جي وضاحت پنهنجي ننڍي ڀيڻ الزبيٿ ڏانهن خط ۾ هُن هيئن ڪئي.




مٿئين سال هو پنهنجي دل پسند پروفيسر رچل پُٺيان ليپزڪ ڏانهن لَڏي ويو جتي سندس استاد کي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ جي نوڪري مِلي هُئي.

# شوپنهار: زندگيءَ جو انڪاري

ليپٽڪ ۾ هڪ پراڻن ڪتابن جي دُڪان (ڪباڙيءَ) تان نتشي هڪ جرمن مايا واد فيلسوف آرٿر شوپنهار (1788-1860) * جو ڪتاب "دنيا بطور ارادي ۽ خيال جي" (The world as will & idea) ڳولي هٿ ڪيو جنهنجي دهريت جا پڙاڏا سندس پنهنجي لکڻين منجهان بعد جي عرصي ۾ به ايندا رهيا.



پنهنجي عظيم مُهڙئي اميونل ڪانٽ جيان شوپنهار لاءِ بہ دنيا جيڪا نظر (phenomena) اچي ٿي ۽ دنيا جيڪا حقيقت (noumena) منجهہ آهي، ۾ بنيادي نوع جو فرق آهي. سمورا ڏيک لڪل حقيقت جو صرف طبعي اظهار آهن. شوپنهار لاءِ اها لڪل حقيقت ارادو آهي.



امڙي ريت منهنجي جسماني حرڪت جي ڏيک پٺيان منهنجي خواهش يا ارادي جي حقيقت موجود آهي. اهو ارادو زمان ۽ مڪان ۾ منهنجي جسم جيان موجود ناهي. اها ڪا طبعي شئي ناهي. پر (اِهو) سموري ڪائنات ۾ موجود ڪُل جاندار توڙي بيجان فطرت جي بنياد طور موجود هوندو آهي.

اِها ابدي ۽ غير طبعي ڪائناتي قوت، شوپنهار کي ڪنهن خدا جي خيال ڏانهن ڪونہ ٿي نيئي اُن جي اُبتڙ هُن ارادي کي سمورن سورن جي سبب طور سمجهيو. ڇاڪاڻ تہ ارادي جي ڪڏهن بہ اطمينان يا شُڪر سان ناهي پوندي. اهو (ارادو) تہ ويتر وڌيڪ خواهش جي بخشش ڏيندو آ (گوتم ٻُڌ جي سِکيا جو هڪ پراڏو). بس اسان لاحاصل خواهشن پٺيان اننت ڊوڙ جي سزا ۾ آهيون. "اسان چڱيءَ ريت ڄاڻيندي بہ تہ اِهو ڦاٽي پوندو (پو بہ) صابڻ واري ڦوڪڻي کي ممڪن حد تائين ڊگهو ۽ وڏو ڪندا ويندا آهيون."

اِها ڳالھ صلاحي ٿي تہ مايوسيءَ جي مات جهولي پائي، هر شيءِ منجهان هٿ ڇنڊي، زندگيءَ کي (ڪُلي جيئڻ بجاءِ) جيترو بهتر انداز ۾ ٿي سگهي ٿو، اوترو برداشت ڪندو هلجي. توڙي جو بعد ۾ نِتشي انهيءَ ڳوڙهي ڏک درسائپ کي رد ڪيو (پر) شوپنهار جو دنيا بابت تاريڪ ۽ ناستڪ خاڪو سالن ڪڏ رهيو جنهن کي بنا ڪنهن تسلي ۽ قطعي معنيٰ واري انڌي ارادي متحرڪ رکيو ٿي.



## هڪ عالِم دُشمن عالِم

1867ع ڌاري پروشيا جي فوج ۾ عسڪري خدمتن لاءِ نِتشَي کان تعليم ڇڏرائي وئي. آرٽلري ريجمنيٽ ۾ ڪم دوران گھوڙي تي چڙهندي ڪيس ڇاتيءَ تي تمام گھڻو زخم رسيو. ننڍپڻ کان ئي سندس صحت ڪا پلي ڪانہ رهي هُئي ۽ اِها مستقبل ۾ بہ تڪڙو خراب ٿيڻي هُئي. پر طبيعت بهتر ٿيڻ سان هو وري زندگيءَ جي علمي طور طريقي ۽ خاص طور تي علم التحقيق (Philology) تي پنهنجا خيال ونڊڻ لڳو. 20 نومبر 1867ع ڌاري پنهنجي هڪ دوست ايرون روڊ ڏانهن خط ۾ هو لکي ٿو "علم التحقيق تي آرو ڪري ويهندڙن جون انڌي ڪوئي واريون سرگرميون...زندگي جي اهم ۽ حقيقي مسئلن کان سندن لاتعلقي..."



ساڳي وقت رينش ميوزم (Rheinisches Museum) ۾ ڇپيل نِٽشي جي ڪجهه اڳوڻن مضمونن بيسل يونيورسٽيءَ جي اختيارين جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. مٿيئين سال 1868ع ۾ يونيورسٽيءَ مان پروفيسر رچل کي هڪ خط مليو جنهن ۾ کانئس سندس دوست لاءِ پُڇيو ويو ته عزت مآب نِٽشي علم التحقيق جو سٺو پروفيسر ٿي سگهندو (يا نه).




بيسل ۾، نٽشي پنهنجي تعليمي زندگيءَ کان تمام گهڻو بيزار ٿيو جتي هُن ايندڙ ڏهه سال پڙهايو. اِن ۾ تيزيءَ سان ڪرندڙ صحت جي ڪارڻ، سال 1889ع ڌاري کيس 34 سالن جي عمر ۾ مستعفي ٿيڻ تي مجبور ڪيو.

"(نصابي زندگيءَ ۾) ڪنهن به لحاظ کان ڪو بنيادي سچ (لهڻ) ممڪن ڪونهي."

# موسيقيءَ جي روح منجهان الميي جو جنم

جڏهن نِٽشي جو پهريون ڪتاب "الميي جو جنم"* 1872ع ۾ ظاهر ٿيو ته ان ويتر تعليمي ادارن (جي اسٽيبلشمينٽ) کان ڪيس پري ڪيو. ڪتاب تي آيل واحد تجزيي ۾ چيو ويو "جنهن به هن قسم جو ڪم لکيو آهي سو ته عالِم فاضل ٿيڻ کان رهجي ويو". جيئن ته اِن ڪتاب عقلي فلسفياڻي بيانيي ۽ تخليقي فني اظهار جي رواجي ورهاست کي رد ٿي ڪيو جيڪا اولهه جي فڪري روايت کي تمام گهڻو عزيز هُئي، تنهنڪري اِهو سمجهڻ گهڻو ڏکيو ڪونهي ته آخر ڇو سندس هم عصرن ان ڪتاب کي خوار خراب ۽ رد ڪيو. اِن نهايت وڏ خيالي پورهيي سمجهايو ٿي:



1. ڪلاسيڪي لاطيني الميي جي شروعات
2. شعور ۽ انساني ثقافت جي (يا) عقلي ۽ احساساتي تجربي جي بنيادي ورڇ.
3. ڇو زندگي جي احساساتي صورت بنيادي ۽ عقلي ثانوي آهي.
4. جديد ثقافت ڇو بيمار آهي ۽ اها ڪيئن صحتياب ٿيندي.

اهو ڪتاب پنهنجو مقصد دليلن، تشبيهن، حڪايتن، ترغيبن، بلاغتن (يا خوش بياني) ۽ شاعراڻي رنگ ڍنگ سان حاصل ڪري ٿو ۽ ڏيکاري ٿو ته تعليمدانن لاءِ نٽشي هڪ ڏکيو (پرابلم) فيلسوف ڇو آهي. نٽشي پنهنجي ڳالهه ٻولهه جي طور طريقي کي قدامت پسند عقلي اظهار تائين محدود نه ٿو رکي. اُن جي ابتڙ هو ٻوليءَ جي لوهي پڃري کي زور سان ڪڙڪائي ٿو ۽ شاعر شِلر جيان مڃي ٿو ته "ذهن جو هڪ خاص سريلو سياءُ پهرين (گهربل هوندو آهي) پوءِ شاعراڻو خيال ايندو آهي."

# اپالو ۽ ڊيانيسس

شراب، عيش عشرت ۽ حِسي تياڳ جو يوناني خدا ڊيانيسس* "ڀهرئين انسان" جو اظهار آهي. هن رُجحان جا پوئلڳ ٻوليءَ ۽ ذاتي سڃاڻپ کي پاسي تي رکي وجداني رقص ڪندا آهن. موسيقي ۽ نشو سندن ذريعا ۽ "ويداني ڪڏيل وجد" سندن مقصد هوندو آهي.




خمار جهڙي حالت اسان کي ٿوري وقت لاءِ (ٿي سهي پر) پنهنجي ڏار هئڻ ۽ انساني زندگيءَ جي عارضي پٽي واري (اُن) احساس کان بچائي ٿي، جنهن کان اسان جو اِلهام اسان کي فرار ٿيڻ نه ٿو ڏي.

ننشي اُن پُراڻي ڪٿا کي ياد ڪري ٿو جنهن ۾ ميڊاس جو بادشاهه، ڊيانيسس جي سدائين جي ساٿي سلينس کي ڳولهي لهي ٿو ۽ کائنس پُڇي ٿو ته "ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي خوشي ڪهڙي آهي؟" شيطان خاموش ۽ ساڪن رهي ٿو. تان جو بادشاهه جي (پيهر) زور تي هو تيز ٽهڪن ۾ پئجي وڃي ٿو.




اوائلي يوناني ثقافت اهڙن خطرناڪ سچن کي ڪيئن مُنهن ڏنو؟ هڪ ٻي خدا جي مدد سان: (جواب آهي) اپالو*

سنڌاءِ ۾ سمجهه جو سورج ديوتا اپالو، وهم جي خواب سان ٻڻ ٽيل هڪ تهذيب يافته ماڻهوءَ جو اظهار آهي. اپالوي ڏرم سُک درسائپ جو جنميندڙ آهي. صورت، نظري سونهن ۾ عقلي سمجهه تي اِن جو زور اسانکي ڊيانيسس جي خوف ۾ ان منجهان پيدا ٿيندڙ غير عقلي چريائپ کان بچائي ٿو. "زندهه رهڻ لاءِ يونانيين کي اولمپيا جي خدائن جا سدا روشن خيال پنهنجي سامهون آڻي رکڻا پيا" اپالو انهن منجهان عظيم هو. پاڻ تي ضابطو، ذات جو شعور ۽ سنجيدگي: فيلسوف ارسطوءَ (322-385 ق م) جو "وچون دڳ" *




اهڙي ريت ڊيانيسائي فن،
اپالوائي لياقت کي ٻن طريقن سان متاثر ڪري ٿو.
پهريون اِهو تہ موسيقي اسان کي ڊيانوسائي روح جي علامتي
وجدان ڏانهن ويجهو ڪري ٿي ۽ ٻيو تہ اهو (فن) ان
تصور کي سڀ کان گهٽي اهميت ڏي ٿو.


موسيقيءَ ۾ ديانيسائي روح، اسان کي احساس ٿو ڏياري تہ هر اُها شئي جنهن جو جنم ٿيو آهي، سا تنهنجي تڪليف پريي خاتمي لاءِ تيار رهي. اِها پٽرائجڻ بغير انفرادي وجود جي خوف کي روڪڻ تي اسان کي مجبور ڪري ٿي.

# اپالوآئي فلسفي جي ڪاميابي

ڊيانيسس جي اوائلي دنيا جو اِهو بنيادي جمالياتي منظر، بعد جي يوناني ثقافت ذريعي دٻجي ويجي ٿو جيڪا سُقراط (469-399 ق-م) منجهه سهيڙجي اچي ٿي.




ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهه ڪونهي جڏهن نِتشي ٻڌائي ٿو جديد شعور بيمار آهي. "فن کي مشغلي تائين ڪيرايو ويو آهي ۽ مٿس خالي خيالن (تجريدن) جي حڪمراني آهي" ڊيانيسائي روح دٻيل آهي (بعد ۾ ان دٻاءَ بابت فرائيڊ کي بہ ڪجهه چوڻو آهي) ۽ اسان روحاني سچ ۽ نفساني وجدان کان ڪٽيل ٿي رهون ٿا. المياتي ڏند ڪٿا ڪٿي تہ گم ٿي وئي آهي.

## رچرڊ واگنر جو مامرو

المياتي نقطہ نظر جو بهترين سهيوڳي مثال نِتشي پنهنجي دوست رچرڊ واگنر (83-1813) جي سنگيت ناٽڪن منجهان ڳولهي لڌو. جنهن شوپنهار جي خيالن سان گڏ ايندڙ سالن ۾ سندس پنهنجي فلسفي لاءِ سُجاڻ ساٿي جو ڪردار ادا ڪيو. ( آخر ۾ هو ٻنهي کي رد ڪندو)

نِتشي بيسل ۾ پنهنجي اوائلي سالن دوران واگنر ۽ سندس قابل زال ڪوزيما جو ويجهو دوست بڻيو. جن سان گڏجي 1869ع ڌاري هُن ٽرائيبشين ۾ پهريون دفعو سندن گهر گهميو.




بيرٽ ۾ قومي فني ٿيئٽر ٺهرائڻ واري واگنر جي خيال کي نِتشي شروع ۾ همٿايو ۽ ان مقصد لاءِ چڱي ڀلي توانائي ۽ وقت ڏنائين. پنهنجي مضمون "بيرٽ ۾ رچرڊ واگنر (1870)" ۾ هُن واگنر جي نئين سنگيت ناٽڪ سنگم کي، جرمن ثقافت جي پاسبان (۽) يوناني فن جي سُنهري دور جي نئين جنم سان ڀيٽيو. پر جيئن بعد ۾ نِتشي کي پاڻ بہ احساس ٿيو تہ فن ۽ موسيقيءَ بابت واگنر جي ڪم ۾ هُن پنهنجي ئي آدرشن کي پئي پڙهيو.

واگنر پاڻ کي سياسي ۽ صنفي آزاديءَ لاءِ جهيڙيندڙ هڪ ڪاهوڙي سمجهندو هو. پر سندس سماجوادي سُک درسائيپ، شوپنهار جي سخت ڏک درسائي فلسفي اڳيان پنهنجا پير جهلي نہ سگهي.



1877ع ڌاري واڳنر جو پارسيفال (Parsifal) اوپيرا جيئن ظاهر ٿيو تيئن نٽشي جي پنهنجي اڳوڻي دوست کان عليحدگي به مڪمل ٿي. هاڻي ته واڳنر مذهبي علامتن کي استعمال ڪرڻ لڳو هو ۽ يسوع مسيح جو رت دنيا کي ڇوٽڪارو ڏئي رهيو هو.



نِٽشي پاڻ کي شوپنهار جي دک درسائپ کان ڏور ڪرڻ شروع ڪيو. اُن جي ابتڙ واگنر اچا شوپنهار جي فلسفيائي بنيادن، دُک درسائپ ۽ تياڳ سان گڏ، سندس زوال پذير عيسائيت سان چنبڙيو پيو هو. اها هڪ ناقابل ترديد حقيقت هئي. فرانز لسٽ (86-1811) ڏانهن هڪ خط ۾ هو لکي ٿو.




جيئن اسان اڳتي هلي ڏسنداسين ته شوپنهار، واگنر ۽ عيسائيت، نِٽشي لاءِ زوال، ڪمزوري، نيستي ۽ زندگي جي انڪار سان هم معنيٰ ٿي پوندا. رحم ۽ ذات جي قربانيءَ جو نام نهاد جبلتون، انسان ذات لاءِ وڏو خطرو ٿي پون ٿيون. اُن جي سڀ کان اعليٰ ترغيب ۽ گمراهي. گمراهي ڇا کان؟ اٿهوند کان ... زندگي کي پُٺي ڏيندڙ ارادو.

واڳنر کان ڌار ٿيڻ نٽشي لاءِ آسان نہ هو. "ٽرپشين ۾ ساٿس گذاريل اعتماد، خوشي، اعلي جذبن ۽ اهم لمحن وارا ڏينهڙا مُنهنجي زندگيءَ منجهان هوا ٿي ويا آهن ۽ مون کي وري نصيب ناهن ٿيڻا."



# تاريخ ڇا آهي؟

ڊيانوسائي فن جي شهواني جذبن ۽ وجدان، جيڪو انساني حالت جو جمالياتي ۽ زندگي بخش خيال آهي، جي حق ۾ مابعد سقراطي فلسفي جي عقلي ۽ درسي نقطہ نظر کي رد ڪرڻ (ٿي درحقيقت) نِنشَي جي ابتدائي پورهيي جي سجاڳپ هُئي. تنهن هوندي بہ 1878ع ۾ ڪتاب "ماڻهو مِڙئي ماڻهو گهٽو" (هيومن آل ٽو هيومن)* جي ڇپائي سان اسان نِنشَي جي خيال ۾ پهرين کان وڌيڪ الڳ ۽ تنقيدي پاسي کي اُڀرندي ڏسون ٿا.




1870ع ۾ يورپ اندر پروشيا جي عسڪري سوڀ تي نظر وجهندي، ان سوال تہ "تاريخ ڇا آهي؟" جو هڪ وقت سِر تجزيو ڪيو ويو.

1870ع ڌاري مختصر عرصي لاءِ نِٽشي طبي رضاڪار طور، فرانس ۽ پروشيا جي جنگ ۾ حصو ورتو. جتان ڪيس پيچش ۽ خناق بيماريون لڳيون. اِهي ٺيڪ ٺيڪ ۾ وڏو وقت گهرنديون آهن. هُن پوءِ پروشيا جي جوشيلي حُب الوطني (سيڪنڊ ريخ) منجهان هٿ پٽيا، جنهن کي (عام طور تي) ان جنگ ۾ جرمن ثقافتي قدرن جي سوڀ طور ڏٺو ويندو هو.




"اسان سهيوڳي دؤر جي ماڻهن وٽ، ڪا بہ اهڙي ثقافت ڪونهي جنهنکي اسان پنهنجو چئي سگهون. اسان پاڻ کي ڏاري ريتن، فن، فلسفن، مذهبن ۽ سائنسن سان پريندا رهون ٿا. اسان گهمندڙ ڦرندڙ مها ڪوش (انسائيڪلو پيڊيائون) آهيون." (مضمون: يوز اينڊ ابيوز آف هسٽري). مقصد آهي تہ ماضي کي هضم ڪرڻ، ان کي پنهنجي زندگي ۽ ثقافت جي جوڙجڪ لاءِ استعمال ڪرڻ. تاريخ حال مٿان پيل هڪ ڳرو مُئل وزن آهي.

# تعليم ڇا آهي؟

تعيلم اسان کي ثقافت بابت ڪوڙ ساري ڄاڻ ڏيندي آهي. ان جي حاصلات اُهو نام نهاد پڙهيو لکيو شخص آهي جيڪو تاريخ جي ڄاڻ جي وزن هيٺ پنهنجي حقيقي زندگي گذاري ناهي سگهندو يا سگهندي. تعليم جو پورو زور تُز تفصيل ۽ ڪٽيل معروضيت تي هوندو آهي، جنهنجو ڪارج صرف، هن دنيا ۾ ماڻهوءَ جي عمل ۽ سندس ذات جي ادراڪ واري مقصد کي مفلوج ڪرڻ هوندو آهي.




جيڪڏهن اسان جائي بہ هڪ حقيقي زنده ثقافت پيدا ڪرڻ گهرون ٿا تہ پوءِ اسان کي گهٽ پڙهيل (روايتي معنيٰ ۾) هئڻ گهرجي.

# رياضي يا فرار

برٽرينڊ رسل پنهنجي زندگيءَ جي هر لمحي کي رياضيءَ ۾ ڪونہ وڃايو. توڙي جو بعد ۾ هُن ٻڌايو هو تہ تڏهن سندس خيال اِهو ئي هو. سندس چاهہ سياست ۽ سماجي مسئلن ۾ پڻ هو. هو ڪوڙسارن مشهور اشتراڪي "فيبئين"* جهڙوڪ سڊني، بيٽرائيس ويب، جارج برنارڊ شاهہ ۽ ايڇ جي ويلز سان مليو.




"رياضي جي دنيا... واقعي بہ هڪ خوبصورت دنيا آهي. ان جو زندگي، موت ۽ انساني ڇَسي پڻي سان ڪُجهہ نہ وڃي. اها احساسن کان عاري، سخت ۽ دائمي آهي. اسان جي ڄاڻ ۾ واحد شئي رياضي آهي جيڪا پورڻتا (پرفيڪٽ ٿيڻ) جي صلاحيت رکي ٿي."

آخر ڪهڙي ريت جرمن ثقافت جي جڏي حالت سُڌري سگهي ٿي؟ اها اُنهن جي هٿان ئي بهتر ٿي سگهي ٿي جن وٽ هن نظام لاءِ هڪ هاڪاري نفرت موجود آهي. ٻين لفظن ۾ اُهي قوم جا نوجوان آهن. ”پهرين ڏاڪي ۾ اُهي حال جي پڙهيل ماڻهن کان وڌيڪ اڻجاڻ هوندا، چاڪاڻ ته ڪين اڳ جي گهٽي ٽٽي سگهيا منجهان هٿ پٽا پوندا ۽ هر اُها ڳالهه ڪرڻ جي خواهش ئي وڃائي پوندي جنهن کي اِهي نام نهاد پڙهيا لکيا ٻڌڻ چاهيندا هوندا. درحقيقت تعليمي نقطہ نگاهه کان اُنهن (نوجوانن) جي پارکو هئڻ مان مراد سندن سائنس (ڄاڻ) کان اڻڄاڻائي، لاتعلقي، ۽ هر چڱي ۽ نالي چڙهيل شئي تائين سندن رسائي جو نه هئڻ هوندو.“




تاريخ ۽ تعليم ڏانهن اها لاتعلقي ئي نيٺ هڪ حقيقي ۽ زنده ثقافت کي جنميندي ۽ روح کي آزادي بخش بڻائيندي ”ان علاج جي پچاڙيءَ ۾ اسانکي انسانيت جا پاچا نه پر(پاڻ) انسان ملندا“

بنا ڪنهن شڪ جي نِتشي پاڻ اِن ساڳي "علاج" هيٺ هو جنهن ڪانپوءِ ڪيس اميد هُئي تہ هو "چڱين ۽ نامور مامردُ" تي اُن حقيقي تنقيد تائين رسندو جيڪا چاڻ، اخلاقيات ۽ انساني نفسيات بابت اسان جي نقطہ نظر کي انقلابي بنيادن تي تبديل ڪري ڇڏيندي. ثقافت ڪان جڏهن اهي سوال ٿيندا تہ پوءِ ئي اُها اسان کي سندس واحد ڪارٽي نياپي (teleological message*) تائين رسائيندي.




ڪنهن زمان جي ٻيڙي ۾ اسان پنهنجي ڄاڻ ۽ فن جي عظيم خزانن کي مستقبل ڏانهن ان نياپي سان رکون ٿا تہ : جيڪڏهن انساني زندگيءَ جو ڪو قدر آهي تہ اُهو چند عظيم ماڻهن جي هن شاهڪار فني پورهيي ۾ آهي.

## مابعد طبعيات* تي تنقيد

جيڪڏهن ثقافت ئي اسانجو اعلي مقصد آهي ته پوءِ اسانجو اِهو پُڇڻ نهي ٿو ته انهن مابعد طبعياتي نظرين جو ڇا ٿيندو جيڪي دليل ذريعي حقيقت جي بنيادي فطرت بابت قياص آرائي ڪندا آهن؟ "اهو سچ آهي ته هڪ مابعد طبعياتي دنيا ٿي سگهي ٿي، اُن جي هوند جي امڪان تي ڪي به رايا ڪونهن. اسان شين جي هيڪڙائي ڪي (دماغ يا) مٿي منجهه لهون ٿا ۽ مٿو ڪُٽي ڪونہ ٿا سگهون. جيتوڻيڪ اهو سوال پنهنجي جڳهه تي موجود رهي ٿو ته هڪ دفعو ڪُتڻ ڪانپوءِ ڪهڙي دنيا باقي بچندي؟" (ماٹهو مڙئي ماٹهو گهٽو)

جيڪي نظريا انهن سوالن کي جوابڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، سي انساني جانچ جي دائري کان ٻاهر آهن. تاريخي طور تي اهڙن سوالن فيلسوفن کي پڻ لَلچايو آهي، پراسان کي آخر ملي ڇا ٿو جيڪڏهن مابعد طبعياتي دنيا جي هوند کي قبول بہ ڪري وٺون ته




۽ ڇو؟ ڇاڪاڻ ته اسان هڪ مادي دنيا جا رهواسي آهيون. اسان جي خيالن ۽ خواهشن جو اطلاق اِتي ئي ٿيندو آ. انساني عمل جي اِها دنيا ئي آهي، جنهن ۾ نتشي جي تنقيدي نظر جو اسان جي دور جي سمجهه تي ايڏو وڏو اثر آهي.

# ڪانٽ جي خيال پسندي

هتي نٽشي جو مهاڏو جرمن خيال پسند، فلسفي جي هڪ وڏي نانءُ اميونل ڪانٽ (1804-1724) سان ٿئي ٿو. ڪانٽ خيال جي روايت کي مثالي بڻائيندي، واپس اُن افلاطون ڏانهن وڃي ٿو جنهن مطابق قطعي سچن جي ڄاڻ، اسان جي روزاني وار تجربن جي حدن کان ٻاهر، وقت کان مٿانهين حقيقت طور هوندي آهي (شوپنهار جي ارادي جيان). سچ جو اهڙو تصور، ڪنهن به ثقافت يا فرد ۾ ايتري قدر جو پاڻ تاريخ جي ڪجهه خاص پاسن کان مٿڀرو ٿيڻ جو ڏس ڏئي ٿو. زمان کان مٿانهين ان سچ جي دنيا کي ڪانٽ "نومينا" يا "شئي بذات پاڻ" (يا جوهري دنيا) ۾ انجي اُبتڙ لقاءُ کي "Phenomenal" يا اسان لاءِ حواسن ذريعي "شيون جيئن اظهارجن ٿيون" (يا ظاهري دنيا) سڏي ٿو.



# ڪانٽ جي عينڪ

جيئن ته اسان دليل جي استعمال ۽ حواسياتي ادراڪ جي ٻنڌڻ ۾ رهڻ تي مجبور آهيون تنهنڪري اسان جوهري (نامينل) دنيا کي ڪڏهن به ڄاڻي ڪونه ٿا سگهون. پر اهو چوندي ڪانٽ جوهري دنيا جي هوند کي پڻ قبولي ٿو. جنهن کان اسان پنهنجي انهن حواسن ذريعي ڪٽيل رهون ٿا جيڪي رنگين عينڪن وانگي هر شئي کي مطلق ڪيٽيگورين (ڪُلي تصورن) جهڙوڪ زمان، مڪان ۽ ڪارٽيت وغيره ۾ سامهون آڻين ٿا ۽ جنهن کان اسانجو فرار مُمڪن ڪونهي.




تاريخي نقطه نظر جي اٿهوند سمورن فيلسوفن جو وراثتي اوگڻ آهي. هر شئي، جيڪو ڪجهه آهي تائين محدود ٿي وئي آ. (مطلب ته "جيڪو ڪجهه آهي" کي ڇا "جيڪو ڪجهه ڪالهه هو" کان ڪٽي سمجهي سگهجي ٿو؟ مترجم). "ڪائنات ۾ نه ڪي دائمي حقيقتون آهن ۽ نه وري دائمي سچ. تنهنڪري اسانکي اڄ کان نهٺائي جي گُڻ سان گڏ تاريخي فلسفياڻي تشريح جي ضرورت آهي." (ماڻهو مڙيئي ماڻهو گهڻو).

# ڪانٽ جي اخلاقيات: توهان کي ڄاڻو ٿا تہ اها سمجھ جوڳي آهي

جيڪا نِتشَي کي ڪانٽ کان ڏار ڪري ٿي، سا آهي "ٿيڻ" ۾ يقين. هڪ جامد ۽ زمان کان مٿانهين ڪائنات جي ضرورت جو ٽُڪ ئي ڪونهي. اهو ٻيو ڪجھ ڪونهي. بس "مابعد طبعياتدانن جو حقيقت خلاف رنج" جواظهار آهي. (ٿيڻ جي خيال مان ئي پوءِ نِتشَي جو متو ۽ "فوق الانسان" جو بدنامِ زمانا اُهڃاڻ "جيڪو ڪجھ آهين اُهو ٿيءُ" جُڙيو.)

پنهنجي اخلاقي فلسفي ۾ ڪانٽ جڳ مشهور ڪُلي تصورن جي لازميت (Categorical Imperative) سان اڃا وڌيڪ چڙهائي ڪري ٿو.




نِتشَي اِن کي اخلاقي جنونيت سڏي ٿو. اها ڪانٽ جي دينياتي جبلت کي ظاهر ڪري ٿي. "ڇا بنا ڪنهن سوچ ۽ داخلي لازميت واري احساس جي، بنا ڪنهن خوشي ۽ گهري انفرادي چونڊ جي، فرض جي خودڪار انداز ۾ پوراءُ کان وڌيڪ ڪا ٻي شئي آهي جيڪا ڪنهن (فرد) کي ويتر تڪڙو تباھ ڪري؟..."ڳڻ کي اسان جو پنهنجو ذاتي دفاع، لازميت ۽ اسان جي پنهنجي تخليق هُئڻ گهرجي."

اها ڳالهه نِٽشي کي هڪ بنيادي نقطي ڏانهن نيئي ٿي. اخلاقيات جو آڌار صرف دليل تي نه ٿو ٽِڪي سگهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ايئن ٿيو ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته مُنهنجو دليل، توهان جي دليل جيان نه هجي.




نيٽ نِٽشي ڄاڻ جي سوال کي اخلاقيات جي مسئلي سان هڪ ڪري بيهاريندو. "اسان کي ڪين ڏار نه ڪرڻ گهرجي" تنهنڪري اسان اِهو نه پُڇون ته "اسان ڇا ڄاڻي سگهون ٿا" پر "اسان لاءِ ڇا ڄاڻڻ بهتر آهي"

# نِنشي جو انداز

تعليم، تاريخ، ثقافت ۽ مابعدطبعيات، اُهي چند موضوع آهن جن کي ڪتاب% (ماڻهو، مڙيئي ماڻهو گهڻو) پنهنجي پاڪر ۾ پيري ٿو. هتي نِنشي سائنس ۽ مذهب کان وٺي موسيقي تائين ڦهليل موضوعن کي ڇوٽي مثل، هڪ سٽ ۾ سوڙهو ڪري رکڻ واري انداز کي پنهنجو ڪري ٿو. (پهاڪو يا ڇوٽي هوندي ئي مختصر، واضح ۽ عمومي سچ آهي). ڪڏهن ڪڏهن هو بظاهر متضاد (تڪراري) ڳالهيون ڪندڙ ٿي پئي ٿو.

"جيڪو به گهڻي گهرائي سان سوچي سگهندو آ، ڄاڻيندو آ ته سندس عمل ۽ فيصلا ڪُجهه به هُجن پر هو هميشه غلط ئي هوندو"

وري ڪڏهن اشتعال پريو ٿي پئي ٿو

"سچ جي اوسر ۽ انسانذات جي ڀلائي ۾ پهرين کان طئه ٿيل ڪا هڪجهڙائي ڪونهي."

اڪثر طور هو مناظري باز ٿي پڻ لکي ٿو


"جنهن شئي کي اسان دنيا سڏيون ٿا سا تصوراتي خيالن ۽ غلطين جي ميڙ جو نتيجو آهي، جيڪي هن عضوياتي فطرت جي ڪُلي ارتقا جي عمل ۾ آهستگيءَ سان اُسريون ۽ هڪٻئي سان رلي ملي ويون آهن ۽ ڪُل ماضي جي جمع پونجي جيئن اسان کي ورثي ۾ مليون آهن.

تان جو ناستڪ (ٿي پئي ٿو)

ڪنهن به شئي جي غير معقوليت، اُن ئي شئي جي وجود خلاف دليل هئڻ بدران، ان جي هوند جو شرط ٿي ظاهر ٿئي ٿي."

هتي پڻ هو انهن موضوعن کي ڇُهي ٿو جيڪي بعد ۾ سندس ڪتابن؛ خير ۽ شر کان مٿانهون (1886) ، اخلاقن جو نسب نامو (1887)، بقول زَرتشت (5-1883)، ۾ اجا بهتر ٿين ٿا. جهڙوڪ

1. اخلاق ۽ مذهب جي ابتدا
2. سائنس جون حدون
3. طاقت لاءِ ارادو (ول ٽو پاور)
4. سچ جي فطرت



## ڇهاءُ جي نفاست

نٽشي جي خيال جي گوناگونيت، هڪ شاهوڪار اختصاريل ادبي انداز کي جنميو. جنهن ۾ اڪثر طور استعارن، تشبيهُن ۽ پهاڪن کي استعمال ڪيو ويندو هو. هُن ڇاٽي ٻُجهي توڙ تائين ٽيندڙ بحثن کان لنوايو. ڇاڪاڻ تہ هو ان طريقہ ڪار کي هڪ اهڙي ٻتاڪي درسي ذهن جي ئي خاصيت سمجهندو هو جيڪو قطعي سچ ۽ خيالن جي سمورن سِرشتن جي ڳولا جي سوڙهي رستي تي گهڻ پورهيو ڪندو آهي.




"انتهائي ڳوڙهن مسئلن کي مان تہ ٿڌي پاڻي سان سنان جيان ڏسندو آهيان. تڪڙو گهڙي ۽ ٻيهر تڪڙو نڪرندو آهيان. چوندا آهن تہ اِهو پاڻي کان خوف کائيندڙ جو وهم آ جيڪو ڪيس گهرائي ڇُهڻ ناهي ڏيندو... ڇا جيڪڏهن هلندي ڦرندي ڪنهن شئي کي ڇُهجي، ڏسجي ۽ سمجهجي تہ پوءِ اها شئي سمجهہ يا ادراڪ جوڳي نہ ٿي رهي.؟ ڇا ڪنهن حقيقت کي سمجهڻ لاءِ پهرين ڏاڪي ۾ ان مٿان آرو ڪري ويهبو؟ ڪتاب (عاشقاڻي رمز) (1887) The Gay Science

نہ: هڪ عظيم ڏاهي وٽ هميشہ ڇهاءَ جي نفاست ۽ روح جي آزادي هوندي آهي.

"جيئن اسان مٿان جهُرڙ (ڪَڪَر) هوا جي رُخ کي سمجهائيندا آهن، ساڳي ريت هلڪا ۽ آزاد روح پنهنجي مِزاج ۾ ايندڙ موسمن جا پيغمبر هوندا آهن."



# چوٽي يا پهاڪو

عالمن جي "ڪيول نما صنعت" ججهي تعداد ۾ اهڙا پڙهاڪو پئي پيدا ڪندي آهي، جيڪي اسان منجهه ان ويساهه کي پيا پڪو ڪندا آهن تہ ڪا شئي جيڪڏهن گهڻي ڏاهپ ڀري آ تہ پوءِ پڪ سان زخيم (ججهي) هوندي. نِنشَي ان سان اتفاق نہ ٿو ڪري، اختصار سان ڪيل ڳالهہ هڪ گهڻي سوچ ويچار جو ثمر ٿي سگهي ٿي...پر جيڪي پڙهندڙ هن شعبي ۾ سيکڙاٽ هوندا آهن سي اختصار سان ڪيل هر ڳالهہ ۾ پهريات يا ڪچائي ڏسندا آهن، سو بہ اُن ليکڪ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ڪانسواءِ نہ، جنهن سندن سامهون اهڙو ڪچو ۽ اڻ پڪل ڪاڏو اچي رکيو.



"پهاڪا ۽ سو ڳالهين جي هڪ ڳالهه دائميت جون صورتون آهن. مُنهنجو مقصد ڏهه جملن ۾ اُها ڳالهه ڪرڻ آهي جيڪا هرڪو ڪتاب ۾ ڪري سگهندو آهي...(اچا به جيڪڏهن چئجي ته) جيڪا هرڪو ڪتاب ۾ به ناهي ڪري سگهندو.

اچو ته ڪُجهه پهاڪن کي پَرَ ڏئي ڏسون. موضوع آهي ليکڪ ۽ پڙهندڙ

## ليکڪ بابت

"مان وري ڪڏهن اُن ليکڪ جو ڪتاب نه پڙهندس جنهن بابت مونکي اندازو ٿئي ته هُن ڪتاب لکڻ پئي چاهيو پر سندس خيال پاڻمرادو ڪتاب ٿي پيا."


"پلن شاعرن جا پلا خيال مصري عورت جيان هميشه ڍَڪَ ۾ هوندا آهن"

سوال: توهان چو ٿا لکو؟

جواب: مون وٽ پنهنجي خيالن مان جند ڇڏائڻ جو ڪو ٻيو رستو ڪونهي. "اُن کي ڪيئن ته ڪتاب چئون، جيڪو اسان کي ٻين ڪتابن کان مٿي نه ٿو کڻي"

"جڏهن قلم پنهنجو وات کولي ته پوءِ ليکڪ کي پنهنجو بند ڪرڻ گهرجي"

"پنهنجو پاڻ ۾ متضاد ڳالهيون (Paradoxes) پڪ سان پرانهيون، زور سان رکيل اُهي ڳالهيون آهن. جن کي ليکڪ (ڄاڻي ٻُجهي) شاندار، پُلائيندڙ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته طرز طور رکندو آهي."



## پڙهندڙن بابت


"هڪ ڪتاب پلو پڙهندڙن ذريعي اڇا پلو ۽ پلن نقادن ذريعي ويتر واضح ٿيندو آهي."

"اڄڪلهه تہ اڪثر طور (ڪم جو) مواد (پڙهندڙن جي) ٽيڪا ٽپڻي ۾ ئي گم ٿي ويندو آهي"

"جديد شخصيت جي ڪمزوريءَ جو اظهار بنا حد حساب واري تنقيدي بُوڇاڙ مان ٿِئي ٿو" (سڪٽي ڪُني گهٽو اُپامي)

"آخرڪار ماڻهو شين، سميت ڪتابن منجهان ان کان وڌيڪ حاصل نہ ٿو ڪري سگهي جيترو هو اڳ کان ڄاڻي ٿو. جنهن کي (جنهن ڳالهہ جي) تجربي تائين رسائي ڪونهي، تنهن وٽ (تنهن ڳالهہ لاءِ) ڪن بہ نہ هوندا."

"ڪنهن چيو تہ 'ان حوالي سان مان پنهنجي راءِ ڏيندي چوان ٿو تہ هي ڪتاب نقصانڪار آهي' پر ڪيس ٿورو انتظار ڪرڻ ڏيو ۽ هڪ ڏينهن هو متان پنهنجي پاڻ سان اِهو مڃي وٺي تہ اِنهي ساڳي ڪتاب سندس دل جي لڪل بيماريءَ کي ٻاهر ڪڍي، ظاهر ڪري، سندس تمام وڏي خدمت ڪئي آهي."



# چاڻ جي قيمت

"ماڻهو مِڙيئي ماڻهو گهڻو" جي اشاعت سان گڏ، نِٽشي جي صحت پڻ خراب ٿيڻ لڳي. هُن پنهنجا دوست وڃايا ۽ واگنر کي موڪليل ڪتاب جي ڪاپيءَ کي به ڪا موٽ نه ملي.




هڪ ٻي خط ۾ هو ٻڌائي ٿو ته ڪتاب لکڻ جو "چاهه ۽ ڏکيائي ايتري ته گهڻي هُئي جو ڪو به ان قيمت تي ڪتاب نه لکي ها"

جيئن اڳيان هلي ظاهر ٿيندو. نٽشي انهيءَ "ذهني جوش" جي هڪ ڳري قيمت ادا ڪئي. "جيڪڏهن سوچڻ ئي توهانجي قسمت آهي تہ پوءِ انهيءَ کي خدائي مان ڏيو ۽ جيڪو ڪُجهہ بہ اوهان وٽ شاندار آهي ۽ جنهن کي توهان جهجو پيار ڪيو ٿا، تنهن ڄي ان لاءِ قرباني ڏيو." ايندڙ ڏهہ سالن ۾ مڪمل طور چريي ٿيڻ تائين، هُو روزاني جي خراب صحت سان، پنهنجا سڀ ويجها دوست وڃائي ٿو، دشمن ٺاهي ٿو (۽) سدا وڌندڙ اڪيلائي کي ڀوڳي ٿو.




1880 جو سال کيس ميرنباد، هيڊلبرگ، فرينڪفرٽ، وينس، بولزينو، اسٽريسا ۽ جنيوا ۾ گهمندي ڏسي ٿو، جتي هو سيارو گذاري ٿو. "ماڻهو مڙئي ماڻهو گهڻو" جو پهرين حصو رولاڪ ۽ سندس پاڇو جي نالي سان ڇپجي ٿو، جيڪو سندس پڇاڙڪي سالن جي زندگيءَ سان ٺهڪندڙ عنوان هيو.

# دائمي واپسي

آگسٽ 1881 ڌاري، نِتشَي سلس ماريا، سوئيزرلينڊ ۾ هئو.




اهو دائمي ورجاءَ جو خيال هو. هو ان خيال جي سادگي ۽ سگهہ کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو اهو سندس مستقبل جي لکڻين ۾ ڪيترائي دفعا ورجايو ويو. اِهو پُڏ جي ڪرمن جي ورجاءَ جي پڙاڏن ۽ يوناني ويراڳي فيلسوفن جي خيالن جي وڌيڪ ويجهو هو. اِهو دائمي ورجاءَ يا واپسي ڇا آهي؟

جيڪا زندگي اوهان هاڻ جيئو پيا يا جي آيا آهيو سا بنا ڪنهن حساب جي پئي ور ور موٽ ڪائيندي ۽ اُن ۾ ڪا به شئي نئين نه هوندي. هر ڏک، هر سُک، هر خيال، هر آهه، توهان جي زندگيءَ جا سڀ ننڍا وڏا واقعا، ساڳي سلسلي ۾ ترتيب ۾ لازمي توهان ڏانهن موٽندا.




ٿي سگهي ٿو اهو خيال اسان کي ڪنهن قدر مايوسيءَ واروياسي پر ان منجهه هڪ مابعد طبعياتي سُک به موجود آهي: موت ڪا پُڄاڻي ڪونهي. توڙي جو عيسائيت ۾ دائمي زندگيءَ ڪانپوءِ جنت جو خيال ڪنهن پوئلڳ لاءِ اچا وڌيڪ للچائيندڙ هوندو آهي.

دائمي واپسي يا ورجاءُ (جو خيال) اسان جي هاٺوڪي عملن جي اهميت تي زور ڏئي ٿو: (ڇو تہ) جيڪو ڪُجھ اسان هاڻي ڪنداسين اُهو بار بار پيو اسان ڏانهن موٽندو. اهو پاڻ منجهہ انهن عملن ڏانهن اسانجي ذاتي ذميواريءَ جي حقيقت کي ۽ ان سبق کي سانديي ٿو: (تہ) پاڻ تي حاوي ٿيڻ لاءِ، جيڪو ڪجھ بہ اوهان آهيو تنهن کان وڌو ٿيڻ جي ڪوشش ڪريو. هي پل ئي سڀ ڪُجھ آهي، تنهنڪري اچو تہ ان پل ۾ پنهنجي پاڻ جو بهتر استعمال ڪريون.



## نِٽشي ۽ عورت

نِٽشي جي جنسي زندگيءَ بابت گهڻو ڪُجهه لکيو ويو آهي. ڇا هو هم جنس پرست، ٻه جنسي، ڇڙو يا عورت کان نفرت ڪندڙ هو؟ هُن جي ننڍپڻ واري گهراڻي جو آڌار ته سندس ماءُ، ڏاڏي، ٻن چاچين ۽ پاڻ کان ٻه سال ننڍي ڀيڻ الزبيٿ تي هو. پنجن سالن جي عمر ۾ پيءُ جي موت کانپوءِ، هُو نِج عورتن جي سنڀال هيٺ رهيو. جن پاڻ کي سندس پالڻ لاءِ وقف ڪيو ۽ ضابطو نماڻائي ۽ پائيچاري وغيره جهڙن عيسائي قدرن هيٺ اُن جي سخت تربيت ڪئي. نِٽشي جهڙو ڪردار رکندڙ ٻار لاءِ اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻ ڏکيو رهيو هوندو.



هو جڏهن شاگرد هو تڏهن هڪ دفعي چڪلي ۾ ويو هو. جتان گهڻو ڪري کيس هڪ بيماري (Syphilis) لڳي. هُن ڪڏهن به شادي ڪونه ڪئي هئي ۽ جيستائين اسان کي خبر آهي ته هُن جي هڪڙي ئي پيار ڪهاڻي هُئي.

ڪجهه لکڻين ۾ ته هو عورت کي تمام گهڻو ساراهي ٿو.

"عورتن وٽ ڏاهپ هوندي آهي؛ ۽ مرد وٽ ڪردار ۽ جذبو."

"عورت ۾ بيوقوفي، غير زنانه آهي"

"ڇا ڳورهاري هئڻ کان به وڌيڪ ڪا احترام جوڳي حالت ٻي آهي؟"

"پاڻ کان ڇڙواري مرداڻي بيماري جو جيڪڏهن ڪو يقيني علاج آهي ته اُهو هڪ سمجهه ڀري عورت سان پيار آهي"

پر عورت بابت سندس تنقيدي خيال وڌيڪ حاوي آهن.

"عورت بنيادي طور تي پُرامن ڪونهي"

"پيار توڙي پلاند ۾ عورت، مرد کان وڌيڪ وحشي هوندي آهي (ٿي سگهي ٿو اها سندن ساراهه هُجي)"

"هر حقيقي مرد ۾ شيون گهرندو آهي: هڪ خطرو ٻيو وندر. تنهن ڪري هو عورت جهڙي خطرناڪ رانديڪي کي طلبيندو آ."

"هڪ مڪمل عورت، جڏهن پيار ڪندي آهي ته اُها اوهان کي ڦاڙي ذرو ذرو ڪري ڇڏيندي آهي (هڪ ٻي ساراهه؟)"




نِتشي جنس
جي فرق تي
زور ڏئي ٿو
جنسن کي هڪبِئي کان ڌار ڪري بيهارينڊڙ
گُڻ اجا سگها ڪرڻ گهرجن. انهن وچ ۾
موجود خلا کي ويتر وڌائڻ گهرجي.
هواسان کي ڪجهه مابعد
ناريواد (Post-feminist)
خيال آچي ٿو.
جنهن عورت ۾ عورتائيون خاصيتون گهٽيون
هونديون، سا اوتروئي پنهنجي حقن خلاف (يعني
پدرشاهي قدرن جي حق ۾) عمومي طور ننهن چوڻيءَ
جو زور لائي بيهندي. شين وچ ۾ فطري ورهاست،
جنسن وچ ۾ دائمي جنگ، ڪيس مٿيرو مقام آچين ٿا.
ناريواد جي تاريخ تہ
ايئن ڪونہ ٿي ٻڌائي.
خود ثنائي ، صحت بخش هوندي
آهي. پلا ڪڏهن سهڻا، سنها ڪپڙا
پائيندڙ عورت کي تڏ لڳي آ؟

عورتون، مردن کان وڌيڪ پارن کي سمجهنديون آهن پر مرد بہ عورتن کان وڌيڪ پاروتڻ جا شڪار هوندا آهن.

بهرحال انهن سمورن فرقن باوجود




سو اهڙي ريت نِنشَي هو.

1. مخالف جنس پرست
2. گهٽو ڪري چڙو (ننشي جي ڊاڪٽر ڊانهن واگنر خط لکيو هئو جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو هو تمام گهٽي مُشت زني ۾ ورتل آهي).
3. ڪجهہ عورتن جو معترف، جن سان سندس مسئلا بہ هلندڙ هئا.
4. مرد عورت لاءِ هڪ وسيلو يا ذريعو آهي ۽ هميشہ مقصد پار هوندو آهي. پر عورت مرد لاءِ ڇا آهي؟ (ان سوال تہ فرائيڊ کي بہ منجهائي ڇڏيو.)

توڙي جو 1876ع ۾ ميٿلڊ ٽريمپيڊيڪ نالي هڪ نوجوان ڊچ ڇوڪريءَ کي نِٽشي شاديءَ جي هڪ ناڪام آڇ ڪري ڇُڪو هو پر لڳي ٿو ڪيس پڪو پيار 1882ع ۾ نوجوان روسي ڇوڪري لوئي ايندريسولوم سان ٿيو (جيڪا بعد ۾ فرائيڊ سان گڏ رهي). نِٽشي جي يهودي دوست ۽ نفسياتي ماهر پال ري کيس روم (شهر) ۾ ساڻس ملايو هو. پڻ ڏينهن ڪانپوءِ نِٽشي کيس پيار پريو پرڻو آڇيو. پر کيس ٻيهر به انڪار ئي پلئه پيو. ري پال پاڻ اُن لو نالي ڇوڪري سان پيار ڪندو هو. هو ڪجهه عرصو گڏ رهيا پر جلد ئي نِٽشي پنهنجي پيار ۽ دوست ٻنهي کي وڃائي ڇڏيو.



لو واقعي بہ هڪ غير معمولي عورت هُئي. هڪ تصوير ۾ هُو ڇهبڪ ڪي چمڪائيندي ۽ هڪ اهڙو ٽانگو هلائيندي ڏيکاريل آهي جنهن ۾ گهوڙن جي جاءِ تي نِتشَي ۽ ري جوتيل هُئا. نِتشَي جي ڀنهي مردن سان شادي واري صلاح بہ نہ اگهامي. گهڻو پوءِ نِتشَي بابت هُن پنهنجي ڀهرين راءِ ڪي هيئن اظهاريو.




1887ع ڌاري ڪتاب عاشقاڻي رمز (The gay (or Joyous) science) تي ڪم دوران، نتشي جو ڌيان ثقافت جي ڇنڊڇاڻ ۾ رهيو، جيڪو شروع "ماڻهو مِڙيئي ماڻهو گهڻو" ڪتاب کان ٿيو هو. هتي سائنس، مذهب ۽ اخلاقيات بابت سندس خيال، جديد شعور جي نئين اظهار يا سمجهاڻي جي گهُر ڪن ٿا.

# روزاني وار زندگيءَ جون ڳوڙهيون تواريخون

ننشي هيل تائين جي غير اهم واقعن جي جانچ جي گذارش سان (پنهنجي ڳالهہ جي) شروعات ڪري ٿو.

سندس چوڻ آهي تہ اسان خيال جي عظيم تواريخ کان ٽوروهڻي انهن ننڍين واقعن ڏانهن بہ ڏسون جيڪي اسانجي زندگيءَ کي متاثر ڪندا آهن، جيڪي اُن کي هڪ خاص ثقافتي صورت بخشيندا آهن. "هر اُن شئي جي تواريخ ڪونهي، جنهن اسانجي وجود ۾ رنگ ڀريا آهن. پيار، لوڀ، ساڙ ايمان، پارسائي، ظلم جي تواريخ ڪٿي آهي؟ ايتريقدر جو سزا يا انصاف جي تقابلي تواريخ بہ هڙئون گم آهي."






تحقيق اسان اڳيان واضح ڪندي تہ دنيا ۾ ڪا هڪ اخلاقيات نہ پر اخلاقياتون موجود رهيون آهن. زمان کان آجي ڪا بہ اهڙي حقيقت ڪونهي جتي افلاطون ۽ مسيح جي "نيڪي" ۽ "سچ" جي سدا سُرهي حڪمراني هُجي. اها شئي اسان کي "خير ۽ شر کان مٿانهون" (1886ع) جي اخلاقيات سان لاڳاپيل ڪڙي سچ ڏانهن نيئي ٿي. "دنيا ۾ ڪي بہ اخلاقي لقاءُ ٿيندا ئي ڪونهن، صرف لقائن جي اخلاقي ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي آهي"

## ڇا گڻ به هڪ گڻ آهي؟

مثال طور پاڻ ڪنهن ماڻهوءَ جي پارسا هئڻ جو اندازو ڪيئن لڳائيندا آهيون. هڪ پارسا (نيڪ) ماڻهو اُهو آهي جيڪو هين سان پلائي ڪرڻ عيوض ساراهيو ويندو آهي. فرمانبرداري، شرافت، معقوليت ۽ جفاڪشي جهڙا گڻ درحقيقت جنهن وٽ هوندا تنهن کي ٿي ڏکيو ڪندا. ”جيڪڏهن توهان ڪنهن گڻ جا مالڪ آهيو تہ... هين لفظن ۾ توهان پاڻ ان جا شڪار بہ آهيو“ اهڙي ريت اسان هين جي گڻن کي ساراهيندا آهيون ڇو تہ اسان انهن منجهان فائدو وٺندا آهيون.




وڏيڪ اهو تہ ”گڻ“ جي تصور جي طاقت، ڪنهن قدر ”گناهہ جي احساس“ جيان ساڳي رهي. ”ايتريقدر جو صاف نظر منصفن (ججن) سميت ڏائڻيون قرار ڏنل (عورتون) پاڻ بہ اِهو سمجهنديون هُيون تہ ڏائڻيون ڪارو جادو ڪنديون آهن، جڏهن تہ ڪو گناهہ (ڏيل) هوندو ئي ڪونہ هو. ساڳو مامرو سمورن ڏوهن ۽ گناهن جو هوندو آهي.“

## ڏڻ جي طاقت

اخلاقي عقيدا هميشہ ڪنهن سُنگ (ميڙ) جا عقيدا هوندا آهن ۽ ميڙ ڪنهن اختلاف رکندڙ فرد کان وڌو ڏيندو آهي. "اخلاقيات جي مامري ۾ فرد پاڻ سان ڪي قدر ڏڻ جي ڪرت طور جوڙيندو آهي" اخلاقيات جي بڻ بنياد تي سوچيندي، بعد ۾ نِنتشي جو مرڪزي خيال اِهو ٿي ڏڻ جو تصور بڻيو. اخلاقي ملامت ۽ ضابطو صرف سماجي اتفاق (يڪراء) جي نتيجي ۾ اُسرن ٿا.




اها (اخلاقيات) اُنهن جي طاقت آهي، جيڪي انفرادي طور ڪمزور ۽ گڏيل طور سگها هوندا آهن. (ڪين لڳندو آهي تہ) اخلاقي قانون سندن سنڀال (تحفظ) ڪن ٿا ۽ سندي ذات سان گڏ، سندن رهڻي ڪهڻيءَ کي معنيٰ بخشين ٿا.

# خدا جو موت

اخلاقيات جي بڻ بنياد بابت، نتشي جا خيال جيڪڏهن ٺيڪ آهن، جيڪڏهن اخلاقي خيال (يا قدر) صرف انسان جي ذاتي مفاد ۽ بچاءُ جي ارتقائي ڏِکي جو نتيجو آهن تہ پوءِ مذهب يا اخلاقي اصولن جي آڳاٽي ذريعن ۽ عهدنامن بابت اسان ڇا چونداسين؟ ۽ اسانجي خدائن جو ڇا ٿيندو. هڪ پراڻهين نسل لاءِ سڄو سارو مذهب بس هڪ مشق ۽ تمهيد هوندو. هتي هاڻ پهريون دفعو اسان خدا جي موت جي خيال سان منهن مقابل ٿيون ٿا.




اسان منجهان جيڪي آزاد روح (ماڻهو) هوندا سي تہ ان خبر تي خوش ٿيندا. "اسان جي دل احسانمندي، حيرت، دور انديشي ۽ اميدن سان ٽب ٽار ٿي پئي ٿي ۽ (اِهي سڀ شيون) اسان کي ڪائنات جي آخري دنگ تائين، جيڪڏهن روشن نہ بہ پر آزاد ضرور پاسن ٿيون. ڪٿي ڪيڏو بہ خطرو ڇو نہ هُجي پر اسان جا بيڙا هڪ نہ هڪ ڏينهن تہ پار پوندا: علم جي بهادراڻي جوکم جي هڪ دفعو وري اجازت ملي ويجي ٿي: سمنڊ، اسان جو سمنڊ هڪ دفعو وري اسان جي اڳيان آهي: شايد ايڏو "کُليو سمنڊ" اسان اڳيان ڪڏهن اگ نہ رهيو آهي."

ڪتاب "عاشقاڻي رمز" ۾ نِتشَي خدا جي موت جي ڳالهه هڪ چريي واتان چورائي ٿو. ماڻهو ان ڏانهن ڌيان ڪونه ٿا ڏين پر اهو تصور ڇُپيندڙ ضرور آهي: هُو صبح ويلي لالٽين هٿ ۾ کڻي خدا کي ڳولي ٿو جيڪو ڪٿي ڪونه ٿو ملي.




چريي کي جڏهن خيال ٿيو ته ڪير به مٿس يقين نه ٿو ڪري ته پوءِ هُن تماشاين کي مخاطب ٿيندي چيو ته "مان گهڻو اڳ اچي ويو آهيان. مُنهنجو وقت اڃا آيو ڪونهي. هڪ وڏو واقعو اڃا ٿيڻو آهي، اُهو رستي ۾ آهي، اُهو اڃا عام جي ڪن تائين ڪونه رسيو آهي... اهو (خدا کي مارڻ جو) عمل ڪائنڻ ڏورانهين ستارن کان به ڏور (پاسجي رهيو) آهي، جڏهن ته اهو ڪم هنن پاڻ ڪيو آهي." اُن ساڳي ڏينهن هو شهر جا سڀ چرچ ۽ عبادتگاهون گهمي ٿو ۽ ڳائي ٿو "خدا ابدي آرام ۾ آ". "جيڪڏهن اِهي چرچ (۽ عبادتگاهون) هاڻ، خدا جا مُقبرا ۽ قبرون ناهن ته ٻيو ڇا آهن؟"

## خدا کان سواءِ زندگي ؟

اڄ سؤ سالن کانپوءِ بہ اسان اُن چريي جي پيغام جي نتيجن سان وچڙون ٿا پيا.



# سائنس تي تنقيد

سائنسي چندچاڻ بابت نِتشَي جا خيال، هر حوالي سان سندس مذهب ۽ اخلاقيات بابت نقط نظر وانگي للڪاريندڙ آهن. سائنس هڪ "قطعي قدُر" ۽ خدا کان آجي هِن جديد دور جي "نئين مذهب" جي حيثيت ۾ سخت تنقيد هيٺ آئي. صرف علم لاءِ علم جي ڳولا بلڪل ايئن ئي گهٽ سمجھ ۾ اچي ٿي جيئن صرف پلائي ڪرڻ لاءِ پلائي ڪرڻ ۽ اهو ايترو ئي نقصانڪار پڻ ٿي سگهي ٿو.

جيئن اسان سوال ڪندا آهيون تہ "پلائي ڇا لاءِ؟ تيئن پُڇي سگهجي ٿو تہ "علم ڇا لاءِ" ؟ اڪثر طور سائنسدان، علم جي خادم طور ورتاءُ ڪندا آهن جڏهن تہ علم کي سندن خدمت ۾ هُئڻ گهرجي.




جيڪڏهن اسان سندس اِن تنبيھ کي درگذر ڪيو تہ اسان پڻ علم جا عادي ٿي ويندا سين، جنهن جا خراب نتيجا ئي نڪرندا. "سائنس تي جهڙي ريت اڄ (اسان جو آڌار آهي يا) اسان عمل ڪري رهيا آهيون، سا حقيقت ئي ثابت ڪري ٿي تہ زندگي کي بچائيندڙ بنيادي جبلتن (اسان منجھ) هاڻ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي." هر اُهو سچ جيڪو حيات کي خطري ۾ وجهي ٿو سو ڪنهن بہ ريت سچ ڪونهي. اُهو غلطي آهي.

## سائنس جا طور طريقا

نتشي اڃا اڳتي وڌي، وڌيڪ سخت ٿئي ٿو ۽ سائنس جي دنيا کي سمجهڻ واري دعوا تي بنيادي تنقيد ڪري ٿو.




اسان تمام گهڻي پيچيدگي ۽ نفاست بابت صرف بيان ئي حاصل ڪيا آهن ۽ واضح ڪنهن شئي کي ناهي ڪيو. اِهي لقاءَ اڄ بہ اسان لاءِ ايئن مانڊاٽيل آهن جيئن اوائلي جُڳ جي انسانن لاءِ هئا.

# بيان کان تصور تائين

شيون: جهڙوڪ، نطفو، شروعاتي ڳپ، آنو وغيره هاڻوڪي حالت تائين ڪيئن رسيون، ان حوالي سان اسان وٽ پورا پنا تصور آهن. ”پر انهن تصورن پويان ڇا آهي تَنهنجي خبر پاڻ کي ناهي“. مثال طور اسان ڪارڻ اُن کي چوندا آهيون جيڪو نتيجن کي پيدا ڪري پر اِها تہ نج دوئيت (Dualism) آهي، جيئن اسڪاٽ لينڊ جي فيلسوف ڊيوڊ هيوم (76-1711) ڏسيو هو.




اهڙي ريت جيڪڏهن اسان انجام کان آجي مسلسل دنيا جي هڪ وڏي ڳِرهہ کي پنهنجي هاضمي لاءِ ننڍين ذرڙن ۾ ورهايون ٿا تڏهن بہ اسان کي اهو تصور جڳائي نہ ٿو تہ پنهنجي لاءِ تيار ڪيل اِن خوراڪ نامي کي اسان دنيا ۾ نہ صرف واحد پر سڀ کان ذائقيدار بہ سمجهون. جڏهن تہ ان ڳالهہ تي سائنس جي آڪڙ اڃا بہ زور ڏيون بيٺي آهي.

اسان پاڻ لاءِ هڪ دنيا کي ترتيب ڏنو آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي شين، لڪيرن، سطحن، سبب ۽ نتيجو، حرڪت ۽ سڪون، مواد ۽ صورت: جهڙين مجيل حقيقتن سان رهڻ لائق ٿيندا آهيون. ايمان جي انهن جُزن کانسواءِ هاڻ تہ ڪو ماڻهو رهي ڪونہ ٿو سگهي.

# چاڻ جي تحليلِ نفسي

مذهب، اخلاقيات، سائنس: انهن جي تاريخ اجايو (يا ويتر) گهٽي انساني آهي. سچ بابت سندن دعوا سندن امنگن کان ٿورو گهٽ ٿي پئي. انهن انفرادي تنقيدن جي پس منظر ۾ اسان انساني خيال جي اُن عمومي بي اعتباري جو ڪنهن قدر اندازو لڳايون ٿا جيڪا پنهنجي ئي ڳوڙهي ضرورتن ۽ مُحرڪن کان اڀڄاڻ آهي. (اهڙي ريت) فرائيڊ کان پهرين نِنشَي چاڻ پنيان نفسياتي وڏي تنقيد جا بنياد وجهڻ شروع ڪري ٿو.




ڪيڏو نہ ظلم آهي جو اسان پنهنجي سڀ کان وڌيڪ ناقابلِ اعتبار عضون (جهڙوڪ ذهن وغيره) تي ئي سڀ کان وڌيڪ فخر ڪندا آهيون. ”عضوياتي (يا مادي) دنيا جي اوسر جي هاٺوڪي ۽ آخري صورت شعور آهي ۽ نتيجي طور ان جو سڀ کان وڌيڪ اڻپورو ۽ ڪچو پاسو پڻ. شعور سببان (يا منجهان) ئي اُهي اڻ ڳڻيون غلطيون ٿين ٿيون، جيڪي انسان يا جانور کي سندس وقت کان اڳ ختم ڪري ڇڏين ٿيون.“

خيال جو احساس، جبلت، خواهش ۽ ضرورت سان وچڙڻ، اُهو بنياد ثابت ٿئي ٿو جتان کان ويهين صديءَ جي ماهرن، نفسياتدانن جو اڻ ڳڻ ڪم شروع ٿيندو ۽ آهستي آهستي ”حقيقتن (facts) ۾“ اسان جي سادي عقلي يقين کي ساڻو ڪندو. جيڪو اڃان تائين اسان جي دور ۾ سگهو آهي.“

# معيار جي ارتقا

چارلس ڊارون (82-1809) 1871ع ڌاري ڇپيل پنهنجي ڪتاب (انسان جو بڻ بنياد The Descent of Man) ۾ لکي ٿو تہ هڪ قبيلو جيڪو گهڻن اهڙن رڪنن تي آڌاريل آ...




قوم تہ بس ڇهہ، ست عظيم ماڻهو پيدا ڪرڻ وارو هڪ فطري ڦيرو (حياتياتي چڪر) آهي. هائو، پوءِ اُنهن (ڪجهہ ماڻهن) چوڌر جُڙيُو آهي. اها جدوجهد صرف وجود جي ناهي (جيئن ڊارون چئي ٿو) پر اها جدوجهد تہ عظمت لاءِ ۽ اُن سان گڏ طاقت لاءِ آهي. انسانيت بابت هڪ اهڙو تمام گهڻو غير جمهوري نقطہ نظر، جنهن ۾ اُها صرف هڪ ڪچومال آهي (۽) جنهن منجهان ڪجهہ عظيم ماڻهو پيدا ٿيندا آهن، اسان کي نِٽشي جي سياسي خيالن ڏانهن وٺي وڃي ٿو جيڪي پڻ عام ڪونهن...

## سياست: اخلاقيات ۽ رياست

جيڪڏهن ڪنهن گروهہ جون ضرورتون، اخلاقيات ۾ اظهار جنديون، انفرادي آزادي لاءِ خطرو بڻجن ٿيون، تہ اسان کي جمهوري سياست ڏانهن مُتشڪي ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اخلاقيات ۽ قانون پوروچوٽ هوندا آهن.

گروهہ = اخلاقيات
سياسي جمهوريت = رياست

رياست جا قانون، جنّي جي اخلاقيات جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن.




جيڪي سياسي جبلتن کان آزاد هوندا آهن سي ئي چاهيندا آهن تہ کين رياست کان ڇا ٿو گُهرجي. يوناني رياست (1873) The Greek State.

## جمهوريت جي ڳجهارت

جيڪڏهن مُنهنجي پنهنجي خواهش، جنّي جي خواهش سان سان ٺهڪي بيهي ٿي تہ اهو هڪ خوشگوار اتفاق سڏبو جيڪو جمهوريت جي نام نهاد ڳجهارت کي ظاهر ڪري ٿو. جمهوريت ۾ مان ٻن اصولن سان جُڙيل هوندو آهيان. هڪ اڪثريت جو ارادو (رياست) ٻيو مُنهنجو پنهنجو ارادو يا خواهش. بدقسمتيءَ سان اهڙو ڪو لازمي منطق ڪونهي جيڪو انهن ٻنهي اصولن کي ڪڏهن هڪ ڪري.



## سياسي پارٽي جي آڇ

ايتريقدر جو اڄ تائين اسان ان سمجهاڻي جي ويتا تبليغ ڪندا آهيون تہ رياست، سڀ کان تهذيب يافتہ سماج جي صورت آهي ۽ اسان جو سڀ کان اعلي فرض، اُن جي خدمت آهي. نٽشي جوابي ٿو تہ:




اختصار کان مدد وٺندي اسان نٽشي جا سندس سهيوڳي دور جي سياسي پارٽين (رجحانن) بابت خيال ڪجهہ هن ريت سهيڙي سگهون ٿا

لبرلزم: لبرل، ڪنهن هالو چالو لاءِ استعمال ٿيندڙ هڪ نرم لفظ آهي. اميرن منجهہ آزاد خيالي (لبرلٽي)، اڪثر ڪري بُزدليءَ جي هڪ صورت هوندي آهي.

سوشلزم: سوشلزم لاءِ ڪنهن بيماري جي حملي کان بہ وڌيڪ هڪ ٻي سانحي جي اُهڃاڻ طور، گهڻا تڻا ملڪيتدار (پونجي وارا) ماڻهو سدائين هوندا.

سوشلزم، هڪ ضعيف ظالماڻي نظام جو اُهو شاندار ننڍو ڀاءُ آهي جيڪو هاڻي گاديءَ تي ويهڻ ٿو چاهي.

ڪنزرويٽزم: هر دور جا رُجعتي (ڪنزرويٽ) غير ضروري حد تائين ڪوڙا هوندا آهن

سوچ جي آزاديءَ جو متو حڪمرانن جو پيدا ڪيل هوندو آهي.

# سياست: دانش جي زناڪاري

سيني ثقافتن مٿان سياسي ضابطي لاءِ تهان ضروري اسان جي دور جي ميڊيا جي صورتن بابت نِتشَي گهڻو اڳ ڪجهہ هيئن سمجهندو هو. "گهڻ کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ ضروري ناهي تہ ڪو ماڻهو پنهنجي نمائندگي اسٽيج تان پاڻ ڪري." جيئن تہ سياستدانن بابت اسان جي عمومي سمجهہ جي گهٽتائي هُئي. "هڪ ٿوروءِ اُهو اختيار ڏٺي جيڪو پنهنجي گروهہ کي ٿورن کان بچائڻ جو واعدو ڪري ٿو ۽ ٿهيل ساڳي سانچي منجهان هوندا آهن پر پوءِ پنهنجو مقصد اڳئين جي پيٽ ۾ مختلف انداز ۾ پورو ڪندو آهي."

اهڙي ريت هڪ دفعو وري، سياستدانن پاران پنهنجي سياسي سگهہ جي دفاع ۾ اڳيان ڪيل آدرشن ۾ مُحرڪن جي پٺيان اسان کي ڏسڻ جو موقعو مليو ٿو.




سياست هڪ ڏينهن ايتري تہ گندي بڻجي ويندي جو پارٽي اندر ۽ روزاني وار صحافت منجهہ اُن جو نالو "دانش جي زناڪاري" پئجي ويندو.

## سياست: سچ جوموت

پنهنجن ذاتي مفادن کي عقلي ۽ اٽر فيصلن جوڊک ڏيندڙ سياسي حڪمرانن کي نڪولو ميڪاولي (1527-1469) پڻ ساڳي ريت تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو. توڻي جو سندس سياسي خيال (ميڪاولي هڪ پڪو ريپبليڪن هو) نِٽشي پاران سياست جي عمومي رد کان گهڻو مختلف آهن. سياستدان حڪمراني ۽ مصلحتون ڪيئن ڪندا آهن، بابت پنهنجي مشاهدي ۾ ميڪاولي نِٽشي کان گهڻو اڳ جو آهي. پنهنجي ڪتاب "بيانيا" (ڊسڪورسز 21-1513) ۾ ميڪاولي اٽلي جي چرچ جي حڪمرانن بابت هيئن لکي ٿو ته:




سياست ۾ ڪاميابيءَ جي حوالي سان، ميڪاولي جا دليل لازمي طور جنهن سوال ڏانهن نيئين ٿا، سو آهي حڪمرانن جي طاقت نه ڪي ان مقصد سان جُڙيل "عزت" ۽ "انصاف". بين مهاپاري جنگ ۾ اتحادي قوتن جي فتح بُڌائي ٿي ته طاقت ئي آخر ۾ پنهنجي هوند مڃائي ٿي. (جڏهن ته) سموريون ڌريون اِهو ئي سمجهنديون هُيون ته حق سندن ساٿاري آهي.




نتشي سهيڙي ٿو "سياست ۾ پورڻتا جي هڪ صورت لازمي طور ميڪاولينزم آهي" پر اُها بہ تڏهن جڏهن اسان وٽ سياست هُجي. "جنهن شخص ۾ فلسفياڻو جوش هوندو تنهن وٽ روزانو اخبارون پڙهڻ، پارٽي ۾ ڪم ڪرڻ ۽ سياسي جوش لاءِ وقت نہ هوندو."

## بقول زَرتُشت

فيبروري 1883ع ڌاري نِتشَي، پنهنجي فلسفياڻي جوش جي نئين معراج کي تڏهن رسيو جڏهن هُن اٽليءَ ۾ ريپالو وٽ، جتي هُو سيارو گذاريندو هو، پنهنجي جڳ مشهور ڪم (بقول زَرتُشت) جو پهريون حصو ڏهن ڏينهن ۾ لکي ورتو.

لوئي اينڊري سيلوم افيئر (Lou Andreas-Salome affair) ۾ سندس بلا جي اڪيلائي جا عڪس، زَرتُشت جي ڪردار مان پَسي سگهجن ٿا.




هُن ۾ پاڻ پيغمبراڻا گڻ آهن، جڏهن تہ هو انهن سيني کي رد ڪري ٿو جيڪي پاڻ هڪ پوئلڳ جي حيثيت ۾ کيس ڏسن ٿا. چوٿين حصي جي پڇاڙيءَ ۾، جيڪو ٻن سالن کانپوءِ پورو ٿيو هو، زَرتُشت رڳو پاڻ سان ٿو ڳالهائي.

ڪتاب جو عُنوان سنسڪرت سان لاڳاپيل آهي. پاڪ زَرتُشت يا زواسٽر (628-551 BC) هڪ پيغمبر هو جنهن پرشيا (ايران) ۾ اسلام کان اڳ مجوسي (زيندبيويستا) دين جو بنياد وڌو جيڪو اڄ بہ هندستان ۾ پارسين جو مذهب آهي.




زَرتشت کي پنهنجو آواز اُٿارڻ گهرجي، مابعد طبعيات (روح يا آسمان) لاءِ نہ پر جسم ۽ ڌرتي لاءِ ۽ سڀ کان وڏيڪ فوق الانسان لاءِ.

## الهام جا آواز

ڪتاب، هڪ نئين موڪلاڻي آهي؛ هڪ اهڙي وجود جي درد جي دانهن آهي جيڪو انساني رشتن جي انت کي رسيو آهي. "ساڻن ۽ هيسيل حواسن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي ڳالهہ کنوڻون ڪيڏائي ۽ گاج ڪري زور سان ڪجي." زرتشت ويداني ادراڪ، شاعري، دلي آرزو ۽ وجدان جو غير معمولي امتزاج آهي.




سچ پچ تہ ڊيونيسائي آتما جي واپسي آ. بقول زرتشت لکڻ جي تجربي بابت پنهنجي جيون ڪٿا (Ecce Homo-1888) ۾ نِتشي لکي ٿو تہ "جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ ذرو بہ وهم موجود آهي تہ تنهن لاءِ ان خيال کان انڪار ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو تہ ماڻهو آفاقي قوتن جي تجسيم، وات ۽ اظهار جو ذريعو هوندو آهي.

درحقيقت اِهو (ڪتاب) ڪنهن فيلسوف کان وڌيڪ ڪنهن شاعر جو ڪم آهي. توڙي جو "بقول زرتشت" ڪو فلسفياڻو مقالو ڪونهي پر ان منجهان اسان کي ٽي اهم سمجهاڻيون ملن ٿيون.

1. فوق الانسان

2. قوت لاءِ ارادو (طاقت لاءِ عزم)

3. دائمي واپسي




هاڻ اِهو زرتشت جو ڪم آهي تہ هو حال جي عارضي (يا هيٺائي) جي تشخيص ڪري ۽ بهتر سياڻ جو سونهون ٿئي.

توڙي جو زَرتشت جون سمجهاڻيون ڪتاب جو ڳر آهن پر گهڻو تڻو مواد، هاڻوڪي انسان جي اڻٽڪ نفسياتي چير ڦاڙ (ڇيد) ۽ اُن جي قدرن ۽ عقيدن جي خالي پڻي تي آڌاريل آهي. اِهو هڪ (اهڙي) ناستڪ ۽ حيات مخالف سماج جي تصوير آهي جيڪو ادنيٰ ۾ اضافو ۽ اصليت ۾ شڪ ٿو ڪري.



پنهنجي چوڌاري، زَرتشت هڪ عمومي ناچاقائي کي پسي ٿو.

زندگيءَ کان لاتعلقي (نيستي)

اخلاق (۽ مذهب) ۾ منافقت

اڻڄاتل جو خوف



# نيستي بابت




تمام گهڻي ڄاڻ، روح کي بدهاضمو ٿي ڪرائي وجهي. جيئڪ ڏهن اِن رستي پاڻ ايجا هيٺ لٿاسين تہ اسان "پاڻ پنهنجي عقل جو ساهہ سوڙهو ڪنداسين". اِهو نيستيءَ جو پنڌ آهي.

سچو علم: انساني عمل جي مقصدن لاءِ ڪارائتو هُئڻ گهرجي.

## ڳُٽائتي منافقت بابت

ڳٽائتي ماڻهو (يا پارسا) پر ويساهه منافقت جي هڪ صورت آهي. جڏهن ماڻهو چوندا آهن ته "ڳُڻ (يا نيڪي) ضروري آهي" ته درحقيقت سندن مقصد "پوليس ضروري آهي" چوڻ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سندن خواهش هڪ اهڙي ماني، منظم ۽ محفوظ سماج جي هوندي آهي، جتي سندن خيال رکيو وڃي. مٿان سون تي سُهاڳو اِهو ته پلي (يا ڳٽائتو) ٿيڻ عيوض کين خدا کان انعام به گهرجي. ڇا ان کي ڳُڻ (يا نيڪي) سان مُحبت چئبو؟



## خوف بابت

"اڄڪلهه ادنيٰ ماڻهو (ڌڻ) مالڪ ۽ آقا ٿي ويا آهن: اُهي ئي نوڙت، اطاعت، دورانديشي، محنت ۽ لِحاظ جي تبليغ ڪري رهيا آهن..."

(پر) ان پُٺيان، ڪجهه ڪرڻ، خطرو کڻڻ ۽ پنهنجي قسمت پسڻ جو خوف ئي هوندو آهي. گهڻو ڪُجهه چاهڻ ۽ ناڪامي پلٽ پوڻ جو خوف.





سورن ۽ اهنجن کان هاڻوڪو خوف، اهو ئي سمجهائي ٿو تہ اسان اڃا ايترو پوڳيو (يا سَتو) ناهي. هر چاڻ جي هڪ قيمت هوندي آهي.

## ”فوق الانسان“ ڇا آهي؟

معيار جي ارتقا بابت نِتشَي جا خيال اُن فوق الانسان ( Ubermensch or Over man) جي متي لاءِ رستو هموار ڪن ٿا جنهن کي گهڻو ٽڻو غلط سمجهيو ويو آهي. اهو لفظ سڀ کان پهرين هڪ سگهي انسان (hyperanthropos) جي صورت ۾ يوناني طنزنگار ليوڪيئن (120-180 AD) وٽ ۽ پوءِ وان گوٽ (1749-1832) جي فاسٽ جي هڪ حصي ۾ ملي ٿو. ان لفظ کي عام طور تي، ارتقائي انداز ۾ يا زندگي جي نين صورتن ڏانهن اڳتر اوسر جي حيثيت ۾ سمجهيو ويندو آهي.



زَرتُشت فوق الانسان کي اٿر هُئڻ کان بہ گهٽو پري، انساني روح سامهون هڪ وڏي مهاڏي طور ڏسي ٿو. حقيقت ۾ فوق الانسان متان نہ بہ هُجي پر نِتشَي زور ڏيندي اسان متان فرض ڪري ٿو تہ اهڙي حالت تائين رسڻ جي ڪوشش ڪندا رهون.



# پاڻ (ذات) تي قابو

نتشي ڪنهن مهل ٻارون جي گمراهہ ڪندڙ تصور ڪي اُڀاري ٿو: "ماڻهو اڳيان باندر جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ هڪ اهنجن پري شرمندگي ۽ مسخري پريو مواد. فوق الانسان اڳيان انسان جي حيثيت بہ ساڳي آهي. هڪ اهنجن پري شرمندگي ۽ مسخري پريو مواد."

جيتوڻيڪ اِها "شرمندگي" پنهنجي وڏڙن جي پنڌپهڻ ٿيل اهڃاڻن جي ڪنهن ڪريل جينياتي بيهڪ ڪان ڪونهي. اُن جي اُبتڙ اها تہ ڪنهن واحد فرد جي پنهنجي زندگيءَ جي عرصي منجهہ تبديل جو نتيجو بہ ٿي سگهي ٿي.



ان ڳالهہ جي پوري پني پيٺ اسان عيسائيت منجهہ پنهنجي انساني ڪمزورين تي قابو پائڻ واري روحاني نجات جي جُهد سان ڪري سگهون ٿا. پر ڪتاب جي پهرين ئي صفحن ۾ اسان کي ڏياريل آ تہ: "ڇا اِهو ٿي سگهي ٿو تہ جهنگ جي پوڙهي بزرگ اڃا ٻڌو ئي ڪونهي تہ خدا مري چڪو آهي."

سڀ کان عظيم جوش پريو مقصد ئي خدا جي موت جي خيال کي پري سگهي ٿو... اسان لاءِ صرف فوق الانسان جوئي ڳائيتي جوڳو امڪان بچيو آهي.



بعد ۾ پنهنجي ڪتاب (اخلاقي قدرن جو نسب نامو) ۾ نِتّشي فوق الانسان کي انهن اعليٰ "روحن" سان ڀيٽيندو جيڪي "زندگيءَ کان صفا ٽورو گهرندڙ" عام ماڻهن جي ابتڙ سوچيندا ۽ جيئندا آهن. هر شئي کي ننڍو ڪري ڪڍڻ واري عام ماڻهوءَ کان زَرتشت کي ته نفرت آهي. اِهو نسل به جيتن جيان تباهه ٿيڻ جوڳو ڪونهي. اهڙي ريت زَرتُشت مٿان سنگدليءَ جو الزام مڙهڻ، اصل ڳالهه کي گم ڪرڻ جهڙو آهي.



# هڪ انساني يا مابعد انساني مستقبل

زرتشت جو سدا سائو خوف اِهو آهي تہ سندس سمجهاڻين جو سهي وقت ڪونہ آيو آهي: "ميڙ ماهر تي سگهي ٿو ۽ گوڏي پر پاڻيءَ ۾ سدا لاءِ ٻُڏي بہ سگهي ٿو" شايد فوق الانسان جو متواچ بہ اسان لاءِ اوترو ئي خوفائتو آهي جيترو اُهو 1883ع ۾ هو. جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ دُڪاندار ئي ڌرتي جا وارث ٿيندا.



## قوت لاءِ ارادو

ظاهر آ، فوق الانسان ٿيڻ جو مقصد هڪ خاص فڪري رويي جي ڳُھر ڪري ٿو جيڪو نِتشَي مطابق سندي ثقافت ۾ مُنيدان ئي ڪونهي. اهڙو رويو هڪ غير معمولي همت جي تقاضا ڪري ٿو. زَرتُشت اُن ڪي قوت لاءِ ارادو سڏي ٿو. نِتشَي اِهو خيال شوپنهار کان ورتو هو. (جيڪو ڪجهه هيئن هو ته)




جيڪا مخلوق جيڪڏهن ڄاڻي ٻجهي ڪنهن به سبب ڪري پنهنجي حياتي کي خطري ۾ وجهي ٿي سا زنده رهڻ جي ارادي جو انڪار ڪري ٿي پر اهڙي حالت ۾ اُها اڃا به ڪنهن ٻي بنيادي مُحرڪ جو اقرار ڪري ٿي ۽ اُهو آهي قوت لاءِ ارادو.*

مٿاڇري نظر سان ڏسبو تہ قوت لاءِ ارادي جو خيال، ڏاڍي جي فتح جهڙو نج اصول ئي آڇي ٿو پر گهري نظر سمجهائي ٿي تہ اِهو انساني سياءَ جو نفسياتي اصول آهي تہ هر وجود پاڻ کي سهيڙڻ يا مضبوط ڪرڻ لاءِ، پنهنجي عمل ۾ اثر جو دائرو وڌائڻ لاءِ ڪوشان رهي ٿو.

پاڻ تي فتح واري باب ۾ زَرتُشت چوي ٿو ڪمزور جو ارادو، کيس ڏاڍي جي خدمت لاءِ پيو ريجهائيندو آ: سندس ارادو ويتر موجود ڪمزورن جو مالڪ ٿيڻ چاهيندو آ: اها راحت پاڻ ئي هٿ ڪيڻ کان نابري واريندي آهي.




جيترو وڏو ارادو هوندو، اوتري وڏي قُرباني هوندي، ۾ ايتريقدر جو هڪ ڪمزور بہ "ڪنهن قلعي جي ڳجهن رستن کان ٿيندو چوري ڪري سگهي ٿو ۾ نہ صرف ايترو پر ڏاڍي جي دل تائين رسي، سندس طاقت تي بہ هٿ ڦيري سگهي ٿو."

## پنهنجي تابعداري

ارادي جي پُختگي، هٿيارن جي وڏي سگهه کي پنهنجي هٿ ۾ ڪري سگهي ٿي پر سڀ کان ڏکي فتح، پاڻ کي فتح ڪرڻ آهي. ”(جيڪو پنهنجو تعابعدار ناهي) جيڪو پاڻ تي حڪم نه ٿو هلائي سگهي تنهن تي ٻيا حڪم هلائيندا آهن.“




اِهو ان معني ۾ به ڏکيو آهي ته قوت لاءِ ارادو جيڪو ڪجهه به ڪري ٿو تنهن جا سبب اُن کي پاڻ منجهان ئي ڳولهڻا هوندا آهن نه ڪي ٻين منجهان. جيڪڏهن نِٽشي ان فلسفي کي جوش ڀريو سڏي ٿو ته ان ۾ حيرت جي ڪا ڳالهه ڪانهي ڇاڪاڻ ته هر عمل جي سموري ذميواري کڻڻ سان گڏ، ان عمل لاءِ پنهنجي ذات جو قدر پيدا ڪرڻ واري گهرج به ساڻ هوندي آهي.

# آزاد روح

ظاهر آ وڏا ماڻهو يا "آزاد روح" جيڪي قوت جي ارادي جي مڪمل تجسيم ٿي وڃن سي اڃا تائين ڏٺا ناهن ويا پر نِنشي جو خيال آ تہ تاريخ جا ڪجهہ ڪردار جهڙوڪ جوليس سيزر، گوئٽ ۽ نيپولين وغيره، ان آدرش جي ويجهو ضرور رسيا.




جيستائين خودغرضي جي الزام جو سوال آهي تہ ان ڏس ۾ نِنشي جوابي ٿو تہ "جيڪڏهن اها اسان جي پنهنجي ذات ناهي تہ پيو ڪير آ جنهنجي اسان خدمت ڪرڻ چاهيندا آهيون. هتي ۽ هرجڳهہ تي اسان سندس پراڻي مخالف مسيحي اخلاقيات (اسان جي اخلاقيات؟) کي خوردبيني ۾ هيٺ ڏسون ٿا.

## وقت جو ڦيرو

زَرتُشت جو ٽيون متو (يعني) شين جي دائمي موٽ، سندس شخصيت جو گهڻو انساني (نہ ڪي فوق الانساني) پاسو ڏيکاري ٿو. چاڪاڻ تہ اِهو خدائن کانپوءِ اسان جي تياڳ واري احساسن کي هڪ مابعد طبعياتي دلاسو ڏيئي ٿو. "بصيرت ۽ پروليءَ" (Of the Vision and the Riddle) ۾ زَرتُشت بہ رستا ٻڌائي ٿو.




اُن جاءِ جي در تي اُڪريل آهي "پل". سندس اڳيان ۽ پويان دائميت جو راج آهي؛ ۽ واقعن جي نہ کُٽندڙ ڪڙي آ جنهن ۾ هو ڳجهہ ڳوهہ ۾ قائل آهي.


سڀني جي پيچيدگيءَ جنهن منجهه مان قائل آهيان، وري موٽ ڪاٿيندي. اها مون کي نئين سر تخليق ڪندي! دائمي موٽ جي انهن سڀني جو مان حصو آهيان.
نہ تہ نئين نہ وري ساڳي پُراڻي زندگيءَ ڏانهن پر مان انهيءَ سچ، انهيءَ ڏرتي، انهي بازءِ انهي نانگ سان واپس ورڻو آهيان.
هڪ دفعو ٻيهر سمورين شين جي دائمي ورجاءُ سيکارڻ لاءِ، مان ور ور ڏيئي ان جهڙي زندگيءَ ڏانهن، انهن خسيس ۽ عظيم شين ڏانهن وري موٽندس.

## هڪ ڏک درسي(Pessimistic) دلاسو

"دائمي ورجاءُ" اسان سان "چڱي پچاڙيءَ" جونه پر ازليت جو واعدو ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ جي ڪا پڇاڙي آهي ئي ڪونه. لاطيني ڏند ڪٿائي ڪردار سسيفس جيان، اسان دائميت جي سمورن واقعن جي بيانڪ ورجاءُ جي سزا ۾ آهيون. پڇاڙيءَ مقصد جي کوٽ (يا) هڪ قسم جي بي فنائيت جيڪا شوپنهار جي فلسفي ۾ "نه ختم ٿيندڙ خواهشن" کي پڙاڏو بڻائي گونجي ٿي، سا زَرتشت جي هوئين مُسرت ڀري تبليغ ۾ ڏک درسائپ جو اضافو ڪري ٿي.

هتي اسان هڪ دفعو ٻيهر "پل" تي، پنهنجي حال جي عمل ۽ ارادي تي گهٽي آڏار کي لهون ٿا ۽ جيڪو ڪجهه بعد ۾ ٿئي ٿو سو ان سان سموري لازميت ۾ جُڙيل ئي رهي ٿو.



# واگنر جو پاڇو

"بقول زَرتُشت" جو پهريون ۽ ٻيون حصو پورو ڪرڻ کان جلد ئي پوءِ نِتشي کي رچرڊ واگنر جي موت جي خبر پئي. بعد جي پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ ڪيس واگنر جي پوت سان ويڙهه وڙهڻي پئي.




پيٽر گاسٽ کي لکيل هڪ خط ۾ هو ٻُڌائي ٿو تہ تنهن شخص جو دشمن ٿيڻ ڪيڏو نہ ڏکيو هو جنهن کي هُن سڀ کان وڌيڪ مان ٿي ڏنو. توڙي جو آخري نتيجي ۾ هو عظمت جي خواهش سان سچو ڪونہ هو تنهن باوجود واگنر ۾ "عظيم ماڻهوءَ" جا گُڻ موجود هُئا.

واگنر جي ساميت مخالفت، سندس مسيحيت، سندس دهريت باوجود نِتشَي ڪڏهن هُن منجهان پنهنجو پاند آجو نہ ڪري سگهيو. سندس موت نِتشَي جي دنيا کان ڪناره ڪشي واري احساس کي ويتر سگهو ڪيو.

## جرمن رهاڪو ۽ يهودي

هيستائين ايندي، واپس جرمنيءَ ۾ رهڻ وارا سمورا خيال ڇڏي ڏنا ويا. مٿيئن سال يعني 1884ع ۾ نِنشي پنهنجي ڀيڻ سان زيورخ ۾ مليو.




نِنشي مسلسل هر جرمن خاصيت کي ناداني سان هڪ ٺٺ ڪيو ۽ لڳاتار جرمن نسل پرستيءَ خلاف يهودين جو دفاع ڪيو. "يهودي بنا ڪنهن شڪ جي، هِن وقت يورپ ۾ رهندڙ سڀ کان وڌيڪ مضبوط، سخت جان ۽ نج نسل آهن".

سيني سماجي بُڇڙاين لاءِ صرف يهودين کي قُرباني جو ٻڪر بڻائڻ هڪ ناداني آهي. ڪنهن بہ شخص کي سندس عملن بدران اُن جي ٻڻ ٻڻياد مان سمجهڻ کي هو"جينياتي مغالطو" سڏيندو هو. سندس مڃڻ هو تہ "هر قوم ۾ هر فرد ۾ ڪي اٽوٽندڙ يا ايتريقدر جو ڪي خطرناڪ خاصيتون ٿينديون آهن. صرف يهودين کي ان ڪان مٿانهون ڏسڻ نااانصافي ٿيندي."





يهودي ثقافت بابت هو چئي ٿو تہ "فن جي دائري ۾ هينرخ هائين ۽ آفنباخ جهڙا يهودي تمام گهڻا ڏاها ماڻهو هيا" پر مسيحيت جيان هُن يهودي اخلاقيات کي پڻ سخت تنقيد جو نشانو بڻايو.

# جرمني مخالف

پهاڪن ۾ چوٽين سان نِتشي جي پيار بابت جرمني وارن گهڻو مواد ڏنو.



جرمنيءَ ۾ خراب لکت کي جڻ ته قومي حق سمجهيو ويندو هو.



جرمن ڏاهپ ٻيو کجھ ڪونهي هڪ بدهاضمو آهي.

هڪ جرمن عظيم شين جي لائق هوندو آ پر اهو انهن کي گهٽي قدر حاصل ناهي ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ ته جتي سندس وس هلندو ٻه آ اُتي ٻه هو فرمانبردار هوندو آ ۽ اها ڳالهه فطري طور سُست ذهنيت سان ٺهڪي بيهي ٿي.


جرمني ۾ جن اعلي ثقافت جي
مثالن کي مون ڏٺو سي پنهنجي بڻ
بڻياد ۾ فرانسيسي هُيا.
پوئين چار صدين ۾ ثقافت خلاف
هر وڏو ڏوهہ، جرمن ضمير تي آهي.
جيڪڏهن اهڙا سمورا خيال ڪنهن
هڪ ُجلد ۾ گڏ ڪجن ها، تہ نازي
بنا ڪنهن شڪ جي ان کي ساڙي
ڇڏين ها.
جرمني وارن کي مهذب پٽي جي
گهٽي چاڙ آهي پر اُهي پاڻ
مهذب ڪونهن.
جڏهن بہ جرمني پنهنجو اثر
وڌايو آ، هُن پنهنجي ثقافت کي
برباد ڪيو آهي.

## خير ۽ شر کان مٿانهون (6_1885)

هي ڪتاب نِنشي جي "دائمي بُتن" خلاف اڻتڪ جدوجهد جي خيالن کي سهيڙي ٿو. هتي اسان کي اِهو ڄاڻڻ گهرجي تہ "بُتن" منجهان سندس مراد ڇا آهي.؟ ڪتاب "بُتن جي نما شام (1888) ۾ هو ڳالهائي ٿو. انهن دائمي بُتن جو اندروني خاليپڻو جانچڻ لاءِ "فلسفي کي هٿوڙي وانگي ايئن استعمال ڪرڻ جيئن وڄندڙ ڪانئو."




جيتوڻيڪ ڪتاب "خير ۽ شر کان مٿانهون"، نِنشي جي چاهہ جي ڦهلاءَ کي سهيڙي ٿو پر اسان ان کي سندس بعد ۾ ڪيل اخلاقيات جي ڊور رس ڇيد (اخلاقي قدرن جو حسب نامو 1887ع) جي تعارف طور وٺون ٿا.

## فلسفي جي بي ايماني

جيئن ئي لفظ سچ سامهون اچي ٿو فيلسوفَ هڪ "گهٽوءِ ڪٽوان گوڙ" شروع ڪري ڏين ٿا. فيسلي (philo=lover [of] sophia =wisdom, truth) جي يوناني معنيٰ منجهه تہ ڪا حيرت جوڳي ڳالهہ ڪونهي. تنهن هوندي بہ فيلسوفن جي سچ سان پنهنجي انهي خاص ملڪيتي رشتي جي دعويٰ، غير واجب آهي.




فيلسوفن کي يقين هوندو آهي تہ سندن نظريا هڪ غير جذباتي، معروضي، منطقي عمل جو نتيجو آهن. پنهنجي انهيءَ "سرد، نِج، پُراطمينان آفاقي ٻوليءَ" کي هو موضوعي، ۽ ٻين سان گڏ صوفين جي بي اعتبار ڪوشش سان ڀيٽڻ چاهيندا آهن.

حقيقت ۾ فيلسوفن جي سوچ هميشہ خواهش، تعصب، هڪ اُتساهہ يا "دل جي تمنا" جو نتيجو هوندي آهي. ٻين لفظن ۾ هڪ منطقي ضرورت ۽ اعتقاد کان شروع ٿي هو تجريد جوڙين ٿا ۽ پوءِ دليل سان اُن جو دفاع ڪن ٿا. يا جيئن فرانسيسي رياضيدان ۽ فيلسوف بليز پاسڪل (62-1623) ان کي سُهڻي نموني رکي ٿو...



ڪانٽ پنهنجي ”جدلي ذريعن“ ۾ باراڪ اسپنوزا (77-1632) پنهنجي جاميٽري جهڙي طريقي ڪار ۾ قاعدن سان، ٺهيل ”اخلاقيات جي پراڻن پرچارڪن“ جي تري ۾ پيا آهن.

نِنشي اِهو تاثر نہ ٿو ڏيڻ چاهي تہ فلسفو انهيءَ محدود سرگرميءَ کان وڌيڪ ڪري ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. هو تہ بس اِهو چاهي ٿو تہ فيلسوف پنهنجي ”تحقيق“ جي سچي فطرت کي ڄاڻي وٺي.




يا جيئن انگريز فيلسوف ايف ايچ بريڊلي (1924-1846) چيو هو ”مابعد طبعيات: جبلتن تي ويساهہ لاءِ نامناسب سببن جي ڳولها آهي.“

## مذهب بابت

هتي هاڻ اسان مذهبي فطرت ۽ منظم مذهب (عيسائيت، ٻُڌ ڌرم وغيره) جي مقصد بابت نتشي جي چند خيالن کي لهون ٿا. "مذهبي فطرت" لفظ جو بدل اسان "دماغي روڳ" ڪيون ٿا، ڇاڪاڻ ته نتشي مطابق مذهب ۾ فطري ڪا به شئي ڪونهي.




تاريخ ڪيترين ئي مذهبي ويائون (جهڙوڪ چرچ پاران ڏنل سخت سزائون ۽ بنياد پرستي) ڏٺيون آهن پر اها بدبختي ڪنهن نه ڪنهن سطح تي هميشه رهي آهي.



ان جو اهم لقاءُ ولي يا بزرگ رهيو آهي، جنهن جي وقت جا وڏا حاڪم بہ عزت ڪندا رهيا آهن. اُهي هڪ ولي ۾ ارادي جي سڀ کان سگهاري قوت کي بجا طور پسندا آهن، اها ايتري تہ مضبوط هوندي آهي جو ذات جي هڪ اهڙي تمام وڏي نفي کي بہ برداشت ڪري ويندي آهي جنهن جو اڳ ڪو مثال ناهي هوندو.



# ايمان بابت

اِهو ايمان ڇا آهي جنهن جي گُهر مذهب اسان کان ڪندو آهي؟ نِتشي ان سوال کي پاسڪل جي مثال سان جوابي ٿو. جنهن جي مذهبي عقيدن سندس فڪري ڪم جي وسعت کي سختيءَ سان سوڙهو ڪيو هو.




عيسائيت وارو ايمان منديئون قرباني آهي: سموري آزادي، سمورو فخر، روح جي سموري خود اعتمادي جي قرباني ۽ ان سان گڏ هڪ تاحيات غلامي، ذات جي ٺٺول، ذات جو بگاڙ.

ڊينش (ڊينمارڪ جو) فيلسوف سورين ڪرڪيگارڊ (15-1813)* ايمان کي ”آفاقي چرپائپ“، هڪ اهڙي بيهودگي قرار ڏنو جيڪا اسان کي پنهنجي عقل کي ”اورانگهڻ“ جو سبق ڏئي ٿي. بين سان گڏ ڪرڪيگارڊ پڻ نتشي جي نشاني تي آهي.



## سور جو گهٽو ٽٽو سِناءُ


حالت اِها آهي تہ اسان مذهب جي وصف تڏهن لهون ٿا جڏهن اهو عام ماڻهوءَ جي خدمت ڪري ٿو. گهٽي ٽٽي انسانيت تہ مذهبي تعليم ۾ ئي آٿت ڪي هٿ ڪري ٿي.



# اخلاقي قدرن جي فطري تاريخ بابت

نتشي: پنهنجي ڪتاب، "اخلاقيات جو نسب نامو" (1887) لاءِ ميدان هموار ڪري رهيو هو. پنهنجي تُز مشاهدن جي سلسلي ۾ هُن لقائن کي اهڙي انداز ۾ ترتيب ڏنو جو اُهي اخلاق بابت سالن پُڄاڻان اسان جي اڄ جي تصور جي جوڙجڪ ڪن ٿا. هُن اخلاق کان اڳ واري حالت ڏانهن اشارو ڪيو جنهن کي جتن يا سماجي زندگي چٽيو ۽ اُن جو پورو حوالو ڏيڻ ضروري آهي...

"...جڏهن کان انسان رهيو آهي تڏهن کان انساني ويڙها (خانداني جٿا، برادري، قبيلا، قومون، رياستون ۽ عبادت گاهون) بہ رهيا. جنهن ۾ حڪم ڏيندڙ ٿورائي جي پيٽ ۾ گهڻائي فرمانبردار رهي آهي. جيڪڏهن ان ڳالهہ تي ڌيان ڌريندي اسان ڏسون تہ، هيل تائين جيڪا شئي انسانن ۾ سڀ کان بهتر ۽ سڀ کان گهڻي عمل هيٺ رهي آهي يا اُن جي آبياري ٿي آهي سا فرمانبرداري آهي، تہ پوءِ اهو سمجهڻ پڻ سپاويڪ هوندو تہ هڪ قانون جي حيثيت ۾ ان فرمانبرداري جي ضرورت هاڻي اسان منجهہ رسمي ضمير جي ڪنهن صورت ۾ پيدائشي هوندي، ۽ اهو ضمير حُڪم ڏيندو هوندو تہ: توکي هر حال ۾ هي ڪُجهہ ڪرڻو آ ۽ هي ڪجهہ ناهي ڪرڻو. اِهو ضروري يا رسمي ضمير پنهنجي اطمينان لاءِ پنهنجي پاڻ کي مواد سان پرڻ گهري ٿو. تنهن ڪري اهو عوام جي بي صبري ۽ اضطراب کي جهٽي ٿو ۽ هڪ نبار ٻُک جي حيثيت ۾ جيڪو ڪجهہ بہ حڪم ڏيندڙ والدين، استاد، قانون، طبقاتي تعصب ۽ عمومي طور عوامي راءِ ان جي ڪنن (ضمير) ۾ داڻهين ٿا، تنهن کي قبول ڪري ٿو.



# حُڪمران بحيثيت نوڪر جي

ننشي ٻڌائي ٿو ته حاڪماڻو ارادو پاڻ کان وڏي اختيار (جهڙوڪ وڏا يا بزرگ، انصاف، قانون، ايتريقدر جو خدا) جي نمائندگي جي دعوا ڪندي، ماڻهن جي ڪنهن گروهه مٿان پنهنجو اختيار قائم ڪندو آهي. ان ۾ اڪثر طور خودفريبي ۽ بيڪار ويساهه جو عنصر شامل هوندو آهي. (مثال طور) برطانيا جي راڻي الزبيٿ ٻين جي "ايمان جي مُحافظ" آهي. (۽) آمريڪا جو صدر "سڀ کان پهرين عوام جو نوڪر" آهي.



## شرِ يا بڇڙائي

نئشي جا آخري ٻول (چوٽيون) سندس ڪتاب "خير ۽ شرِ کان مٿانھون" ۾ پڻ ملن ٿا. "بڇڙائي" جو تصور، اُن وقت تائين سندس خيالن ۾ مرڪزي نوعيت جو نہ ھو. اھو مسيحي اخلاقيات سان ڳوڙھي پيچيده انداز ۾ جُڙيل آھي. جڏھن تہ ان کان اڳوڻي (اخلاق کان اڳ واري) دنيا ۾ ان خيال (شر) جو ڪارج نہ ھو.




اھڙي ريت جادو، ڪُفر ۽ ڪوڙن خُدائن جي پوڄا (شيطان پرستي؟)، غير عقلي سياه (شيزوفرينيا؟) ۽ شھوت پسندي کي، ھڪ نہ ٻئي وقت ۾ گروھہ جي نقطہ نگاھہ کان "شرِ" جي لقاءَ جي ڪاتي ۾ وڌا ويا آھن. ڇاڪاڻ تہ اِھي (رويا ۽ روايتون) فرد کي گروھہ کان مٿي ڪڍي وڃن ٿا، ان ريت گھٽائي لاءِ خطرو بڻجي پون ٿا. تنھن ڪري اڄو تہ ھر خطري کي "شرِ" ئي سڏيون. ۽ ائين (ھر خطري کي بڇڙائي سڏيو ويو)

## چريائپ بابت

نٽشي جون ڪجهه سمجهه پريون نفسياتي چوٽيون ۽ پهاڪا هٿ ئي جُڙيا. جيڪي ڪنهن واحد تفسير جي اجازت نه ٿيون ڏين.




# پيار بابت


جيڪو ڪُجھ بہ پيار منجهان ڪيو
ويندو آ، سو هميشہ خير ۽ شر کان
مٿانهون هوندو آهي.
مسيحيت شهواني زهر پيئڻ
لاءِ ڏنو. هو (عام ماڻهو) پڪ سان مئو ڪونہ
پر بُڇڙائي ۾ خراب ٿيو.
DIVINVS AMOR
الميي جو احساس
حواسن جيتسڪين سان وڏبوءِ
گهٽبو آهي.

## ســـچ

ماٺھو پنھنجي چاڻ جي جڏھن تشھير ڪري ڇڏيندو آھي تہ پوءِ ان (خاص چاڻ) سان وڏيڪ پيار ناھي ڪندو.



توھان سچ جي جيتري وڏيڪ تجريدي سکيا ڏيڻ چاھيو ٿا ان لاءِ توھان کي پنھنجا حواس ان سطح تائين ورغلائڻا (يا وٺي وڃڻا) پوندا آھن.

سموري ساک، سمورو سُٺو ضمير ۽ سچ جا سمورا اُھڃاڻ صرف حواسن منجھان پيدا ٿيندا آھن.

# اخلاق بابت


پنهنجي غيراخلاقي پڻي تي شرمندو ٿيڻ
ان ڏاڪڻ تي پهريون پير آهي جنهنجي
آخري ڏاڪي تي ماڻهو پنهنجي اخلاقي
پڻي تي بہ شرمندو ٿيندو آهي.
ڪير آهي اهو جنهن ڪڏهن نہ
ڪڏهن پاڻ کي پنهنجي چڱي نالي
(ناماچاري) لاءِ قربان ناهي ڪيو.
ڦاسائڻ لاءِ اخلاق جو
آخري حربو "ڄاڻ پنهنجو پاڻ لاءِ" هوندو
آهي. ان کان پوءِ ماڻهو ڀهر ان چڪر ۾
وري ڦاسي ٿو.

اخلاقيات بابت نِنشي جي مشهور چوٽي ڪان اسان اڳ ئي واقف آهيون تہ

**"ڪي بہ اخلاقي لقاءُ ناهن ٿيندا، صرف لقائن جي اخلاقي ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي آ..."**

هن ڪمال تجويز جا پڙاڏا اڄ بہ گونجن ٿا ۽ مختلف طريقن سان ظاهر ٿين ٿا. سائنسي دهريت صلاحي ٿي تہ صرف مادي ۽ طبعي دنيا کي پڙهي ۽ سمجهي سگهجي ٿو.

اخلاقيات فضول آهي يا جيئن وِٽنگسٽائين چئي ٿو...






مارڪسوادين لاءِ اهو نظريي (Ideology) جي ٿيوري جو هڪ اظهار آهي.



جيڪڏهن اسان نتشي جي ويجهو ٿي ڪانٽس پُڇون ته هو "اخلاقي لقائن" جي حقيقي بيهڪ کان ڇو انڪاري آهي ته موٽ ۾ هُن جو زور ان ڳالهه تي رهندو آهي ته هر اخلاقي نظام جو هڪ عملي مقصد هوندو آهي ۽ اُهو آهي انساني سياءَ تي ضابطو.




لازمي طور لقاءَ جيئن پيدا ٿين ٿا ته اسان جا خيال به (دنيا بابت انساني نقطۂ نظر کي جوڙيندي) ڪين صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر نتشي جو زور ان ڳالهه تي آهي ته پنهنجي ڪوشش جي ان نتيجي کي اسان پنهنجو ڪو معروضي بنياد ناهيون ڏيندا. ڇو ته "اخلاقي لقاءَ ٿيندا ئي ڪونهن"

## آقا ۽ غلام

نِتشي هن وقت تائين اخلاقي احساس جي تاريخ ۾ مرڪزي ڏار (يا اختلاف) جي نشاندهي ڪئي، هڪڙا اُهي جن اخلاقي اهڃاڻن کي (پنهنجي بچاءُ لاءِ) قبوليو ۽ ان جي پوئيواري ڪئي ۽ ٻيا اُهي (خاص فرد) جن پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻي اختيار کي ڪونہ قبوليو. انهن (ماڻهن جي) گروهن جو پاڻ ۾ آقا ۽ غلام وارو سهڪاري تعلق هوندو آهي. نِتشي سمجهائي ٿو تہ اها ورهاست ڪڏهن بہ مڪمل ناهي هوندي. درحقيقت ڪنهن اڪيلي فرد ۾ بہ اِهي ٻئي پاسا ناخوش انداز ۾ گڏ ملي سگهن ٿا. آقا ۽ غلام جو اِهو رشتو ان ڪلاسيڪي سمجهاڻي جي نفي پيو ڪري جنهن کي جي ڊبليو ايف هيگل (1770-1831) نالي فيلسوف اڳيان ڪيو هو جنهن ۾ هُن انهن اصطلاحن کي هڪٻئي جي ضِد طور ڏٺو.




نِتشي جي خيال ۾ غلام ذهنيت، آقا خلاف وچر هڪ بي رحم مزاحمت جي صورت وٺندي، هزار سالن ۾ وڌندي ويجهندي ۽ پاڻ کي مُڪمل ڪندي آهي. اها (غلاماڻي) مزاحمت اُن "قوت لاءِ ارادي" کي ڪڏهن بہ فتح نہ ٿي ڪري سگهي، جنهن کي سچائي سان هڪ "آزاد روح" سانديندو آهي.

# اعلي اخلاقيات

اخلاقيات ۾ "آزاد روح"* جا اوئلي جُز پنهنجو بُڻ بنياد نوابي ثقافت منجهہ ڳولهين ٿا جهڙوڪ پُراڻو يونان. هِتي خير (چڱائي) جو خيال "روح جي اعلي ۽ بافخر (هڪ اهڙي) حالت سان جڙيل آهي. جيڪا (عام ڪان) ڌار هُجي ۽ مرتبي (جهڙوڪ سماجي نظام) کي طئي ڪندي هجي"

اهڙين ثقافتن ۾ خير ۽ شر بدران اعلي ۽ ادني جا تصور هوندا آهن اهي اصطلاح فردن لاءِ نہ ڪي عملن لاءِ استعمال ٿيندا آهن.






پر نتشي اِهو سمجهائڻ ۾ تڪڙ ٿو ڪري ۽ صرف ڪنهن نوابي طبقي منجهہ پيدا ٿيڻ سان غير معمولي ڪردار جي پڪ نہ ٿي ملي. اهو تہ جينياتي غفلت جو هيو نمونو ٿي پوندو (ڏسو صفحو نمبر 95). اهو اخلاق بنيادي طور خود خلقي آهي. "هڪ اعلي قسم جو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي قدرن جو طئہ ڪندڙ سمجهندو آهي". اسان ان کي آقا جي اخلاقيات پڻ سڏي سگهون ٿا.




بهرحال اها چونڊ ڏاڍي سادي آهي. اسان يا تہ پنهنجي لاءِ پنهنجي قدرن جي جوڙيندا آهيون يا وري (غيرارادتن) ٻين جي قدرن کي جانچيندا آهيون. تاريخي طور تي غلام اخلاقيات هميشہ غالب رهي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ان کي تبديل ڪندڙ ارادو اسان کي ڀڃ ملي ٿو ۽ اهڙي ريت اسان "خير ۽ شر کان مٿانهون" وڃون ٿا.

## ماڻهن کان بيزار

نِتشي جا ڪتاب سندس حياتي ۾ جهڙوڪ پڙهيائي نہ ويا. هُن کي زرتشت جي چوٿين حصي (1885ع جي شروعات ڌاران مڪمل ٿيل، هڪ ڪتاب سپ لاءِ يا ڪنهن لاءِ بہ نہ) لاءِ ڇپائي ڪندڙئي نہ ٿي مليو. سو هُن پنهنجي ڪتاب جون چاليهہ ڪاپيون پاڻ ڇپرايون. تنهن ڪانپوءِ بہ ڪيس صرف 7 ماڻهو ئي ملي سگهيا، جن ڏانهن هُن پنهنجون ڪاپيون موڪلي ڏنيون. ويندي وڃي 1888ع ۾ هُن پنهنجي دوست بيرون وان سيڊلٽ کي شڪايت ڪئي تہ...



منهنجي پياري جرمن واسين ڏانهن هڪ نهار تہ ڪرا جيتوڻيڪ مان پنهنجي 45 هين سال ۾ هلان پيو ۽ ڪي 15 کن ڪتاب ڇپرايا اٿم، (پر) جرمني ۾ ڪو بہ ڪونهي جيڪو منهنجي ڪنهن بہ ڪم جو ڪنهن قدر ڪو چڱو جائزو لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو هُجي.

تنهن ڪانپوءِ وڃي فرانس ۽ اسڪينيڊنيوين ملڪن منجهان نِتشي جي لکڻين کي همدردانِي موٽ ملي پر هي ويتر اڪيلائپ محسوس ڪرڻ لڳو هو. پنهنجي ڀيڻ الزبيٿ ڏانهن هڪ خط ۾ هُن چيو "هڪ گهري انسان وٽ جيڪڏهن خدا ڪونهي تہ ڪيس دوست گهرجن ٿا پر مون وٽ نہ خدا آهي ۽ نہ وري دوست."

1888ع ڌاري پنهنجي پيڻ ڏانهن هڪ ٻئي خط ۾ نتشي پنهنجي مقصد بابت اعليٰ ۽ ويڳاڻي خيال سان ڳالهائي ٿو ته "ڀڪي ڳالهه اها آهي-مون کي نه ٿو لڳي ته پري پري تائين تون ان حقيقت کان باخبر آهين ته تون هڪ اهڙي شخص جي ويجهي مائٽياڻي آهين جنهن جو مقدر صدين جي تقدير طئه ڪرڻ آهي. مان انسانيت جو مستقبل پنهنجي هٿ ۾ جهليون بيٺو آهيان"

ايرون روڊ نالي هڪ (سندس) پُراڻي ويجهي شاگرد ۽ هاڻ جو ليپز (يونيورسٽي) ۾ علم التحقيق جو نالي چڙهيو پروفيسر، نتشي جي آخري دفعو ويهجي وڃڻ کان اڳ جي انهن سالن بابت راءِ ڏني ته




پنهنجي وڏندڙ سور ۾ آرام ۽ اوجاڳي (منجهه فائدي) لاءِ نتشي هڪ پراسرار ديسي ڪڪ (آفيم) جو عادي ٿي چڪو هو. انهيءَ خراب حالت ۾ هُن 1887ع جي اونهاري جي صرف پندرنهن ڏينهن ۾ پنهنجو سڀ کان اثرائتو ڪم (اخلاقي قدرن جو حسب نسب) پورو ڪيو.

# اخلاقي قدرن جو حسب نامو

ان بي مثال ڪم جي مهاڳ ۾ اسان کي ياد ڏياريو ويو آهي ته سمورن انهن علمن منجهان جنهن کي اسان ڳولهيندا آهيون، سڀ کان ڏکيو ذات جو علم آهي. اهو متو ته "هر ماڻهو پاڻ کان اوپرو آهي" سدائين لاءِ سچ ٿو ڀاسي. اهڙي ريت نتشي جو سڀ کان سدا ساٿو اُتساهه هميشه "علم جون آخري حدون" لڀڻ رهيو.

انهيءَ پس منظر ۾ اخلاقي قدرن جو حسب نسب انساني نفسيات بابت اسان جي علم ۾ هڪ وڏو قدم ثابت ٿيو. ڇاڪاڻ ته ان جو مقصد خود قدر جي تخليق کي ظاهر ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هو.




اهو هڪ ٻيڻو يا ٻٽو منصوبو هو

1. اخلاقي خيالن جي تاريخ ۽ ڇنڊڇاڻ. (اهو موضوع وري هيٺين موضوع تي آڌاريل هو)

2. نفسيات مٿان تنقيد (تي ته)، ڪهڙي ريت انسان انهن اخلاقي اصولن تائين رسيو؟

ان ڪتاب بابت بعد ۾ نتشي چيو ته ان ڪتاب جو مواد "گهٽا يا ڏاڍا اٿوٽندڙ سچ آهن، جيڪي ڏورانهين پنڌ کان جهيٽي ٻُڌ ٻُڌ طور ٻڌڻ جوڳا ٿيندا آهن." (اهڙي ريت) اهو ڏسڻ آسان آهي ته بعد جا نفسياتي ماهر ڇو نتشي جي شڪ شُبهي واري متي جي پوئيواري ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. (انهن) انساني سمجهه کي ڪڏهن به سڌي ريت (جيئن اُها پيش ڪجي ٿي) قبول نه ڪيو. ڇاڪاڻ ته اها جنهن سان مهاڏي کان لنوائيندي آهي (جهڙوڪ ڪجهه "گهٽا اٿوٽندڙ سچ") تنهن کي ڍڪيندي آهي.

## رحم جي اخلاقيات

نتشي جو شڪ شبهو سڀ ڪان پهرين جيڏانهن لڙي ٿو تنهن ڪي هو "غير انائي جبلتون" (جهڙوڪ شفقت، ذات جي نفي ۽ ذات جي قرباني) سڏي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ اهي خاصيتون "جمود، گهري ٿڪ ۽ ان ارادي جو اظهار آهن، جيڪو خود زندگيءَ جي خلاف ٿي بيٺو آهي" (انهن خاصيتن ۾ اظهارجندڙ زندگي مخالف احساس انڪاريت ڏانهن وٺي وڃي ٿو جنهن ڪي هو (نتشي) هڪ خطرناڪ حد تائين ساڳو ڪندڙ بيماريءَ سان ڀيٽي ٿو)



رحم (جو جذبو) انسانيت جي اوسر جي خلاف ڪم ڪندو آهي. چاڪاڻ تہ اِهو (جذبو) جيڪو تباهہ ٿيڻ (فطري موت) لاءِ تيار آهي، تنهن کي پيو بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. (جيڪو شايد موت بابت اسان جي عمومي خوف يا اجا بہ ڪمزور جي موت جي خوف جو اظهار آهي).

شعوري سولو موت، پار ڪيرائڻ ۾ هر قسم جي طبي بيمارين بابت سهيوڳي دور جا اسان جا بحث ۾ لڙايون، رحم واري قدر جي سوال چوڏاري ئي ڦرن ٿيون.



# اخلاقيات ۾ غلام بغاوت

توڙي جو اسان جي جديد "تهذيب پرئي" سماجن جي اخلاقي خيالن ۾ رحم کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي، پر نِتشي جي مشاهدي جو اثر ڇيد اِهو هو تہ رحم وارو اخلاقي قدر اسان جي نفسياتي صحت لاءِ نقصانڪار آهي.



## پيءَ جا گناهه

نِٽشي پروهتن (پادرين) مٿان گهڻو سخت آهي، انهن کي هُن سڀ کان گهڻو ۽ سڀ کان ذهين نفرت ڪندڙن جي صورت ۾ ڏٺو. ڪمزور گهٽائي جي اڳواڻن جي حيثيت ۾ سندن صلاحيت هٿيارن جي سگهه منجهه نه هئي؛ اُن جي اُبتڙ کين پنهنجي ذهني قوت تي آڌار ڪرڻو پيو.




اهڙي پرت جو انتقام سمورن انتقامن کان اعليٰ ٿي ٿيڻو هو. تنهن هوندي به هتي تضاد اِهو آهي ته اِنهيءَ پروهت پرت ذريعي ئي، انساني ڏاهپ نزاڪت ۽ اُٿاهه گهرائي سان اُسرڻ جي لائق بڻي. پروهت وجود جي ڌرتي منجهان ئي انساني فڪر جون اعليٰ تخليقون ڪڙيون.

## غلام اخلاقيات: قدرن جي اُٿل پُٿل

گهڻو ڪري پروهت پرت جو سڀ کان اوائلي عمل قدرن جي هڪ نئين نظام جي تخليق هو. اُٿل پُٿل جي ڏکهي سلسلي ڪانپوءِ اُنهن حڪمرانن جي اعليٰ (ڏاڍن ۽ سگهه وارن) قدرن کي پنهنجو ڪيو ۽ انهن کي سندن اُبتڙ يعني وڏين براين ۽ گناهن ۾ بدلايو.



# شرِ جو خيال

هڪ دفعو جڏهن ان پروهتي قدر جي تبديلي حاصل ٿيندي آهي تہ اها اعليٰ اخلاقيات جي مڪمل خاتمي جو نتيجو قدم ٿي ظاهر ٿيندي آهي. اعليٰ اخلاقيات جي قدر جي ان نفي جي عمل ۾ پروهت پرت شرِ جي خيال جو هڪ بيو شاندار اوزار گهڙي ورتو.



اعليٰ ۽ غلام اخلاقيات جي وچ وارو فرق هاڻ نبري نروار ٿئي ٿو.




اعليٰ اخلاقيات هن دنيا ۾ پنهنجي ارادي ۽ عمل جي تڪميل منجهان خودرو انداز ۾ پيدا ٿيندي آهي. ان جو بنيادي تصور "خير" آهي. پُراڻي ايٿنز جا حڪمران اڪثر طور پاڻ کي "اسان اعليٰ، سُٺا، سُهڻا، خوش" ڪري سڏيندا ها. ان پس منظر ۾ "خراب" جي سادي معني زندگيءَ جي بقا واري خاصيتن جي اُٿهوند آهي.

# ڪمزور جو ڪينو

اهڙي ريت اعليٰ اخلاقيات ۾ "خراب" جي مراد "سُٺي" جي مرڪزي خيال کي منظور نہ ڪرڻ آهي. غلام اخلاقيات ۾ حڪمراني ڪندڙ تصور "خراب" آهي، جنهن کي "شر" جي نالي سان بدلايو ويجي ٿو. غلام اخلاقيات جي شروعات ٿئي، ٻاهرين يا ذات کان ٻاهر کي "نہ" چوندي ٿيندي آ ۽ اِهو انڪار اُن جو تخليقي عمل هوندو آهي.



## دشمن بابت ہہ تصور

اهي ٻئي اخلاقياتون پنهنجي دشمن کي مختلف انداز ۾ ڏسن ٿيون. هڪ اعليٰ انسان پنهنجي دشمن جو احترام ڪندو آهي، جنهن جي پنهنجي ارادي ۽ عمل جي رنڊڪ طور ڪيس ضرورت هوندي آهي ۽ "احترام پهرين ڪان ٿي پيار جي پُل هوندي آهي".




غلام اخلاقيات ذريعي ڏٺل دُشمن- هڪ ڪيني پرور روح- سندس جهڙو ناهي هوندو.




اِنهيءَ غلام اخلاقيات ۾ اسان هڪ گهري خود فريبي کي پَسون ٿا: "هڪ ڪيني پريل ماڻهو نہ سچو نہ سادو نہ ايماندار ۽ نہ ئي پاڻ سان سِڌو هوندو آهي. هُن جو روح ٻاڏو ۽ هن جو دماغ، چور دروازن ۽ ڳُجهن رستن کي پسند ڪندو آهي"

اهڙو ماڻهو ڪنهن اعلي يا نوابي ماڻهوءَ کان وڌيڪ شاطر، وڌيڪ سازشي ٿي سگهي ٿو، اُهو "پنهنجي تيز فهمي آڌار زندهہ" رهندو آهي. پر آخري نتيجي ۾ هو هڪ "ناڪام، هڪ پاروٿي روح جي بدبوءَ" کي اظهاريندو آهي- احساسن کي دٻائڻ ۽ عقل (تي آڌار) جي ايڏي وڏي قيمت. (ڪيس ڏيڻي پوندي آهي)

## ضمير جو بڻ بنياد

نتشي، انساني ضمير جي حقيقت ۽ ان سان گڏ گناهه ۽ بُري ضمير جي لقاءُ کي پسند نہ ٿو ڪري. (ضمير: هڪ گهرو باطني ۽ خاص طور صحي ۽ غلط سان جُڙيل خيال)

اسان ضمير نج پڄ انساني خاصيت ڪري وٺون ٿا پر اخلاقي قدرن جو حسب نامو ٻُڌائي ٿو تہ اهو نسبتاً انساني نفسيات جي تاريخ ۾ تازو واڌارو آهي. ان جي شروعات سماجي ڍانچي ۽ قانون سازي سان گڏ ٿي، جيڪا وري پنهنجو آڌار جبلتن جي ضابطي ۽ عقليت جي اضافي تي رکي ٿي.

ارتقا جو اهو چال، (۽) پنهنجي حيواني فطرت کان پري ٿيندي هومو سيپئنس (لاطيني زبان مطابق "سياڻو ماڻهو") ڏانهن حرڪت ئي اسان جي ناخوشي جو سڀ کان وڏو سبب آهي.



جهڙي ريت آزاد ترندڙ ساموندي مخلوق، پنهنجي فطري آب و هوا ڇڏڻ تي مجبور ٿي ۽ خُشڪي سان مطابقت پيدا ڪندي پنهنجي نئين عجيب ۽ اوپري ماحول ڪي لهڻ لڳي، تيئن اسان ان نئين حاصل ڪيل اخلاقي احساس کي هڪ بار طور لهون ٿا جيڪو اسانجي اڳوڻي عمل جي آزاديءَ کي روڪي ٿو. اسانجي پراڻي جبلتن خلاف اهو اعلانِ جنگ غير صحت بخش آهي.



## شعور جي بيماري

نٽشي روسي ناول نگار فيودر دوستو وسڪي (1821-81) کي تمام گھڻو ساراهيو. هُن 1880ع ۾ پيٽرگاسٽ کي لکيو "هتي توهان کي هڪ اهڙو نفسياتدان مليو ٿو، جنهن سان مان اتفاق ۾ آهيان". هڪ ٻي خط (7 مارچ 1887ع) ۾ هو دوستو وسڪي جي ناول پاتال منجهان لکٽيون (1864ع) جو حوالو ڏي ٿو (جيڪو) هڪ حيرت ڀري ۽ خوفائتي بصيرت جو اعتراف (آهي). هن ڪهاڻيءَ جو آنام غير هيرو اُن تڪليف ۽ فالج پٽي جي گهرائي ۾ وڃي تَر لهي ٿو جيڪي ذات جي شعور جي بيماريءَ مان پيدا ٿين ٿيون. "مان هڪ بيمار ماڻهو آهيان، هڪ بغض ڀريو ماڻهو آهيان، مان هڪ اڻ موهيندڙ ماڻهو آهيان، پڪ اٿم تہ منهنجي جيري کي بيماري لڳل آهي..."



نتشي مسيحيت جي آخري نشانين کي بہ پاڙان اُکيڙڻ جي ڪوشش ۾ هو: جڏهن تہ دوستو وسڪي جيڪو پنهنجي من کان هڪ ڪافر هو، سو هڙان وڙان ڪري حياتيءَ جي سچي قبوليت جي ڳولها ۾ هو. ٻئي آخري حدن تائين انسان ٿيڻ جي احساس جي ڳولها ۾ هُئا ۽ ان ريت اهي ٻئي وجوديت (جي فلسفي) جا باني هُئا.

فرانز ڪافڪا (1924-1883) جي ڪهاڻي، صورت تبديل (ميٽاما رفوسز- 1912ع) ۾ "جيت بڻجڻ جي ڪوشش" هڪ پوائنٽي حقيقت ۾ بدلجي وڃي ٿي. گريگرسامسا جي ڪيڙي ۾ "حقيقي" تبديلي کي پڻ بيمار شعور جي آخري مادي صورت طور ڏسي سگهجي ٿو.

ڪافڪا "اجائي پٽي" جي وجودي حالت سان نبري ٿو جنهن کي اسان البير ڪاميو (60-1913) جي ناول ڏاريي (1946ع) ۾ بہ ڏسي سگهون ٿا.



## ”خير“ جو بڻ بنياد

غلام اخلاقيات ۾ موجود ”خير“ جي خيال جو آڌار پائيچاري جي نظريي تي آهي، ٻين لفظن ۾ هڪ اهڙو عمل جنهن سان ٻين کي فائدو ٿئي ”چڱائي“ آهي. هتي اسان غلام جي پنهنجي ذات کي ميٽڻ واري خاصيت کي ڏسون ٿا جيڪو سڀ جي فائدي لاءِ پنهنجي مفاد کي قُربان ڪري ٿو. (ۓ) جنهن جي پيٽ ڪجهه جيت جٽڻ جي ميڙن سان پڻ ڪري سگهجي ٿي.

اهڙي ريت هن دنيا ۾ چڱائي ڪجهه عملن سان سلهاڙجي وڃي ٿي. فطري اخلاقيات (اُهي نظريا جيڪي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ چڱائي ڪجهه عملن سان سلهاڙيل آهي) جي تاريخ ۾ اها بنيادي غلطي ور ور دهرائجي ٿي.

پائيچاري وارا عمل بنا ڪنهن شڪ جي جن سان ڪيا ويندا آهن تِن پاران ساراهيا ويندا آهن. پر انهن عملن ڪندڙن کي پهرين ڏاڪي ۾ پاڻ کي چڱو سمجهڻ جو ڪهڙجي؟



"چڱائي" جا بنياد اُن بڻي پاسي ئي هُجڻ گهرجن، جيڪو اسان جي اخلاقيات جي اوسر جي تاريخي شعور جي کُهر ڪري. هِتي اسان کي نتشي: شين کي نالا ڏيڻ واري پُراڻي خُدائي حق جي ياد ڏياري ٿو جيڪو حاڪم جي طاقت جو هڪ اظهار آهي. اِهي ٻڌائين ٿا ته "هيءَ شئي هي آ ۽ هو شئي هو آ." اهڙي ريت هو هڪ آواز سان هر شئي ۽ هر عمل تي مُهر هڻن ٿا ۽ ان جو علامتي قبضو حاصل ڪن ٿا.




"چڱائي" لفظ جو اُچار يا ان جي لسانياتي پاڙ پڌ ڏاڍن ۽ سگهن گروهن سان ان جي جُڙت کي سمجهائي ٿي. جرمن ٻوليءَ ۾ ٻه لفظ شليخت (بُرو) ۽ شلفت (سادو) پاڻ ۾ گهڻو ويجها آهن. صرف اهو ڏيکارڻ لاءِ ته عام ماڻهو اعليٰ کان الڳ ٿيندو آ، هڪ وڏي عرصي تائين، پهريون اصطلاح ٻئي سان منجهي سنجي استعمال ٿيندو هو. "بري" جو خيال "عام" "نيچ ذات" يا "بنياد" سان تهائين ويجهو رهيو آهي. "قدرن جي تخليق" واري ڪم جو هڪ ٻيو مثال: جنهن کي ڪو اعليٰ روح ئي ڪري سگهي ٿو.

## تپسوي خيال

پروهت پرت جا تپسوي خيال گهڻ ٽڻن لاءِ ايترِي خطرناڪ ڇڪ ڇو ٿا رکن؟ غلام اخلاقيات ايڏي ڇو ڪامياب رهي؟ آخر ۾ اڇو ته ان سوال جو جواب لهون. ان جو جواب تپسوي سِکيا جي ڪِرت ۾ موجود آهي. "تپسوي خيال (The Ascetic Ideal) زندگيءَ جي اُن دفاعي ۽ شفابخش جبلت مان ڦُٽي نڪرن ٿا، جيڪا (پاڻ) ٽُٽي رهي آهي ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لائي وڙهي رهي آهي."

تپسيا ڪندڙ پروهت انساني اهنجن کي آرام ڏيندڙ آهي. هو اهنجن جي وضاحت پيش ڪري ٿو بيماريءَ کي برداشت ڪرڻ آسان بڻائي ٿو ۽ ان کي ڪا معنيٰ ڏي ٿو.



هاڻي غلام اخلاقيات پنهنجو ڪم ڏيکاري ٿي.

ڏمر ڪي ڪو بنياد مليو، ضمير پيدا ٿيو. گناهہ جي احساس پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو.

اِتي ئي تپسوي خيالن جي قوت موجود رهي ٿي، جيڪا وجود کي پنهنجي واحد معنيٰ ڏئي ٿي. اهڙيءَ ريت اسان ان حاصلات سان گڏ ارادي جي اُن عظيم عمل کي پڻ ساراهي سگهون ٿا، جيڪو اهڙي نظام (توڙي جو بيمار) کي جنمڻ لاءِ ضروري آهي.




مختصرن تہ اِهو (سڀ ڪجهہ) موتمار حد تائين زندگيءَ مخالف آهي.

جنهنجو حاصل مطلب اسان کي اهو ڪيڏو پوندو تہ اهو "هڪ اڻ هوند جي ارادي، زندگيءَ کان مُنهن موڙڻ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي ضروري شرطن خلاف بغاوت" جو اظهار آهي.

# نيستيءَ جي فتح

نتشي جي خيال ۾ غلام جي اخلاقيات ۽ تپسوي خيالن انسانذات کي متاثر ڪندڙ سڀ کان وڏي بيماريءَ کي پيدا ڪيو آهي. هُن ان نظام کي زوال پسند (تباهه ٿيندڙ) قرار ڏنو.



# مسيح مخالف

پنهنجي مڪمل چٽائيءَ جي آخري سال (1888ع) ۾ نٽشي پنهنجا ٻه ننڍا ڪم، ”ٻتن جي تماشام“ ۽ ”مسيح مخالف“ پورا ڪيا. پويون ڪم عيسائي (مذهبي) اخلاقيات مٿان ڪاپاري حملو آهي. مهاڳ ۾ نٽشي پنهنجي پڙهندڙن لاءِ چٽي ٿو تہ ڪين ”متروڪ (ڪي رد ڪرڻ لاءِ) لاءِ همت“ ۽ ”ڏورانهين شين کي ڏسڻ لاءِ نيون اکيون کپن ٿيون“ سندس صلاحيل ثانوي عنوان هيو ”قدرن جي نئين سِر قدر سازي“



ڪتاب ٻُتن جي نماشا۾ چڱي نموني سنڌس ٺٺول ۾ "مترڪي سان وڃندڙ ڪانٽي جيئن" فلسفيائڻ جي طور طريقي کي اڳيان ڪري ٿو. هتي اسان کي سنڌس مشهور ٻول (پيراڊوڪس) ملي ٿو "مون کي لڳي ٿو اسان خدا منجهان جان ڪونہ ٿا ڇڏايون ڇاڪاڻ تہ اسان جو اڃا بہ وياڪرڻ (گرامر) ۾ ويساهہ آهي"... اِهو ٿورن لفظن ۾ جيڪس دريده جي ٽوڙ ڦوڙ (ڊي ڪنسٽرڪشن)* منصوبي کي سموئي ٿو جيڪو اولهہ جي لوگوسينٽرڪ (logocentric)* رجحان تي سنڌس حملو آهي. نٽشي هميشہ ان صراب تي تنقيدي ٿيو تہ لفظ جو وجود جنهن ڏانهن اشارو ڪري ٿو تنهن شئي جي پڪ ڏي ٿو.



نٽشي، "مابعد جديديت" جي هڪ ٻئي اثرائتي خيال، اضافي حقيقت (hyper-reality)* جي حيثيت ۾ حقيقت کي ميٽڻ واري جين بادريلارڊ جي راءِ، لاءِ پڻ مواد فراهم ڪري ٿو.

هڪ ٻئي صفحي ۾ نٽشي ڇهن ڏاڪن کي لهي ٿو: ڪهڙي ريت "حقيقي دنيا" آخر ۾ ڏند ڪٿا بڻجي ٿي. "حقيقي دنيا" (يا "غلطيءَ جي تاريخ") جيڪا افلاطون جي خياليت کان شروع ٿئي ٿي ۽ عيسائيت، ڪانٽينزم (ڪانٽ جو فلسفو)، منطقي اثباتيت کان ٿيندي، انتهائي حد تائين اڻجاڻ بڻجي ٿي، تان جو اضافي بڻجي ٿي ۽ ڪنهن ڪارج جي نه ٿي رهي ۽ آخر ۾ ختم ٿي وڃي ٿي. "اسان حقيقي دنيا کي ختم ڪري ڇڏيو آهي: هاڻ ڪهڙي دنيا بچي ٿي؟ شايد ڏيک جي دنيا...؟"





## آخرِ ميتا؟

نٽشي جي لکڻين، هِن نقطي تي رسي، آهستگيءَ سان يورپ اندر پنهنجي جاءِ ٺاهي. ممتاز فرانسيسي نقاد هپولائيٽ ٽين (93-1828) خير ۾ شِر کان مٿانهون (نٽشي جي پنهنجي خرچ سان ڇپيل هڪ ئي ڇاپي) کي حوصلہ افزا (هاڪاري) موٽ ڏني. ڊينمارڪ ۾ هڪ ٻي ممتاز نقاد ۽ مورخ جارج برينڊس (1927-1842) نٽشي جي فلسفي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. سوئيڊن جو عظيم ڊرامہ نگار آگسٽ اسٽرنڊبرگ (1912-1849) پڻ نٽشي جي خيالن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو.

1888ع جي ويجهو نٽشي جا برينڊس ۽ ا سٽرنڊبرگ ڏانهن خط، سندس ذهن جي خطرناڪ سودائي حالت کي ظاهر ڪن ٿا. نٽشي جو آخري ڪتاب ”اي ماڻهوءَ هيڏانهن نظر ڪريو“ Ecce Homo* (1888) پنهنجو عنوان ڪنڊن واري تاج پهريل مسيح جي رومي عملدار سان ملاقات منجهان کنيو آهي (.(St John's Gospel, 19:5). ”انسانذات انهن تازي اميدن سان هاڻ جيئڻ شروع ڪري سگهي ٿي، جن کي مان جيو آهيان“ ۽ اسٽرنڊبرگ کي پنهنجي هڪ خط (7 ڊسمبر 1888) ۾ هو لکي ٿو...



جنگ جي نظراندازيءَ جي ور چڙهندڙ پنهنجي ڪم ۾ پنهنجي سخت اڪيلائي سبب نتشي وڏي عرصي تائين پوڳيو. آخر ۾ پنهنجي ذهني توازن کي مڪمل طور تي وڃائڻ جي قيمت ڏيڻ ڪانپوءِ، هُن پاڻ کي مسيح مخالف يا مسيحيت مخالف نجات ڏياريندڙ طور ڏٺو.

31 ڊسمبر 1888ع ڌاري هُن اسٽرنڊبرگ ڏانهن هڪ سنيهو موڪليو.



# نٽشي جي چرپائيپ

”پنهنجي زوال پذيري واري حقيقت باوجود، مان اهڙي تخليق جي اُبتڙ پڻ آهيان“. (اي ماڻهوءَ هيڏانهن نظر ڪريو) اِهو چئي سگهجي ٿو نٽشي جا ڪتاب، سندس اندر جي ان تضاد جي جنگ جا مختلف ڏاڪا آهن. هو پاڻ منجهه ممڪن حد تائين هر زوال پذير خاصيت کي ڳولهي هٿ ڪري ٿو ۽ پوءِ هر هڪ سان وڙهڻ لاءِ جلد ئي ڪو ترياق تجويز ڪري ٿو. پاڻ تي ايتري سختي، نٽشي جي ڪردار جي اندروني نرمي سان ٽڪراءَ ۾ ٿي آئي.



نتشي جي چريائپ جي حد، اجا تائين هڪ بحث جوڳو مامرو آهي. علم الغت جي ممتاز پروفيسر ۽ سندس دوست "جوهانس اي" هڪ مزيدار راءِ ڏني تہ "مان ان خيال کي روڪي نہ ٿو سگهان تہ نتشي جي چريائپ هڪ بهانو هُئي - منهنجي وڏي عرصي تائين سندس مختلف نقاب پائڻ واري عادت جي تجربي منجهان اِهو تاثر پيدا ٿي ٿيو.

هڪ ڪتاب پڻ موجود آهي جيڪو مبينہ طور نتشي پنهنجي آخري سالن ۾ ويمر جي علائقي ۾ لکيو جتي سندس پيڻ الزبيٿ فوريسٽر ان جو خيال رکيو ٿي. اُها پيرا ڳوڻي ڪان ١٨٩٥ع ڌاران موتي هُئي، جتي سندس مُڙس ڇهہ سال اڳ خودڪشي ڪئي هُئي.



25 آگسٽ 1900ع ڌاري ، پنهنجي چريائپ جي اندازن 12 سالن ڪانپوءِ ويمر ۾ نِتشي ڦڦڙن جي بيماريءَ سبب گذاري ويو.

مقام پاسي هڪ ننڍي تعريفي تقريب ۾ پيٽر گاسٽ شايد اڻ ڄاڻائي وچان نِتشي جي هڪ پهرياتي چتاءَ کي پورو ڪيو.



## نِنشي ۽ نازي

اڻ ڇپيل ڪيترن مسودن کي پيٽر گاسٽ پاران ڊسڻ ۽ ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، نِنشي جي ڀيڻ الزبيٿ رد ڪيو ۽ پنهنجي ڀاءُ جي سموري ڪم ۽ تاريخي ڪاغذن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو.




الزبيٿ تاريخي مواد جي ڇپائي جي سڄي ڪم کي ڊنو ٿي. سندس قومپرستاڻن جذبن، پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگين ۾ اڀرندڙ جرمن سامراج جي سياست ۾ نِنشي جي ڪردار کي يقيني بڻايو.

1935ع ۾ پنهنجي موت کان ٿورو پهرين. الزبيٿ، پنهنجي ڀاءُ جي عزت ۽ مٿس مهربانين لاءِ هٽلر جا ٿورا مڃيا.




اِها تاريخ جي ڪيڏي نہ وڏي ستم ظريفي آهي جو نٽشي جي نسل پرستيءَ خلاف عمومي طور تي ۽ ساميت مخالفت خلاف خصوصي طور بيباڪ نفرت، سندس ڪٽر مخالف نازين هٿان اثرائتي نموني دٻائي وئي.

بعد ۾ نازي جنگي ڏوهارين جي نورمبرگ مقدمي (1946) دوران نٽشي جو حوالو نازي نظريي جي هڪ وڏي نانءُ طور ڏنو ويو. نٽشي پاڻ ويني خوف کائيندو هو ۽ پنهنجي خيالن جي مڪمل غلط ادراڪ جي اڳڪٿي ڪري چڪو هو جيئن جون 1884 ۾ وينس کان پنهنجي ڀيڻ ڏانهن هڪ خط ۾ هُن لکيو...




جيئن نٽشي جو مشاهدو هو تہ سياستدان سچ کان وڌيڪ مناسبت سان سلهاڙيل هوندا آهن، تيئن ان ڳالهہ سان هٽلر پاڻ، بنا ڪنهن شرم جي پنهنجي ڪتاب (منهنجي جدوجهد 1925ع) ۾ سهمت ٿئي ٿو.

## دفاع لاءِ ڪيس

نازي نظريي جي پيچيدگين کي پاسي تي رکندي، نسل پرستيءَ جو سوال ئي نٽشي کي هٽلر کان ڌار ڪرڻ جو گهٽ۾ گهٽ ڪري سادو طريقو آهي. ڪتاب منهنجي جدوجهد ۾ هٽلر جي اعلانن کي نٽشي جي خيالن سان ڀيٽي ڏسو جيڪي هُن 26 هين ڊسمبر 1887ع ڌاري نيس مان پنهنجي ڀيڻ ڏانهن خط ۾ رقم ڪيا هيا.



ان سان جُڙيل قومپرستيءَ جي مامري تي بہ نتشي بلڪل واضح آهي. ڪُجھ ئي ليکڪ هوندا جن کي پنهنجي مُلڪ ۾ ان جي سياست لاءِ گهٽ عزت هوندي. 12 مئي 1887ع ڌاري سوئيزرلينڊ منجهان هڪ خط سهنجي نموني اهو سڀ ڪجھ سهيڙي ٿو... مان پنهنجي ويجهڙائپ صرف سڀ ڪان گهٽي تهذيب يافتہ فرانسيسي ۽ روسي عوام سان محسوس ڪيان ٿو. ڪنهن بہ ريت پنهنجي ملڪ جي انهن نوابن سان نہ جيڪي هر شئي کي "جرمني سڀ کان پهرين... جي اصول تي پرکين ٿا."



## نٽشي ۽ تحليلِ نفسي

"بدگمانيءَ جي طريقه ڪار" بابت مارڪس ۽ فرائيڊ II، نٽشي سان هڪ آهن. ثقافت ۽ شعور بابت سندن جائزو باطل شعور (false-consciousness) جي تاريخ کي اڳيان ڪري ٿو.

نٽشي لاءِ فرائيڊ جي ساراهه، اُن جي پنهنجي اهم خيالن جي اوسر کي ظاهر ڪري ٿي.

اُهي جبلتون جيڪي ذات کان ٻاهر اظهارجي ناهن سگهنديون سي واپس اندر مٿان اثرپذير ٿينديون آهن. "اخلاقي قدرن جو نسب نامو"




سمورا ڏاهپ سچ، زهريلا ٿين ٿا.
زَرتُشت

فرائيڊ جي اصطلاح ٻپاءَ کي پڙ ڪتاب خير ۽ شر کان مٿانهون منجهه نٽشي پاران فخر جي جائزي ۾ سمجهيو ويو.




فرائيڊ جي بيماري بابت سمجهاڻي - اِهو خيال تہ هڪ بيمار فرد مان اسان ”صحتمند“ نفسيات جي حقيقي فطرت کي سمجهي سگهون ٿا - جو عڪس اسان کي نٽشي جي ڪتاب (ماڻهو مِڙيئي ماڻهو گهڻو) جي هڪ جملي ۾ هيٺن ملي ٿو تہ ”جتي بہ ترقي ٿيڻي هوندي، اُتي فطرت کان دوري سڀ کان اهم هوندي“

مختلف موضوعن تي اسان تحليل نفسي واري سمجهه جي ڪٿ ڏسون ٿا.

مذهب: خدا هڪ وڏو جواب آ...جنهن جي تري ۾ اسان لاءِ هڪ وڏي تنبيهه آ (تہ): توهان ڪونہ سوچيندا!

مزاح: سمجهه (يا حاضر جوابي) جذبن جو ڪُتبو ٿيندي آ. (ماڻهو مِڙيئي ماڻهو گهٽو)

جنسيات: ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي جنسيت (Sexuality) جو قسم ۽ قد، سندس روح جي سربراهي اجلاس ۾ سڀ کان مٿانهين جڳهہ تي رسندا آهن. خير ۽ شِر کان مٿانهون

خواب لهڻ: يا تہ ڪو ماڻهو خواب لهندو ئي نہ هوندو يا وري دلچسپ انداز ۾ ئي لهندو.



درحقيقت نتشي جو ثقافت ۽ اخلاقيات تي ڪم ممڪن ٿي نہ ٿي سگهي ها جي سندس تحليل نفسي واري تنقيد نہ هجي ها. جيڪڏهن اها تنقيد، حقيقي نظر حاصل ڪرڻ ٿي چاهي تہ پوءِ ان کي ليکڪ جي پنهنجي نفسياتي حقيقت کان شروع ٿيڻ گهرجي. هتي پنهنجي ان ذات جي شعور جي نتشي پوري قيمت ڏني. "جڏهن مان پنهنجي(ڪتاب) زرتُشت کي ڏٺو تہ اڌ ڪلاڪ پنهنجي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلندو رهيس...."

اِن وڏي نااميديءَ جي قيمت جو اظهار نتشي جي ڪتاب قوت لاءِ ارادي(8-1886) جي ڪچي لکڻين (نوٽس) جي ہن جملن منجهان ٿئي ٿو.



# وٽگنسٽائين: لسانياتي فلسفو

ٻوليءَ منجهه ويهين صديءَ جي فلسفياڻي چاهه، پڻ نٽشي جي لکڻين منجهان اُتساهه ورتو. زبان جي عملي اثرن تي زور ڏيندي، بعد ۾ لڊوگ وٽگنسٽائين (1951-1889) ● ڪنهن اُچار جي عمل جي حيثيت ۾ معني جي خيال کي استعمال ڪري ٿو.

اِهو نقطہ نظر خيال ۽ عمل جي بدلجندڙ رشتي ۾ ئي معنيٰ کي ڳولهي ٿو ۽ معنيٰ جي هميشہ ڪان ۽ جامد هئڻ واري خيال کي يا اُن کي منطقي چنڊڇاڻ جي رڳي هڪ خاصيت طور ڏسڻ کي رد ڪري ٿو. ايئن جيئن (ڪتاب) اوائلي يوناني فلسفي (1873ع) ۾ نٽشي اڳ ئي سمجهائي چڪو هو.



اِهي "زندگيءَ جون صورتون" يا تبديل ٿيندڙ لاڳاپا ٻوليءَ کي "لفظي" طور وٺي ان جي اهميت کي گهٽ ڪن ٿا ۽ ان کي استعارن، تشبيهن، ڪناين ۽ شاعراڻي رٿن جي پاڻ ۾ هڪ وڏي پيچيده رشتي طور ڏسن ٿا. اهڙي ريت "لفظي معني" اُها سادي تصويري زبان آهي جنهن جي پيچيدگين کي وساريو ويو آهي. جيئن وٽنگسٽائين پنهنجي (ڪتاب) فلسفياڻي جانچ جونچ (1953ع) ۾ اسان کي سمجهائي ٿو ۽ جيئن اسان ٻوليءَ بابت نِنشي جي تصوير ڏسون ٿا.



## هيڊيگر ۽ نٽشي

پنهنجي مضمون "نٽشي جي ڳالهه" ۾ مارٽن هيڊيگر (1976-1889)* نٽشي کي اولهه جي اُن مابعد طبعياتي رجحان جي سڀ کان وڏي نقاد طور پيش ڪري ٿو جنهن کي افلاطون مثالي بڻايو. "نٽشي ذريعي مابعد الطبعيات جي ڪايا پلٽ ڪانپوءِ، منجهس ٻيو ڪجهه ڪونه ٿو رهي ماسواءِ انهيءَ جي ته اها پنهنجي غير لازميت ۽ بي ترتيبي ڏانهن پاڻ مُڙي."

نيستيءَ جي اوسر ۽ اُپار طور ڏٺل اِهو رُجحان، هاڻ هڪ اهم مُوڙ تي پهتل آهي (مابعد جديديتي بُحران؟)




هيڊيگر لاءِ وجود (جرمن ۾ سين) جي معني ڇا هُئي؟ ان جي معني هُئي ته "سوچڻ لاءِ سوچ کي ڇا ميسر آهي." ٻين لفظن ۾ وجود، خيالن جي هر نظام کان مٿانهون ويندڙ آهي. پر "مٿانهين وڃڻ" مان مراد، هن دنيا ۾ ماڻهوءَ جي وجود جي قطعي اهميت کان ماورائيت (transcendence) ڪونهي - نٽشي لاءِ هڪ بنيادي اهميت وارو سوال.

وجود کي اُفق (horizon) جي مد ۾ سمجهڻ گهرجي، جنهن کي پڻ وقت جي مسئلي جيان، فلسفيائڻ ڏکيو آهي، جيئن هيڊيگر جي اهم ڪم جو عنوان (وجود ۽ وقت 1927) آهي.

هيڊيگر جي خيالن ۾ هڪ خاص رنگ، سندس اُستاد ايڊمنڊ هسرل (1859-1938) جي مظهريات (Phenomenology) جي طريقہ ڪار (ذهن جي منطقي مواد جي ٽُرش جانچ)، منجهان آيو. جنهن کي هيڊيگر ذهن جي انتهائي حالتن جهڙوڪ: ڳڻتي، سروڪاري، تصديقيت ۽ اڻ هوند وغيره کي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيو. ۽ ان شئي هيڊيگر کي سندس خواهش جي اُبتڙ وجوديت سان هڪ ڪري ڇڏيو.



## جين پال سارتر: وجوديت

جين پال سارتر (1905-80) مطابق وجودي فلسفي جو پهريون اصول اِهو آهي تہ "هوند جوهر جو مُهڙ آهي" ان منجهان سندس مراد اها آهي تہ اسان مان هر هڪ کي انفرادي طور پنهنجي شناخت پاڻ ٺاهڻ ڪرڻي آهي. جيسيتائين آزاد چونڊ جي عملن ذريعي نہ اظهاربي، "انساني فطرت" اوسيتائين اڻ ٺڪي ٿيل رهندي. اهڙي ريت پهرين حقيقت، جنهن سان اسان جو مهاڏو اٽڪي ٿو سو اسان جو پنهنجو وجود آهي، تنهن کانپوءِ ئي "ان خطرناڪ آزاديءَ جو سوال اچي ٿو جنهن ۾ اسان پنهنجي زندگيءَ جي هر لمحي دوران چونڊ ڪرڻ جي پٽ پاراتي جو شڪار ٿيندا آهيون.



## اڻ هوند (Le Ne'ant)

سارتر جو "ليناٽنٽ"، هيڊيگر جي اصطلاح "داس نخت" جو فرانسيسي ترجمو آهي، پنهي جي معنيٰ اڻ هوند يا بي بنياد ڳڻتي (تشويش، ذهني دٻاءُ) واري حالت آهي.




درحقيقت جيسيتائين اسان ڪنهن ڪردار جي چونڊ نہ ٿا ڪريون، تيسيتائين اسان جي "فطرت" بہ ڪا شئي ناهي هوندي. وجودي اصطلاحن ۾ صرف ان ريت ئي اسان هڪ معتبرائپ سان جي سگهون ٿا. نِنشي جو ارادي جي بنيادي ڪردار مٿان زور، وجودي فڪر جا بنياد مهيا ڪري ٿو- جيڪو ماڻهوءَ جي چونڊ ڪان نہ فرارجوڳي حقيقت ۽ چونڊيل آزاديءَ جو فلسفو آهي.

## دريدا: ٽوڙ ڦوڙ

نٽشي جو سڏ "سيني قدرن جي نئين سر قدر سازيءَ"، جيڪس دريدا پاران فلسفي ۾ ڦوٽ وجهڻ واري ڪوشش جو اوائلي خاڪو هُئو، جنهن کي هُن ٽوڙ ڦوڙ (deconstruction) سڏيو. ٽوڙ ڦوڙ بدنامہ زمانہ ترڪٽو اصطلاح آهي: اهو درحقيقت طئہ ٿيڻ جهڙو ڪونهي. دريدا (2004-1930) پاڻ چيو تہ ٽوڙ ڦوڙ کي "سوچ خلاف، ان جي جوهر خلاف هڪ بدگماني" ڪري ڪٿجي. ان حوالي سان اِهو اولهہ جي لوگو سينٽرازم جي ان مابعدطبعياتي رجحان تي حملو آهي، جيڪو واحد، زمان کان مٿانهين ۽ جامد نقطي کان سچ جي شروعات ڏِسي ٿو. جنگ جو اِهو اعلان پنهنجي پهريات نٽشي جي "بدگمانيءَ جي اصول" منجهہ ڳولهي ٿو.






نٽشي جون لکڻيون پنهنجي سخت ٺٺول، مزيدار مونجهارن ۽ ڪلاسيڪي منطق جي ٽوڙ ۾، دريدا جي ٽوڙ ڦوڙ واري خاڪي جو نمونو آهن. ٻئي ڏاها ان ڳالهه تي اتفاق ڪن ٿا ته صديون پُراڻي "بنيادي سچ" جي خواب کي هاڻي تياڳڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪير اِهو صحي معنيٰ ۾ سمجهي ٿو وڃي ته ڇو "نٽشيائي" فلسفو نہ ٿو ٿي سگهي تہ پوءِ اِهو پڻ واضح ٿي وڃي ٿو تہ دريدا ڇو اهو زور ٿو ڏئي تہ ٽوڙ ڦوڙ کي ٽوڙ ڦوڙازم نہ ٿيڻ گهرجي. ان کي بنياد يا قانون جي ضابطي هيٺ ڪم ڪندڙ طريقہ ڪار بڻجڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار ٿيڻ نہ گهرجي. "مان تہ اِهو بہ چوندس تہ ان ميڄڻ سببان ٽوڙ ڦوڙ ڪجهہ بہ نہ ٿي وڃائي تہ اُها ممڪن ڪونهي"

## فوڪالٽ: ڄاڻ ۽ طاقت

نٽشي جي تصوراتي جانچ جي بڻ بنيادي طريقي جو سڀ کان سگهارو وارث فرانسيسي فيلسوف ۽ خيالن جو مورخ مشال فوڪو (84-1926) آهي. سندس شاهڪار فن پارو شين جو نظم و ضبط (جنهنجو ذيلي عنوان هو: انساني سائنسن جي وستو وديا (آرڪيالاجي)) پنهنجي پورڻتا سان نٽشي جي علم بابت تصوير کي، انتشار منجهان نظم و ضبط پيدا ڪرڻ واري بنيادي انساني مقصد جي حيثيت ۾ عڪسي ٿو.




فوڪو ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته اسان جو ڄاڻ بابت سوچڻ جو هاڻوڪو طور طريقو محدود آهي. سندس اها ڳالهه پنهنجو پهريون اظهار نٽشي جي ڪتاب (هيومن آل ٽو هيومن) اندر فيلسوفن بابت راءِ ۾ ڳولهي ٿي. ".....اُهي لاشعوري طور، ماڻهوءَ کي هڪ دائمي سچ (aeterna veritas) ۽ هڪ اهڙي وجود طور سوچين ٿا، جيڪو سموري وهڪري وچ ۾ ساڳو آ، جيڪو هرشئي جي ماپ (ڄاڻ) آهي. ماڻهوءَ بابت فيلسوفن جيڪو ڪُجهه به پيش ڪيو آهي سو بهرحال آخري نتيجي ۾ وقت جي انتهائي ٿوري عرصي واري انسان بابت شاهدين کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ڪونهي."

## فوڪو جون ننڍيون تواريخون

فوڪو 1971ع ۾ لکيل پنهنجي هڪ مضمون "نٽشي، نسب نامو (جينيالاجي) ۽ تاريخ" ۾ تاريخ ۽ فلسفي سان نسب نامي جي رشتي تي ڌيان ڏريو. اسان کي ياد آهي ته نٽشي انهن "ٻين تاريخن" کي پڙهڻ جو سڏ ڏنو هو جيڪي اسان جي روزاني وار زندگيءَ جون نامعلوم حقيقتون آهن. نٽشي جي انهيءَ گهر کي چريائپ، جنسيت ۽ سزا جون "ننڍيون تواريخون" لکي فوڪو پورو ڪيو.



نِٽشي جي مرڪزي مَتي: قوت لاءِ ارادي کي انساني ڳالهه ٻولهه، خاص طور تي ڄاڻ بابت ڳالهه ٻولهه جي بنياد طور وٺڻ ۾ رقم ڪرڻ فوڪالٽ جي حاصلات هُئي.



# نِٽشي ۽ مابعد جديديت

مابعد جديديت جي نظريي مٿان نِٽشي جو پاڇو گهڻو ٿلهو موجود آهي. جين فرانڪوس لوٽائرڊ (Jean-Francois Lyotard) (1924-98) پنهنجي مشهور ورهاست ۾ مابعد جديديت حالت (1979) کي اولهه جي ترقي پسند فڪر جي روايتي ”وڏن بيانين“ جي پُرڻ طور ڏٺو. سچ جو پنهنجو خيال ئي ”مرڪز وڃائي“ چڪو آهي. هاڻ ”سچ کي لهڻ جو ارادو پاڻ کي جانچڻ تي مجبور“ ٿيو آهي، (۽) اسان وڀائي انداز ۾ فلسفياڻي ۽ تنقيدي نظرين جي واڌ جو تجربو ڪيون پيا. جنهن جي اجازت نِٽشي پاڻ ڪونه ڏني ها.



## (مابعد جديديت) نظريي جون جنگون

جين بادريلارڊ (1929) ساڳي وقت هن خطرناڪ واقعي کي جانچي ٿو ۽ اُن کي مثال بڻائي ٿو: نظريي جو ڦاٽَ. هِن جون الهامي لکڻيون پنهنجي موضوع کي ٿاهين ۾ ميسارين ٿيون. عسڪري جنگين وانگي اِهي "نظرياتي جنگون" اسان جي چوڌاري ايئن ممڻ مچائين ٿيون، جيئن "اي ماڻهو هيڏانهن نظر ڪريو" (Ecce Homo) ۾ نٽشي اڳ ٻُڌائي چڪو هو.




سماجي طاقتي ڍانچن جي بنياد ۾ ڪوڙ جي سوال کي بادريلارڊ ڪيئن مُنهن ڏئي ٿو؟

## ناقص نقل (Simulacrum)


1981ع ۾ بادريلارڊ حقيقت کي مُثل قرار ڏنو. "حقيقت" هاڻ صرف اهڃاڻن سان عڪسجي ٿي. حقيقي دنيا جي "گمشدگيءَ" بابت نِنشي جي خيال کي پاڻ پهرين ئي پڙهي چُڪا آهيون انهيءَ ساڳي ڪوشش ۾ بادريلارڊ اهڃاڻن جي چئن ڏاڪن جا پيرا (نسب نامو) ڪڍي ٿو جيڪي مابعد جديديت جي حقيقت جي خاتمي ڏانهن نيئن ٿا.

1. اهڃاڻ بنيادي حقيقت جا پرتو (يا عڪس) آهن.
2. بعد ۾ اهي بنيادي حقيقت کي ڍڪين ۽ بگاڙين ٿا.
3. پوءِ اهي بنيادي حقيقت جي خاتمي کي اعلانين ٿا.
4. آخر ۾ اهي حقيقت سان ڪو تعلق نه ٿا رکن - اهي پنهنجو ئي ناقص نقل آهن.



# مابعد جديديتي اضافي حقيقت

مابعد جديديت نظريي جو وڌائي مقدار، اضافي حقيقت جي خال ۾ وجود جو بيمار احساس، صرف نصابي "نظرياتي جنگن" جو ثمر ڪونهي. اِهي مايوس ڪُن (دماغي) ڦيريءَ جو اظهار آهن، اِهي فلڪيات، جينيات ۽ عددي فنيات (ڊجيٽل ٽيڪنالاجي) ۾ مابعد جديدي انقلابن سان پير ملائڻ جي ڪوشش آهن. حاضر آهي هڪ مثال. فيبروري 1997ع ۾ ايڊنبرگ جي روسلين اداري ۾ (ڊولي نالي) هڪ رڍ کي ڪلون (هڪ جهڙو ٺاهيو) ويو.



جنهن وڏي تباهي کي آڻڻ ۾ هِن پاڻ مدد ڪئي تنهن جي اخلاقي پيڙا کان مجبور ٿي، پروفيسر راٽبليٽ 1944ع ۾ لاس الموس اي بم منصوبو ڇڏي ڏنو. هُن پنهنجو پاڻ کي طبي تحقيق ۽ نيوڪلير مخالف مهم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هُن ڪلوننگ جي جينياتي تجربي کي غير اخلاقي قرار ڏئي ان جي نندا ڪئي.




اسان اها پيٽا نِنشي کي ڏئي سگهون ٿا تہ هُن سائنس جي "بي انتها" ترقي جي سوال کي سڀ کان پهرين ڏنو. "هر اُهو سچ جيڪو حيات کي خطري ۾ وجهي ٿو سو ڪنهن بہ ريت سچ ڪونهي. اُهو غلطي آهي."

نتشي اسان آڏو اِهو بنيادي سوال رکيو آهي: (تہ) "ڇاڻ – ڇا جي لاءِ؟"



# هڪ مابعد جديديتي آڪاٽي

لڳي ٿو نئشي اسان جي مابعد جديديتي مايوسي کي هيئين تصوير ۾ چڱيءَ ريت سمجهيو هو. "چاڻ جو ڏان جان... هو جن شين کي ڄاڻي ٿو تن سان پيار نہ ٿو ڪري پر وٽس علم سان عشق بازي ۽ ان جي شڪار لاءِ وٽس روح ۽ ٻُک ٻئي آهن؛ تان جو آخر ۾ ماسواءِ ڄاڻ جي موتمار شين جي ٻيو ڪجهہ شڪار لاءِ بچي ئي نہ ٿو. اُهو هڪ اهڙي موالي جهڙو آهي جيڪو پڇاڙيءَ ۾ اسپرٽ ۽ تيزاب پيئڻ تي لهندو آهي. اهڙي ريت آخر ۾ هو دوزخ جي تڙپ ۾ رهندو آهي ڇو تہ اها آخري ڄاڻ هوندي آ جيڪا کيس للچائيندي آ. ۽ هر علم جيان سندس اِهو خواب پڻ ٽُٽي ٿو پوي.... (۽ ايئن) هِن ڪُل ڪائنات وٽ اهڙي بکايل کي ڏيڻ لاءِ ڪو پور ذرو بہ نہ ٿو بچي."



تنهن وچ ۾ ڇا اسان "خال کي پنهنجو مقصد بنائڻ" کي اوليت ڏينداسين يا "مقصد کان خالي ٿيڻ" کي...؟

# نئشي جي رهيل ڳالهين منجهان ڪجهہ چونڊ نڪرا

(ڪتاب: "ماڻهو مرڻئي ماڻهو گهٽو" 2008)

- اخلاقي اصولن تي هلندڙ ماڻهو فرض ڪري وٺندو آهي تہ جيڪا شئي سندس دل جي لاءِ لازمي آهي سا ئي ڪُل جهان جي دل ۾ لازميت (ڳر) آهي. (4)
- هن دنيا جي وجود جي بهتر ثابتي جيڪا بہ ٿي سگهي ٿي، قطع نظر ان جي، اها ڳالهہ وري بہ وچي سچ ئي بيهندي تہ ان جي ڄاڻ ہي سموري ڄاڻ کان وڌيڪ اجائي هوندي، هڪ ساموئڊي طوفان جي مُنهَن ۾ پيل مانجهيءَ لاءِ پاڻي جي ڪيميائي ترڪيب جي ڄاڻ کان بہ وڌيڪ اجائي. (09)
- هڪ پڪو ويساهہ آخري نتيجي ۾ پنهنجي ئي سگهہ ثابت ڪندو آهي، نہ ڪي اُن شئي جي سچ جي، جنهن ۾ ويساهہ ڪيو ويندو آهي. (15)
- (ڪنهن بہ شئي جي باري ۾) سموري تَڪَ توَرَ (evaluations) هميشہ ڪچي هوندي آهي ۽ انهيءَ ڪي هئڻ بہ ايئن گهرجي. (32)
- شروع ۾ اسان نيت يا مراد کي ڇڏي، صرف عمل کي ان جي فائديمند ۽ نقصانڪار نتيجن جي ڪري، سٺو ۽ خراب چوندا آهيون. جلد ئي اسان انهن اصطلاحن جي بڻ بڻياد کي وساريندا آهيون ۽ "سٺين" يا "خراب" خاصيتن کي، سندن نتيجن کان بالاتر ٿي، خود عمل منجهہ فرض ڪندا آهيون. اها ساڳي غلطي ٻوليءَ کان بہ ٿيندي آهي ،جڏهن اُها پٿر کي سخت ۽ خود وڻ کي سائو سڏيندي آهي، ہين لفظن ۾ اسان اثر يا نتيجي کي سبب ٻڌائي ڇڏيندا آهيون. پوءِ اسان چڱائي ۽ برائي کي نيت يا مراد سان جوڙي، خود عملن کي اخلاقي طور ذومعني (يا مُبدّل) ٻڌائي ڇڏيندا آهيون. ايئن اڳتي وڌندي اسان ڪنهن خاص نيت يا مراد کان بہ "سٺي" يا "خراب" جي خاصيت کي ڏار ڪري، ان کي ماڻهوءَ جي نطرت حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون، جنهن منجهان نيت يا مراد ايئن ڦٽي نڪرندي آهي جيئن ڏرتي منجهان سلو. اهڙي ريت

اسان ماڻهو کي اُن جي عمل جي نتيجن ڪري، پوءِ عمل جي ڪري، بعد ۾ نيت يا مراد جي ڪري ۽ آخر ۾ سندس فطرت جي ڪري ذميوار بڻائيندا آهيون. (39)

- اسان منجهه موجود هڪ خونخوار جانور چاهي ٿو تہ ساڻس ڪُوڙ ڳالهايو وڃي، (۽ ) اخلاقيات اُهو سفيد ڪُوڙ آهي جيڪو اسان (پاڻ) کي چيري ڦاڙڻ کان، اُن جانور کي روڪيندو آهي. (40)
- آخري نتيجي ۾ ڪا بہ گهري تڪليف ڪنهن اداڪار کي پنهنجي ڪردار جي تاثر ۽ ٿيٽر جي عمومي اثر بابت سوچ کان پري نہ ٿي ڪري سگهي، ايتريقدر جو پنهنجي پيار جي تدفين جي وقت بہ نہ. هُو جيئن (۽ جڏهن) اظهار ڪري ٿو تہ پنهنجي سُور جي دانهَن ۽ پنهنجو تماشائي پاڻ ٿئي ٿو. هڪ منافق جيڪو سدائين هڪ ۽ ساڳيو ڪردار ادا ڪري ٿو، سو آخر ۾ منافق نہ ٿو رهي. مثال طور پادري، جيڪي، پنهنجي جواني جي دور ۾ شعوري يا لاشعوري طورمنافق هوندا آهن، سي آخر ۾ فطري طور ايئن ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ اُهي حقيقت ۾ پڪا پادري هوندا آهن. (51)
- ڪنهن سان پنهنجي عملن جو واعدو تہ ڪري سگهجي ٿو پر پنهنجن احساسن جو نہ ڇو تہ اُهي غير ارادي هوندا آهن. (58)
- اميد ئي سڀ کان وڏي بُرائي آهي، ڇاڪاڻ تہ اِها پيون برايون برداشت ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿي. (71)
- جهڙيءَ ريت (ماڻهوءَ جو) هَڏُ، ماسُ، آنڊا ۽ رَتُ ،اُن چَمَ جي ڍَڪَ ۾ ڍڪيل هوندا آهن، جيڪو وري ڪنهن ٻي جي نظر کي برداشت جوڳو بڻائيندو آهي. تهڙيءَ ريت روح جون تندون ۽ جذبا، خود نُمائي جي ڍَڪَ ۾ ڍڪيل هوندا آهن. اها (خود نُمائي) روح جو چَمُ آهي. (82)
- اسان ڪنهن جي تعريف ڪيون يا اُنَ منجهان کوٽون کوٽيون، اِنَ شئي جو آڌار ان ڳالهہ تہ هوندو آهي تہ ٻنهين منجهان ڪهڙو پاسو اسان جي پنهنجي فيصلي جي سَگهن کي وڌيڪ روشن ڪرڻ جا موقعا ڏئي ٿو. (86)
- جڏهن ماڻهو اخلاق ۽ بداخلاقي مان، نيڪي ۽ بڇڙائي مان ڪنهن کي طئي ڪندا آهن تہ تڏهن "انا" ۽ "ذات جي نفي" جو تضاد ناهي هوندو، پر اصل ۾ (مامرو) روايت ۽ قانون سان جُرّت يا ان کان آزادي جو هوندو آهي. (96)

- اُهي ماڻهو جن کي پنهنجي ڏهاڙي زندگي خالي ۽ هِڪَ ڪَري (سدا هڪجهڙي) لڳندي آهي، سي آساني سان مذهبي ٿي ويندا آهن. اِهو سمجهه ۾ اچي ٿو ۽ معافي جوڳو پڻ آهي. تنهن باوجود ڪين اِهو حق حاصل ناهي تہ هُو انهن ڪان بہ مذهبيت جي گُهرَ ڪن جن جي ڏهاڙي وار زندگي خالي پٽي ۽ هِڪَ ڪَرائپ ۾ ناهي گذرندي. (115)
- هڪ پلي ليکڪ سان صرف پنهنجو نہ پر پنهنجن دوستن جو ذهن بہ ساڻ هوندو آهي. (180)
- کوڙ سارا مفڪر ڏاڍو خراب لکندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اُهي رڳو پنهنجا خيال نہ پر انهن خيالن تي پنهنجي سوچ بہ اسان آڏو رکندا آهن. (188)
- شاعر پنهنجن خيالن کي شاناڻتي نموني سُرَ يا تالَ تي اِنَ ڪري سوار ڪرائيندا آهن جو اُهي پيرين پنڌ هلڻ کان لاچار هوندا آهن. (189)
- سپ کان پلو مصنف اُهوئي هوندو جيڪو ليکڪ ٿي شرمندو ٿيندو. (192)
- بنا ڪارڻ يا بنا منطق جي دانشوراڻن اصولن جي ورجاءَ واري عادت کي ئي ايمان چئبو آهي. (226)
- گهڻو ڪري ماڻهوءَ کي وڏن ماڻهن جا نقل ئي (مُنهن پوندا يا) ملندا آهن ۽ جيئن چترڪاريءَ ۾ ٿيندو آهي، گهڻا ماڻهو اصل مٿان نقل کي ترجيح ڏيندا آهن. (294)
- جيڪو بہ ڪنهن بيمارَ کي صلاح ڏيندو آهي، سو مريض کان مٿانهين هجڻ جي احساس کي ماڻيندو آهي، پوءِ پلي ڪٽي سندس صلاح قبول پوي يا رد ٿئي. انهيءَ سبب جي ڪري چيڙاڪُ ۽ مغرورُ مريضَ پنهنجي مرض کان وڌيڪ پنهنجي ناصحن کان نفرت ڪندا آهن. (299)
- اسان ڪنهن بہ ڳڻ جي هُوندَ تي اضافي زور تڏهن ڏيندا آهيون، جڏهن ان کي پنهنجي مخالف منجهہ ڪٽل ڏسندا آهيون. (302)
- عام طور اسان مختلف خيالن جي مخالفت ڪندا آهيون، پر اهو خيال پيش ڪرڻ جو انداز يا طور طريقو ئي هوندو آهي جيڪو اسان کي ناهي وڻندو. (303)
- جنهن کي پنهنجا خيال برف مٿان رکڻ نہ ٿا اچن تنهن کي بحث جي باهہ ۾ نہ ڦاسڻ گهرجي. (315)
- اسان ڪنهن کي نقصان ڏيڻ لاءِ يا ڪنهن کي فتح ڪرڻ لاءِ صرف

حملو ناهيون ڪندا پر پنهنجي سَگهہ کي جاچڻ لاءِ بہ حملي آور ٿيندا آهيون.(317)

- گهٽ ماڻهو هوندا آهن، جن وٽ جڏهن ڳالهہ ٻولهہ جا موضوع کُٽي ويندا آهن تہ پوءِ اُهي پنهنجي دوستن جي اهم رازن جي ڪچي ناهن ڪندا. (327)
- سَچَ جو سڀ کان وڏو دُشمن ڪُوڙ نہ پر پَڪَ (يا عقيدو) آهي. (483)
- جيڪي ماڻهو ڪنهن مامري کي گهڻي گهرائي سان جاچيندا آهن، سي ورلي ئي هميشہ لاءِ اُنَ سان سچا رهي سگهندا آهن. ڇاڪاڻ تہ جڏهن هُو اُن کي گهرائي مان ڪڍي ، روشني ۾ آڻين ٿا تڏهن اُنَ بابت کين گهڻو ڪجهہ خراب بہ ڏسڻ لاءِ مليو وڃي ٿو. (489).
- جيڪڏهن ڪو ماڻهو هيرو ٿيڻ چاهي ٿو تہ (سندس سامهون يا اندر واري) نانگ کي پهرين اجگر بڻجڻو پوندو. ٻي صورت ۾ هڪ مناسب دشمن جي کوٽ وٽس رهندي. (جنهن کي ماري هُو هيرو ٿي سگهيو پئي). (498)
- جيڪو بہ ماڻهن سان مناسب هلت هلندو آهي، سو پنهنجو هَٺُ ۽ سختي شين (شهر، رياست، سماج، دور ۽ انسانيت) مٿان ظاهر ڪندو آهي ۽ اِهو ئي سندس پلاند هوندو آهي. (508)
- سَچَ جا علمبردار ڳولهڻي ڪونہ ليندا آهن، صرف تڏهن نہ جڏهن سچ جو اظهار خطرناڪ هوندو آهي، پر تڏهن بہ جڏهن اُهو غير دلچسپ هوندو آهي. (509)
- سَچَ جي اَوسر ۽ انسانيت جي ڀلائيءَ ۾ پهرين کان طئي ٿيل ڪا هڪجهڙائي ڪونهي. (517)
- ماڻهو پنهنجي پاڻَ ڏانهن حقارت کان وڌيڪ ٻين جي پاڻ ڏانهن حقارت بابت وڌيڪ حساس هوندا آهن. (549)
- جيڪو روايَت پٺي کان باغي ٿئي ٿو سو غيرمعموليت جي اَڏيءَ تي قُربان ٿئي ٿو. جيڪو روايَت پٺي ۾ رهي ٿو سو پنهنجو ئي غلام رهي ٿو. تباهي ٻنهي صورتن ۾ اَٽل آهي . (552)
- اسان پنهنجي گناهہ کي ٻين سان ونڊي (اعترافي) وساري ڇڏيندا آهيون، پر اِهي ٻيا (سامهون وارا) هوندا آهن جيڪي ناهن وساريندا. (568)
- هڪ شهيد جوحقيقي پوئلَڳُ، شهيد کان وڌيڪ پوڙهيندو آهي . (582)

- جيڪا شئي آوسر ۾ ۽ اٿپوري آهي تنهن کي رد ڪرڻ بدران، اُن کي اڳتي وٺي وڃڻ لاءِ سَگهي نظر ۽ بهتر ارادي جي گهرج هوندي آهي. (587)
- جڏهن اسان ڪنهن فيلسوف جي خيالن کي ڪنهن قدر سمجهندي پنهنجو ڪندا آهيون ، تہ پوءِ اسان اهو ئي محسوس ڪندي گهٽين ۾ گهمندا آهيون تہ اسان بدلجي ويا آهيون ۽ هاڻ وڏا ماڻهو ٿي ويا آهيون. ڇاڪاڻ تہ اسان جي سامهون اُهي ماڻهو هوندا آهن جن کي اُنَ (نئين حاصل ٿيل) ڏاهپ جي خبر ناهي هوندي ۽ مٿان اسان کي هر شئي بابت هڪ نئون ۽ اَڻ ٻُڌل فيصلو لاڳو ڪرڻو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان قانونن جي ڪتابن کان واقف ٿيندا آهيون تہ پوءِ اسان سوچيندا آهيون تہ اسان کي هاڻ ججن وارو رويو روا رکڻ گهرجي. (594)
- جيڪو پاڻ کي وڏن مامرن ۾ ناهي اُلجهائيندو سو پاڻ کي ننڍين مامرن ۾ ڦاسائيندو آهي. (598)
- جيئن هڪڙا هلڪڙا شاعر پنهنجي بيت جي پوئين سِٽَ ۾ انهن خيالن جي ڳولا ڪندا آهن جيڪي سندن ڪافئي ۽ سِٽاءَ سان ٺهڪن، تيئن هڪڙا هلڪڙا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي پوئين حصي ۾ ، پريشان ٿيندي، اُنهن عملن، روين ۽ رشتن جي ڳولا ڪندا آهن جيڪي سندن اڳلي (گذاريل)زندگيءَ سان ٺهڪي بيهن تہ جيئن ظاهري طور هر شئي هڪ ترتيب ۾ نظر اچي. (610)

## (ڪتاب: "خير ۽ شر کان مٿانهون" 2008)

- ڪنهن بہ هڪ سان پيار تباهي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو ٻين سڀن سان پيار جي قيمت تي ٿيندو آهي، پوءِ ڀلي اُهو خدا سان پيار ڇو نہ هُجي. (67)
- اها عظيم جذبن جي سَگهہ نہ پر انهن جو مُدو (duration) آهي جيڪو عظيم انسانَ پيدا ڪري ٿو. (72)
- ڪو بہ غيرمعمولي عظيم انسانُ اوسيتائين برداشت جوڳو ناهي هوندو، جيستائين وٽس بہ شيون ناهن هونديون، هڪ سِڌو هُجَڻ ۽ ٻيو احسانمندي. (74)
- پُرآمن حالتن ۾ هڪ ويڙهاڪُ پاڻَ مٿان حملا ڪندو آهي. (76)
- جيڪو پاڻ کان ڊِڪاريندو آهي، سو هڪ ڊِڪاريندڙ جي حيثيت ۾

پاڻ کي ماڻُ بہ ڏيندو آهي. (78)

- هڪ دفعو واضح ٿيڻ کانپوءِ، ڪنهن بہ شئي جو اسان سان لاڳاپو ختم ٿي ويندو آهي.جڏهن ديوتا ڪنهن کي صلاحيو پئي تہ "پنهنجو پاڻَ سڃاڻ" تہ هُنَ جو مقصد ڇا هو؟ ڇا هُنَ جو مقصد اِهو هو تہ پاڻَ سان لاڳاپو ختم ڪر؟ معروضي ٿيءُ؟ سُقراط ٿيءُ؟ سائنسي ٿيءُ؟ (80)
- اي منهنجا ڀلا پاڙيسري! هر ڪنهن سان همدردي واري وَنهوارَ جي معنيٰ آهي پاڻ سان سختي ۽ زبردستي. (82)
- جبلت: جڏهن گهر کي باهہ لڳندي آهي تہ ماڻهوءَ کان بُک وسري ويندي آهي پر خاڪ ميڙيندي اها (بُک) موٽ کائيندي آهي. (83)
- ڪير آهي اُهو جنهن هڪ نہ ٻي دفعي پنهنجي چڱي نانءَ (ناماچاريءَ) لاءِ پاڻ کي قربان ناهي ڪيو؟ (92)
- ڪنهن ماڻهوءَ جي بالغ ٿيڻ مان مراد آهي ان سنجيدگيءَ کي واپس ورائڻ، جيڪا وٽس ٻاروتڻ ۾ راند دوران موجود هُئي. (94)
- پنهنجي بداخلاقيءَ تي شرمندو ٿيڻ، ان ڏاڪڻ تي پهريون قدم آهي جنهن جي آخري ڏاڪي تي ماڻهو پنهنجي اخلاق تي بہ شرمندو ٿيندو آهي. (95)
- جڏهن ماڻهو پنهنجي ضمير جي (زماني جي حساب سان) تربيت ڪندا آهن تہ پوءِ جيڪا شئي کين چَڪَ پائيندي آهي، تنهن کي بہ چُمي ڏيندا آهن. (98)
- پنهنجي جذبي کي قابو پائڻ جو ارادو، آخري نتيجي ۾ هڪ ٻي يا ڪيترن ئي ٻين جذبن جو ارادو هوندو آهي. (117)
- پاڻ بابت گهڻو ڳالهائڻ، ساڳئي وقت پاڻ کي لڪائڻ جو طريقو بہ ٿي سگهي ٿو .(169)
- آخري نتيجي ۾ ماڻهو پنهنجي خواهش سان پيار ڪري ٿو نہ ڪي انهن شين سان جن جي خواهش هوندي آهي. (175)
- اِهو هڪ غيرانساني عمل آهي تہ هڪ پٽيل ماڻهو ٻئي کي دُعا ڏئي. (181)
- هڪ مفڪر پنهنجي عملن کي ڪنهن شئي جي ڳولا لاءِ (ضروري) ڪاوشن ، تجربي ۽ سوالن طور ڏسندو آهي. ڪاميابي ۽ ناڪامي تہ هُن لاءِ بس هڪڙا جواب ئي هوندا آهن. ڪا شئي غلط ٿي پئي ٿي تہ ان جي نتيجي ۾ بيزاري ۽ پڇتاءَ جهڙن احساسن کي ، اُهي (ڏاها) اُنهن

(ماڻهن) لاءِ ڇڏي ڏين ٿا جن بين کان حڪم ورتو هوندو آهي. (ئِ) جن ڪي پنهنجا ڏينهن ڳڻيا پئجي ويندا آهن، جڏهن سندن آقا (مالڪ، باس) نتيجن کان خوش ناهن هوندا. (عاشقاڻي رمز 41)

- آءُ قوت لاءِ ارادي جي تڪ تورَ ائين ڪيان ٿو تہ اهو ڪيتري قدر مزاحمت، تڪليف ۽ تشدد ڪي برداشت ڪندي ، اُنهن کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪري ٿو. (الميي جو جنم )
- سوال: پنهنجي آزاديءَ جو اهڃاڻ ڇا آهي؟

جواب: جڏهن ماڻهو پاڻَ کان شرمندو ٿيڻ ڇڏي ڏي. (عاشقاڻي رمز)

- اها سيڪڙات ساموندين جي بي وقوفي ۽ سندن تباهي آهي جو اُهي بنا ڪنهن قُطب نُما ۽ سُونهين جي، شَڪَ جي سمونڊ ۾ ڪاهي پون ٿا. گهڻا تڻا تہ طوفانن جي وَر چڙهي ويندا. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هوندا جيڪي نين خشڪين کي لهندا. (تقدير ۽ تاريخ 1862)
- سموري انسانذات کي ڪنهن خاص رياست، سماج، يا اڳواٽَ طئي ٿيل نموني ڏانهن زبردستي ڌِڪڻ واري خواهش سدائين کان هڪ تنگ نظريءَ جي هڪ صورت رهي آهي. سمورا اشتراڪي ۽ ڪميونسٽ خيال اها ئي غلطي ڪن ٿا. انسانذات ڪڏهن بہ ہہ ٻيرا ساڳي نہ ٿي رهي. جيڪڏهن ڪنهن مضبوط ارادي جي نتيجي ۾ پنهنجي سڄي ماضي کي تباهہ ڪرڻ ممڪن بڻجي سگهي ٿو تہ اسان جلد ئي پاڻ خدا بڻجڻ واري خدائي ۾ داخل ٿي وڃون ٿا ۽ اوچتو ئي اوچتو عالمي تاريخ اسان لاءِ هڪ خواب جهڙي سراب کانسواءِ ٻيوڪجهہ نہ ٿي رهي. پردو ڪِري ٿو ۽ ماڻهو پاڻ کي ان ٻار وانگي ڏسي ٿو جيڪو پنهنجي وندر لاءِ دنيا کي ٻال ڪري ڪيڏي ٿو. جيڪو ٻاک سان گڏ جاڳي ٿو کِلي ٿو ۽ پنهنجي پنبڻين مان خراب خوابن کي اُکهي ڇڏي ٿو. (تقدير ۽ تاريخ 1862)
- ارادي جي آزادي منجهہ ئي فرد لاءِ ڪُل کان دوري ، قطعي بي حسابي ۽ آزاديءَ جو اصول موجود هوندو آهي، پر قسمت هڪ ٻيرو ٻيهر ماڻهو کي سموري اَوسر جي عُضُوياتي رشتن ۾ ڦاسائي ٿي ۽ اُنَ کان هڪ ٻي متضاد اَوسر جي تقاضا ڪري ٿي، جنهن تي اُها قابو پائڻ گهرندي آهي. قسمت کان آجي ارادي جي قطعي آزادي ماڻهوءَ کي خدا بڻائي

چڏيندي ۽ قطعي قسمت پريو اصول هُن کي هڪ خودڪار مشين. (قسمت ۽ ارادي جي آزادي 1862)

- ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جون غلطيون پڻ وڏو مانُ رکن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ اُهي ڪنهن ننڍي ماڻهوءَ جي سچ کان وڌيڪ ڦلدائڪ هونديون آهن. (شوپنهار بابت 1868)
- زندگيءَ جي ٻن سُجاڳ ۽ نندڀاڪڙن پاسن مان، بنا ڪنهن پيٽ جي اسان جي اوليت، اسان لاءِ وڌيڪ اهم، گذارڻ جوڳي، تهائين ضروري توڙي جو پهريون پاسو هوندو آهي ۽ ان حد تائين جو لڳندو آهي تہ صرف ان پاسي کي ئي پاڻ حقيقي طور گذاريو هوندو آهي. پر مان جوهر جي لڪل جهان جي آڌار تي خواب جي هڪ ابتڙ ڪٿ تي زور ڏيان ٿو جنهن جو لقائي ڏيک اسان پاڻ هوندا آهيون. (موسيقيءَ جي روح مان الميي جو جنم 1872)
- اڳوات طئي ٿيل سماجي عمل کي حرڪت ۾ رکڻ جي طور طريقن ۽ ان تسلسل کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پڪ سان جاري رکڻ واري هڪ اداري ڪانسواءِ رياست ٻيو ڇا آهي؟ (يوناني رياست 1872)
- سچ ۾ ماڻهو هڪ گندو درياهہ آهي. ماڻهوءَ کي سمُنڊ هئڻ گهرجي جيڪو گندي درياهہ کي پاڻ ۾ سانڍي بہ پاڻ گندو نہ ٿيندو آهي.
- جنهن کي اڏامڻ سکڻو آهي تنهن کي پهرين هڪ ڏينهن بيهڻ، هلڻ، ڀڄڻ، چڙهڻ ۽ نچڻ سکڻو پوندو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ هوا مان هوا ۾ ناهي اڏامندو.
- عورت منجهہ هر شئي هڪ پرولي آهي. ۽ ان هر شئي جو حل آهي ڳورهارپ (حمل) (بقول زَرتشت)
- هر اُها شئي جيڪا (مونسان وڙهي ٿي پر) مون کي ماري نہ ٿي سگهي، سا مون کي ويتر سَگهو ڪري ٿي. (ٻتن جي نما شام)
- جيڪو ڪُجهہ بہ رياست چئي ٿي سو ڪُوڙ آهي ۽ جيڪو ڪجهہ بہ رياست وٽ آهي سو (ڪنهن کان) ڦُريل آهي. (بقول زَرتشت)
- ڪنهن بہ مقصد (آدرش) کي سڀ کان وڏيڪ نقصان، ان جو غيرارادي طور تي (ئي سهي) غلط دليلن ذريعي دفاع ڪرڻ سان رَسندو آهي. (عاشقاڻي رمز)

# The Very Best of Friedrich Nietzsche: Quotes from a Great Thinker

## By David Graham

### فن

- جڏهن ايمان (ڪريڊ) آرام ڪندو آهي، تڏهن فن سجاڳ ٿيندو آهي.
- اسان وٽ فن اِنَ ڪري آهي تہ جيئن اسان سچ سبب مري نہ وڃون.
- هر خوبصورت ۽ عظيم فَنَ جو جوهر احسانمندي (گريٽيٽيوڊ) آهي.
- فن ئي حياتيءَ جو مناسب ڪارج آهي.
- جذبا پنهنجي پاڻ منجهان مزو موسيقيءَ ۾ وٺندا آهن.

### دوستي

- اِهو سُور نہ پر مزاح آهي جنهن جي وَنڊَ ڪنهن کي دوست بڻائيندي آهي.
- ڪنهن بہ دشمن خلاف سڀ کان پلو هٿيار هڪ بيو دشمن هوندو آهي.
- علم واري ماڻهو لاءِ ضروري آهي تہ هُن کي نہ صرف پنهنجي دشمنن سان پيار ڪرڻ اچي ، پر کيس پنهنجي دوستن کان نفرت ڪرڻ بہ ايندي هجي.
- پنهنجي دوست جي ويجهو ٿيو ، پر مٿس چڙهي نہ ويهو. اسان کي پنهنجي دوست منجهہ موجود دشمن جو بہ احترام ڪرڻ گهرجي.

### فلسفو

- ڪنهن بہ ماڻهو منجهہ پوڙهنا بابت چڙ کي جيڪا شئي وڌائي ٿي تہ سا پاڻَ پوڙهنا نہ پر پوڙهنا جي بي حسي هوندي آهي.
- اسان ڪنهن کان بہ نفرت تڏهن ڪري سگهندا آهيون، جڏهن اسان اُنَ کي برابر يا گهٽو مانُ ڏيندا آهيون ، گهٽ قدر (يا مان ) واري شئي سان اسان نفرت بہ ناهيون ڪري سگهندا.

- ڇا؟ تون ڪنهن شئي جي ڳولها ۾ آهين؟ تون پنهنجي پاڻ کي ڏهه پيرا، سَو پيرا ضرب ڏئي وڏڻ ٿو چاهين؟ تون پوئلڳ پيو ڳولهين؟ ٻڙيون پيو ڳولهين؟
- تنهنجي جسم ۾ تنهنجي گَهري فلسفي کان وڌيڪ ڏاهپ موجود آهي.
- تو وٽ تنهنجو ۽ مون وٽ منهنجو رستو آهي. صحيح، درست ۽ واحد رستو ٿيندو ئي ڪونهي.
- هُوندَ حقيقت ۾ زمان متشڪي آهي جيڪو ڪڏهن به زمان حال ناهي ٿيندو.
- سڀ کان وڏ انساني عمل ڪهڙو آهي؟ ڪنهن کي شرمندو ٿيڻ کان بچائڻ.
- اسان کي هر اُهو ڏينهن زيانُ سمجهڻ گهرجي، جنهن ڏينهن اسان هڪ ڀيرو به نچون نه ٿا ۽ هر ان سچ کي غلط چئجي جنهن سان هڪ ڀيرو به ٽهڪ گڏجي ڪونه ٿو.
- هر دور لاءِ هڪ ئي اخلاقي نظام بنيادي طور پاڻ هڪ بداخلاقي آهي.
- ڪوبہ توکي زندگيءَ جي درياهہ مٿان پل ڪونہ ٺاهي ڏيندو جنهن تي تون ، صرف تون ئي هلي سگهين. (پنهنجي پاڻ کي ڪيئن لهجي)

# لفظ معنيٰ ۽ تشريح

## (مترجم طرفان)

- Ecce Homo: (اي ماڻهو! هيڏانهن نظر ڪريو). نتشي جي هڪ ڪتاب جو عنوان. اِهي لاطيني زبان جا لفظ آهن، جيڪي تڏهوڪي هِڪ رومي حڪمران (پونٽس پائليٽ) ٻِياس تي ٽنگڻ کان اڳ ڪنڊن ڀريي تاج پاتل حضرت عيسيٰ ڏانهن اشارو ڪندي ۽ انبوهہ سان مخاطب ٿيندي ڪيا ها.
- Philology: فلولاجي. ٻاشا وگيان يا علم التحقيق ڪلاسيڪي مواد جي ادبي ڇيد جو علم
- آرٿر شوپنهار (1788-1860): هڪ اديب ۽ اُهو پهريون جرمن فيلسوف، جنهن اوپر جي خيالن (گوتم ٻُڌ) کي ڪنهن قدر پنهنجو ڪري اڳيان ڪيو. سندس فلسفو "دک درسائپ" (Pessimism) چوڌاري ڦرندو رهيو. هُن زندگي جي بي معنويت ۽ اجائي پڻي تي گهڻو لکيو ۽ زندگي جي تڪليفن ۽ بيزاري منجهان نڪرڻ لاءِ فني، اخلاقي ۽ تپسيائي دڳ ڏسيا. سندس سمجهاڻيءَ جو بنيادي تصور "زندگيءَ لاءِ ارادو" هو جيڪو عقل، منطق ۽ دليل کان گهڻي سگهي انداز ۾ لاشعوري طور حياتيءَ جي ڳر ۾ موجود آهي. نتشي ۽ فرائيڊ کان وٺي ويهين صدي جا وجودي فيلسوف ۽ مفڪر سندس ڪم منجهان متاثر ٿيندا رهيا آهن.
- The Birth of Tragedy: "موسيقيءَ جي روح مان اَلميي جو جنم". نتشي جو 1872ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيندڙ پهريون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو موضوع فن جي حيثيت ۾ يوناني اَلميي جي جنم ۽ صورت تي ڳالهہ ٻولهہ رکڻ هو. يوناني ثقافت کي اڳيان رکندي نتشي ٻڌايو تہ انسان جي فطرت ۾ موجود منطقي سمجهہ (جنهن کي اپالو خدا سان جوڙي ڏٺو ويندو هو) انهيءَ دور ۾ پنهنجي اوج کي رسي (جهڙوڪ سُقراط جو اهو چوڻ تہ ڏاهپ نيڪي آهي ۽ جهالت بدي. وغيره) پر پنهنجي اُبتڙ ۽ ساڳي طور سگهي رجحان بغير نہ جنهن کي هُن انساني فطرت جو غير منطقيت (جنهن کي وري ڊيانيسيس خدا جي خاصيت طور اڳيان ڪيو ويندو هو) ڏانهن لاڙو ٻڌايو (نتشي مطابق صرف منطق، دليل يا عقل ذريعي انساني وجود جي بنيادي عارضن تائين رسڻ ۽ انهن جو درمان لهڻ ممڪن ڪونهي. ان لاءِ فن جون خدمتون حاصل ڪرڻ گهرجن). اهي ٻئي متضاد سگها لاڙا پنهنجي ڪمال کي رسندي، يوناني الميي ۾ هڪ ٿين ٿا. ان پهرين ڪتاب ئي تنهن دور جي علمي حلقن کي ڪاوڙائي وڌو ۽ نتشي جا پنهنجي دور جي روايتي اَڪابرن کان دڳ ڌار ٿيا.

• Dionysus: ڊيانيسس. يوناني ڏند ڪٿائن ۾ شراب ۽ زرخيزي جو خُدا.

ماڻهو پنهنجي تاريخ ۽ تاريخي علامتن مان اُتساهه وٺندو آهي. اولهه جي سموري علم ۽ فڪري تخليق جي ڳر ۾ يوناني ڏند ڪٿائون ۽ فلسفياڻا خيالَ آهن. يوناني ڏند ڪٿائي خدا انساني فطرت جو اولڙو ٿي امر ٿيا ۽ ايئن گهڻا تڻا وڏا ماڻهو پنهنجي اُتساهه ۽ اَمر آدرشن کي اُنهن ڏند ڪٿائي ڪردارن جي ڪِرت ۽ سمجهاڻي سان جوڙي سمجهائيندا رهيا. آسمانن مان شعور ۽ ترقي جي باهه چورائي انسانن کي ڏيندڙ ۽ ان ڏوهه ۾ روز ڳجهن کان پاڻ پٽرائيندڙ پروميٿئس، مارڪس کي وڻندو هو. پنهنجي پيءُ کي ماري، پنهنجي ماءُ سان پرڻو ڪندڙ اوڊيپئس ذريعي سگمنڊ فرائيڊ هڪ نفسياتي مونجهاري (ڪامپليڪس) کي سمجهايو ته البير ڪاميو وري سِيسفس جي انڪار ، سزا، اَڻ ٿڪ پورهيي ۽ بي معني زندگي ذريعي پنهنجي وجودي فلسفي کي اڳيان ڪيو. ساڳي ريت نِنشي کي ڊيانيسس پسند هو. ڊيانيسس کي "آزادي بخشيندڙ" خدا سڏيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته اُن جي شراب، موسيقي ۽ وجداني رقص، سندس پوئلڳن کي شعور ۽ سماجي بَنڌڻن کان آزاد ٿي ڪيو.

ڊيانيسس جو پيءُ خدا زيوس ۽ ماءُ سيميل هُئي. ڊيانيسس واحد خدا هو، جيڪو فاني عورت جي بطن مان هو. اِن سبب کيس خدائن منجهه "ڌاريو" سمجهيو ويندو هو. ڏند ڪٿا مطابق، خدا زيوس ٿيبس جي سهڻي راڻيءَ سيميل مٿان موهت ٿيو ۽ بنا نظر اچڻ جي ڏانهس ويندو رهيو. شاديءَ جي ديوي ۽ زيوس جي زال هِرا کي جيئن ڀُڻڪ پئي ته ويس مٽائي سيميل کي ان ڳالهه لاءِ راضي ڪيائين ته هو پنهنجي عاشق جو مُنهن ڏسي. زيوس جي اچڻ تي سيميل کائنس هڪ خواهش جي پوراءُ جو واعدو ورتو. واعدي ۽ خواهش جي اظهار کانپوءِ مجبورن زيوس کي پنهنجو پاڻ ظاهر ڪرڻو پيو ۽ نتيجي ۾ سيميل ديدار جي سٽ نه سهي ان وقت ئي دم ڏنو. زيوس تڪڙ ۾ سيميل کي پنهنجي سٿر سان سبي ڇڏيو ته جيئن سندس بطن منجهه موجود پنهنجي ٻار کي بچائي سگهي. ايئن بعد ۾ ڊيانيسس پيدا ٿيو ۽ پوءِ زيوس اُن جي پالنا جا جوڳا بندوبست ورتا.

ڊيانيسس لاءِ وڪٽر سرج لکي ٿو ته "جسماني پيار، ملهه ملاکڙو، ناچ گانو، سَرمستي، بهادراڻي مهم جوئي، وغيره ڊيانيسس جي سکيا هُئي. پورڻتا کي رسو کُلي جيئو، سچو مزو وٺڻ لاءِ تڪليفن کان نه ڊڄو ۽ پوءِ اوهان انساني خُدا يا ڊيانيسس جيان ٿي ويندا، جيڪو آزاد آسمانن هيٺ آزاد ٿي رهندو آهي، کِلندو آهي ۽ بي حساب ڏيندو آهي."

• Apollo: اَپالو. زيوس جو پُٽ. ڊيانيسس جي اُبتڙ، روشني، اڳڪٿي، عقل، ڏاهپ، علاج ۽ نظم وضبط جو خدا.

• ارسطوءَ جو وچون دڳ: ارسطو مطابق نيڪي يا گُڻ ٻن برائين يا اوگڻن جو وچ يا

ٻن انتهائن (جهڙوڪ زيادتي ۽ کوٽ) جي سراسري هوندي آهي. ارسطو اِن ڏس ۾ بهادري جي گڻ کي اڳيان ڪري ٿو جيڪو تمام گهڻي ڪاوڙ جي زيادتي ۽ ٻُزدليءَ جي کوٽ جو وچ هوندو آهي.

• Human, all too human: هيومن آل ٽو هيومن. (ماڻهو هميشه هر وقت ماڻهو/ ماڻهو مِڙيئي ماڻهو گهڻو/ انسان حد کان وڌيڪ انسان/ ماڻهئان وڌ ماڻهو) نتشي جي ڪتاب جي اِن عنوان منجهان ٻه معنائون سُجهن ٿيون ۽ ان سُجهڻ جو بنياد نتشي جي ٻي ساري سمجهاڻي آهي. تنهن باوجود ٻـ اِهي ٻئي معنائون هڪ مونجهاري (پيرادوڪس) جي صورت ۾ هڪ ٻي جي متضاد ٻـ ٿي بيهن ٿيون (جيڪا نتشي جي هڪ خاصيت آهي). هڪ معنىٰ طنزيه آهي (جيڪا نتشي جي ٻي خاصيت آهي) ته نتشي ارسطو جي عقلي انسان (ريشنل هيومن) واري اصول جي نفي ڪندي چيو ته ماڻهو هميشه هر وقت ماڻهو آهي، صرف عقل جي ڪري نه. عقل جي ڪري ماڻهو خواهه مخواهه پيو ماڻهو ٿي گهمندو آهي. جڏهن ته عقل انساني تهذيب جي سڀ کان تازي (۽ اِن لحاظ کان ڪمزور) تخليق آهي، جنهن تي اُن جو انحصار گهٽ هئڻ بدران ويتر وڌيڪ آهي ۽ اِهو اُن جي تباهي ۽ سندس حيات دشمن ڪِرت جو ڪارڻ آهي. نتشي جي عقل، شعور، دليل، مدلل خيال (پوءِ چاهي اُهي سياست، سائنس يا فلسفي جي ٻوليءَ ۾ ڇو نه سمجهيا ۽ رکيا وڃن) ايتريقدر جو ٻوليءَ تي ٻه تنقيد هن سموري ڪتاب ۾ ڪٿي سهيڙيل ته ڪٿي پکڙيل آهي. ٻي معني هاڪاري آهي (جيڪا نتشي جي ٽيئن خاصيت آهي) ماڻهو اُهو آهي جيڪو پاڻ کان مٿيرو ٿئي. سندس چوڻ آهي ته " تنهنجي حقيقي ذات، تنهنجي اندر ۾ نه پر تنهنجي گهڻي مٿان هوندي آهي" ماڻهپو ڪنهن حياتياتي نسل يا ڪنهن خاص صورت جو نالو ڪونهي. ماڻهو يا ماڻهپو هڪ معيار آهي ڪو انگ يا ڪو مقدار ٻه ڪونهي، ماڻهپو طاقت لاءِ ارادي جي ساڻائي نه پر سگهائي آهي، يا ٻين لفظن ۾ ماڻهپو هميشه حال کان گهڻو هئڻ جي خواهش، تمنا، لاشعوري ڇڪ، جستجو، اُڻ تڻ، ڪوشش آهي. (سندس فوق الانسان جو تصور)

• Fabian: فيبئين. اِشتراڪي يا فيبئين سوسائٽي اڻوهين صديءَ جي پڇاڙي (1884) جي هڪ برطانوي سُڌارپسند تنظيم آهي جيڪا سوشلزم کي ٻنا ڪنهن انقلاب جي صرف آهستگيءَ سان ايندڙ جمهوري سُڌارن ذريعي حاصل ڪرڻ گهرندي هُئي. تنهن ڪري اهڙين اشتراڪين کي گريجوئلسٽ پڻ سڏيو ويندو هو.

• Teleology: هڪ اهڙو نظريو جيڪو واقعن ۽ عملن کي قطعي نتيجن يا پڇاڙيءَ سان جُڙيل سمجهندو آهي.

• مابعد طبعيات (Metaphysics): فلسفي جي اُها شاخ جيڪا هوند، وجود ۽ دنيا جي فطرت جي سمجهاڻيءَ سان واسطو رکي.

• ڪارڻيت (Causality): سبب ۽ نتيجي جو هڪ اهڙو مسلسل عمل جنهن ۾ هڪ

شئي ڪنهن ٻي شئي جو ڪارڻ بڻجندي هُجي. هڪڙا فيلسوف ڪارٽيت کي شين وچ ۾ هڪ اٽر معروضي رشتو قرار ڏين ٿا جڏهن تہ ٻيا ان کي شين وچ ۾ رشتا فرض ڪندڙ انساني ذهن جي موضوعي خاصيت طور ڏسن ٿا. بهرحال ڪارٽيت جي حق ۾ ۽ ان خلاف فيلسوفن جا خيال دنيا جي حقيقت بابت گهٽي سمجهاڻي ڏين ٿا.

- Genealogy: جينيالاجي. نسب نامو. ٻڻ بڻياد شجرو
- Power to Will: (قوت لاءِ اِرادو): اِهو خيال نٽشي جي فلسفي جي بنيادي ڪيٽيگورين (ڪُلي تصورن) منجهان هڪ آهي. نٽشي اهو تصور شروع ۾ شوپنهار (زندگيءَ لاءِ ارادو) کان ورتو پر اُن کي گهڻو تبديل ڪري، هاڪاري بڻائي پوءِ وڌايو. نٽشي لاءِ زندگيءَ کي هائو ڪرڻ معنيٰ قوت لاءِ ارادي کي هائو ڪرڻ هو. هُن قوت لاءِ ارادي کي حياتي جي بنيادي مُحرڪ طور ڏٺو ، جنهن کي ماڻهو پنهنجي ماحول ۽ اوليتن جي حساب سان ڪا شڪل ڏيندا آهن. ڪنهن سائنسدان جي ايجاد، سياستدان جي مزاحمت، ڪنهن فنڪار جي تخليق، ڪنهن عاشق جون پنهنجي يار جي وصال لاءِ ڪوششون، تان جو ڪنهن امير ماڻهوءَ جي دولت گڏ ڪرڻ پُٺيان بہ اِهو ئي مُحرڪ هوندو آهي. اهڙي ريت نٽشي قوت لاءِ اِرادي جي مُحرڪ کي حياتياتي، نفسياتي ۽ فلسفياڻي دائرن ۾ بہ سمجهائي ٿو. اِن کان علاوه نٽشي مطابق اِهو ئي مُحرڪ اسان جي اخلاقي قدرن جي بنياد ۾ پڻ هوندو آهي. غلام اخلاقيات ۾ ان جو اظهار منافقاڻي انداز ۾ اٽسڌي ريت ۽ آقائي اخلاقيات ۾ تخليقي ۽ سڌي ريت ٿيندو آهي. مثال طور نٽشي جو هڪ ٻيو اهم تصور "فوق الانسان" جو جنم يا ظهور، ان "قوت لاءِ ارادي" جي لاشعوري ۽ مبهم مُحرڪ جو شعوري ۽ واضح اظهار آهي.
- سورين ڪرڪيگارڊ (1813-1855): اڻويهين صديءَ جو هڪ اهم ڊينش فيلسوف، شاعر، سماجي نقاد، مذهبي عالم. کيس "وجوديت جو ابو" سڏيو ويندو آهي. هُن هڪ ئي وقت ۾ فلسفي، مذهب، نفسيات، ادب سميت ٻين ڪوڙ سارن موضوعن تي گهڻو لکيو ۽ پنهنجي پوئين کي متاثر ڪيو ۽ اڄ بہ ڪندو رهي ٿو.
- انارڪزم: هڪ اهڙو سياسي نظريو جيڪو سموري طاقت، هڪ هٿي، مٿان کان مڙهيل ضابطي ۽ ڍانچي تي قطعي سوال اٿاريندو آهي ۽ اُن سان گڏ رياست کان آجي هڪ خود نظمي سماج جو خيال اڳيان ڪندو آهي. ڪلاسيڪي انارڪزم ۽ ڪلاسيڪي اشتراڪيت جو دور فرانسيسي انقلاب کانپوءِ اڻويهين صديءَ ۾ شروع ٿئي ٿو. ميڪس اسٽرنر، پروڌان ۽ باڪونن ان رجحان جا مها ڪلاسيڪي ڏاها سمجهيا ويندا آهن. انارڪسٽن جي مزاحمت جي تاريخ شڪاگو جي تاريخي پورهيت مزاحمت کان وٺي پيرس ڪميون تائين ۽ اسپيني خانہ جنگي کان وٺي هيل جي عالمي تحريڪن تائين، پکڙيل آهي. سهيوڳي دور جو حال

حيات آمريڪي ڏاهو ۽ لِسانيات جو ماهر نوم چومسڪي پڻ پاڻ کي آنارڪو سنديڪلسٽ سڏيندو آهي. مارڪس ۽ بعد جي دور جا مارڪسسٽ اِن رجحان کي غير تاريخيت، موضوعيت پسندي ۽ آزادخيالي سان پيٽيندي، مٿس تنقيدي پڻ ٿيندا رهيا آهن.

• **مابعد جديديت (Postmodernism)**: اِهو اصطلاح ويهين صديءَ جي پوئين حصي ۾ استعمال هيٺ آيو. مابعد جديديت جي تعريف تي تہ خود ان رجحان جا مفڪر پاڻ متفق ڪونہ ٿيندا آهن پر تنهن باوجود چئي سگهجي ٿو تہ اِهو هڪ اهڙو عملي ۽ فڪري رجحان آهي، جيڪو فلسفي، فن، تنقيد ۽ فن تعمير جي دائرن مان اُسريو ۽ جديديت جي سمجهہ ۽ قدرن مٿان تنقيدي ٿيندي، تاريخ، انسانيت، سچ ۽ حقيقت جهڙن تصورن کي پيچي پور ڪرڻ شروع ڪيو. جين بادريلارڊ، دريده، فوڪو، ليوتارڊ ۽ رچرڊ راٽري ان رجحان جا ڪجهہ اهم نالا آهن. ان رجحان وحدت ۽ هيڪڙائي کي رد ڪري ڪثرت ۽ ٽوڙ ڦوڙ تي زور ڏنو ۽ ٻڌايو تہ سماج ۾ معروضي ۽ ڪائناتي سچ يا وڏا بيانيا (مارڪسزم، فرائيڊزم، مذهب وغيره) ٿيندا ئي ڪونهن. اهڙي ريت اِن رجحان قطعيت تي قطعي طور تنقيدي ٿيندي، نسبتيت (Relativism) جي رجحان کي سگهو ڪيو. توڙي جو اِن رجحان جديديت تي تنقيد ڪندي، ڪجهہ بهتر پاسن ڏانهن پڻ نشاندهي ڪئي پر ٿُلهي ليکي اهو آگنان واديت (Agnosticism) کي نئين سِر جيئرو ڪندڙ هڪ رُجعتي رُجحان آهي. جيسيتائين اِن فڪر جي مادي بنيادن جو سوال آهي تہ مابعد جديديت کي مارڪسي ڏاها مابعد فورڊازم يا مابعد صنعتي سرمائيداريءَ جو فڪر سڏين ٿا.

• **آزاد روح**: اُنَ ماڻهوءَ کي ئي آزاد روح سڏجي ٿو، جيڪو توقع جي اُبتڙ سوچي سگهي، هڪ اهڙي توقع جي اُبتڙ، جنهن جو آڌار اُنَ جي ٻڻ ٻٽياد، ماحول، طبقي ۽ سندس دور جي خيالن تي هوندو آهي. (ڪتاب: "ماڻهو مڙئي ماڻهو گهڻو" 2008)(225)

نتشي جو "آزاد روح" اُهو آهي جيڪو لاڪان جي سمجهايل "ٻي وڏي" (خدا، پيءُ، قانون، روايت، ضمير) کان آزاد ٿئي ٿو. ان جي نتيجي ۾ هڪ آزاد روح ئي پاتال (جڏهن سماج ۽ ثقافت پست هجن) ۾ رقص ڪرڻ جي قابل هجي ٿو. هڪ "آزاد روح" ماڻهو اُنهن خاصيتن جو مالڪ آهي جن کي نتشي ساراهي ٿو. "خيال ۽ عمل ۾ خودمختيار، شعوري طور سگهو، بهادر، خواهشن سان ٽُب تار، جوشيلو سچ جو متلاشي، جيڪو بي رحم ٿي سگهي ۽ جنهن وٽ مناظري جو فن هجي. وغيره".

آزد روح جو تصور نتشي جي هڪ ٻي بنيادي تصور "فوق الانسان" جي گهڻو ويجهو آهي. فوق الانسان اُهو خيالي معيار آهي جنهن تائين آزاد روحن کي رَسڻو هوندو آهي. نتشي اِنهن ٻنهي کي مستقبل جو انسان سڏي ٿو ۽ پاڻ کي انهن جو پيغمبر. نتشي لاءِ روح جي آزادي جا بہ جهڙوڪ ڪجهہ ڏاڪا آهن. سندس چوڻ

آهي تہ "ٻولي ۽ فوق الانسان جي وچ واري رسي ماڻهو آهي". پنهنجي ڪتاب "بقول زَرتُشت ۾ هو روح جي اوسر جي ڏاڪن کي جنهن قدر ڇنڊي ٿو، اُن مطابق اُٺ، جيڪو سدائين بار کڻي پيو هلندو آهي، ۽ هر حڪم، يعني "تون ڪندين" جي پوئيواري ڪندو آهي سو پهريون ڏاڪو آهي. اسان ڏسون ٿا تہ اِها ئي هر عام ۽ غلام روح جي ڪرت هوندي آهي. اُٺ جڏهن ريگستان جو رُخ ڪري ٿو تہ اُتي ڪنهن قدر آزادي ماڻي ٿو ۽ شينهن ٿي پئي ٿو جيڪو "تون ڪندين" واري حڪم جي بلا سان وڙهي ٿو. ائين اُن جو روح آزادي ۽ اڪيلائي جو معراج ٻڌجي ٿو. اڳيان هلي اِهو خيال آزاد روح جو تصور وٺي ٿو ۽ ايئن آخر ۾ "تون ڪندين" نالي بلا جي خاتمي سان روح آخري ڏاڪي تي نج نبار ٻار ٿي پئي ٿو جيڪو معصوميت، ويسر، جذبي ۽ عمل جي هيڪڙائي ۽ نئين امڪاني تخليقن جو بنياد ٿي پئي ٿو. بلڪل ايئن ئي جيئن ۽ جڏهن ڪو آزاد روح ماڻهو فوق الانسان ٻڌجي ٿو تہ نہ صرف پنهنجي لاءِ پر ڪُل جڳ لاءِ قدرن جي نئين سر قدرسازي ڪري ٿو.

- دريده ۽ ٽوڙ ڦوڙ: جيڪس دريده (1930-2004) آلجيريا ڄائو فرانسيسي فيلسوف آهي. جنهن کي مابعد هئيت (post structuralism) ۽ مابعد جديديت (post modernism) جي اهم ڏاهن منجهان هڪ سمجهيو وڃي ٿو. هئيت پسندن (structuralists) جو جيڪڏهن اِهو چوڻ هو تہ ادب سميت انساني ثقافت جي سمورن عنصرن کي علامتن جي هڪ مربوط نظام جي هڪ حصي طور سمجهي سگهجي ٿو تہ اُن جي جواب ۾ 60 جي ڏهاڪي دوران دريده ٽوڙ ڦوڙ (deconstruction) جو خيال ڏنو ۽ سمجهايائين تہ اولهہ جي ثقافت ۾ هر تضاد يا ٻيائي (اڇو ڪارو، مرداڻو زنانو، سبب نتيجو، هوند اڻهوند، شعور لاشعور، ڳالهہ ٻولهہ لکت، وغيره) ۾ هڪ پاسي کي هاڪاري يا اعلي ۽ ٻي کي ناڪاري يا ادني ڪري ڪنيو ويندو آهي. هاڻ حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻيائي جي هيڪڙائي کي ٽوڙجي تہ جيئن ڪنهن هڪ پاسي جي روايتي ضابطي ۽ اوليت منجهان جان ڇڏائي سگهجي يا اُن تي سوال ڪري سگهجي. ايئن سندس چوڻ هو تہ هر لکت يا مواد کي جيڪڏهن غور سان پڙهبو تہ منجهس تضاد ظاهر ٿي پوندا. لفظ ۽ انهن جي معنائن منجهہ فرق آهي ۽ رهندو. هُن جو خيال هو تہ لفظ نسبتي آهن ۽ انهن جي معني بہ.ٻين لفظن ۾ ٻولي ۽ معروضي حقيقت ۾ تعلق لازمي نہ پر اتفاقي هوندو آهي. بهرحال ٽوڙ ڦوڙ جو اهو نظريو صرف لکت پڙهائي يا ادب تائين محدود ڪونهي پر اهو خيال قانون، علم الانسان، لسانيات، تحليل نفسي ۽ سياسيات تائين گهڻن شعبن منجهہ استعمال ٿيو ۽ اُتي پنهنجا اثر ڇڏيا. ساڳي وقت اِهو پڻ ذهن ۾ رکجي تہ ٽوڙڦوڙ جو نظريو ڪا پهرين ٿيوري ڪونهي جيڪا جُزيات تي زور ڏئي ڪُل تي سوال اٿاري ٿي.
- logocentrism: لوگوسينٽرازم. اولهہ جي سائنس ۽ فلسفي منجهہ اُهو رجحان

جيڪو لفظن ۽ ٻوليءَ کي معروضي حقيقت جو اظهار سمجهي ٿو.

• Hyper-reality : اضافي حقيقت: سڀ کان پهرين جين بادريلارڊ (1929-2007) نالي فرانسيسي فيلسوف اِن اصطلاح کي استعمال ڪيو. ان منجهان سندس مراد اِها هُئي ته حقيقت جيڪا انسان هاڻ پسي پيو سا ميڊيا، ٽيڪنالاجي ۽ علامتن جي تمام گهڻي اثر جي ڪري تمام گهڻو بدلجي اضافي ٿي وئي آهي. يعني اها نقلي يا علامتي حقيقت آهي، جيڪا اصل حقيقت تي اِن سطح تائين غالب پئجي وئي آهي جو شعور لاءِ حقيقت ۽ حقيقت جي علامت ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. هاليوڊ جي مشهور فلم ميٽريڪس پڻ اهڙي قسم جي ٻن حقيقتن يا دنيائن ۽ انهن جي لڦائن تي آڌاريل آهي.

• لدوگ وٽگنسٽائين (1889-1951): آسٽريا جو ڄاڻو وٽگنسٽائين ويهين صديءَ جو اهم فيلسوف هو. هو پاڻ آرٿر شوپنهار ۽ برٽينڊرسل کان گهڻو متاثر هو. شعبي جي لحاظ کان هو هڪ انجينئر ۽ رياضي دان هو پر فلسفو سندس چاهه هو. پنهنجي پهرين ڪتاب ۾ دور ۾ هُن دنيا، خيال ۽ ٻوليءَ جي رشتي کي نئين انداز سان ڏسڻ لاءِ اتساهيو ۽ ايئن فلسفي جي فطرت کي سمجهايو. هُن روايتي فلسفي جي سوالن ۽ مونجهارن تي گهڻو لکيو ۽ ڪيس لڳو ته هُن اُهي حل ڪري ڇڏيا ۽ ايئن ڪجهه عرصو فلسفي کان پري ٿي ويو. پوئين دور ۾ ڪجهه سوالن کي اڃا باقي سمجهندي، هُن پنهنجي خيالن کي ويتر رواجي سرشتي کان ڌار ڪري پيش ڪيو ۽ روايتي فلسفي تي اڃا گهرائي سان تنقيدي ٿيو. وٽگنسٽائين جو اهم ڪم ۽ ٻيون ڪتاب "فلسفياڻي ڇنڊڇاڻ" سندس موت کان پوءِ ڇپجي ظاهر ٿيو. سندس خيالن جا وڏيڪ اثر تجزياتي فلسفي (analytic philosophy)، لسانياتي فلسفي (linguistic philosophy)، تحليل نفسي (psychoanalysis) ۽ فن جي مختلف دائرن تي پيا.

• مارٽن هيڊيگر (1889-1976): جرمني ڄائو هيڊيگر ويهين صديءَ جو هڪ ٻيو اهم فيلسوف هو. هُن وجود جي سوال تي تمام گهڻو لکيو ۽ سندس ڪم مظهريات ۽ وجوديت جي فلسفي سان ويجهو رهيو. سندس اهم ڪتاب "وجود ۽ وقت" (being and time) هو. نازي پارٽي ۾ شموليت ۽ فاشي سياست کي ڪنهن قدر نظرياتي جواز پيش ڪرڻ سبب هو سخت تنقيد هيٺ آيو ۽ ايئن سندس فلسفياڻو قد ڪاٺ به متاثر ٿيو پر پوءِ به سندس خيال سموري يورپ تائين ڦهليا. هيڊيگر جي خيالن جا اثر فلسفي ۽ ان جي مختلف رجحانن تائين محدود ڪونه هئا پر هُن پنهنجي همعصر ۽ بعد جي دور جي ادبي تنقيد، دينيات، نفسيات ۽ ادراڪي سائنس کي به متاثر ڪيو.


kaptan abro

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪانئُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)